ماهوار مئگزين

# همسري

حيدرآباد

جنوري 2019



## ملڪي سياسي منظرنامي تي اثر ڇڏيندڙ
## ٻه اهم سياسي اڳواڻ






Shop #320 ,

Level-3 Park Towers, Karachi

0213-5876912, 5876913

## سٽاءُ


ايڊيٽوريل ........ 04

**راءِ ۽ تبصرا**

همسريءَ ۾ همسفر ٿي ........ 05

**ادب**

سائين جي.ايم سيد هڪ عظيم مفڪر ........ مسلم شميم 6

فضل قاضي سليمان جا ٽي ادبي املھ ڪتاب ........ گل محمد عمراڻي 11

ادب جي تاريخ ........ ڊاڪٽر پيار علي جتوئي 13

**سماجيات**

ور ۾ پوليس اهلڪارن هٿان معصوم نياڻي چو ماري وئي؟ ........ عاجز انور لاشاري 15

ٽيڪنيڪل تعليم جي اهميت ........ سرمد کوسو 16

درد جو سفر (يادگيريون) ........ خواجه غلام علي کوساڻي 17

پوپاگيري جي ور چڙهيل سماج ........ ليکراج ميگهواڙ 18

معاشرتي بيحسي ........ عبدالغني شر 19

**سلسليوار ناول**

رنگ گرهڻ ........ ضراب حيدر 20

**انٽرويو**

سياسي اڳواڻ اياز لطيف پليجي کان انٽرويو ........ زاهده ابڙو 23

**آن لائن وٿ ارم**

بيدل مسرور ........ ارم محبوب 29

**اڪري سئو وڪري**

شاهه لطيف بيت، پهاڪو، مختصر ڪهاڻي، نظم ........ 30

**رپورٽ**

سي ايڊ ڄامشورو ۾ ساليانو ڊگري شو ........ لطيف گاد 31

**ڪهاڻيون**

پريس ڪانفرنس ........ ڊاڪٽر اعجاز سمون 32

خفيه هٿ ........ انور شيخ 36

**شاعري** (نظم، غزل، گيت، نثري نظم) ........ 37

**ٽريولاگ**

وينس وينگس آهي ........ اعجاز منگي 39

نيو يارڪ ۾ نوَ ڏينهن ........ زاهده ابڙو 41

**ڪتاب تي تبصرو**

اڪ نماڻي ڪجل سڏڪا ........ اصغر شر 44

**پروفائل**

ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار امر جليل ........ مدهوش مير 45

**پينٽنگ** ........ وحيد پنو 46



Regd. No: 3160-A

ماهوار مئگزين

**همسري**

حيدرآباد

A.B.C CERTIFIED

مئنيجنگ ايڊيٽر:

**ڊاڪٽر شمس صديقي**

ايڊيٽر:

**زاهده ابڙو**

جوائنٽ ايڊيٽر:

**ارم محبوب**

سب ايڊيٽر:

**لطيف گاد**

خصوصي عيوضي:

**محمد راهب ڳاهو**

سوشل ميڊيا ڪوآرڊينيٽر:

**علي کهاوڙ**

مئنيجر مارڪيٽنگ:

**غلام سرور (شيخ سنڌي)**

سرڪيوليشن مئنيجر:

**قمر ٽگڙ**

ڪمپوزنگ:

**سليم سولنگي**

ڊيزائن ۽ لي آئوٽ:

**رابيل عزيز**

سول ڊسٽريبيوٽرز:

**راڄپر برادرز**

آفيس ائڊريس:

بي -49 شريف اسڪوائر

حسين آباد حيدرآباد سنڌ.

فون: 022-3820363

فيڪس: 022-3820363

اِي ميل: humsari.sindh.pk@gmail.com

ويب سائيٽ: www.humsari.com

Volume: 05
Number: 1
January 2019
Regd. No: 3160-A Copr.

قيمت: =/100 رپيا

هي پرچو زاهده ابڙو
خوشبو پرنٽنگ پريس حيدرآباد تان
ڇپائي پڌرو ڪيو.

ايڊيٽوريل

# جي. ايم سيد ۽ زيڊ. اي ڀٽو
# پاڪستان جون سياسي اثر رکندڙ شخصيتون

تاريخ جو عجيب اتفاق آهي ته جي ايم سيد سنڌي مسلمانن جي خوشحالي لاءِ 1943ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ مان پاڪستان جو ٺهراءُ پاس ڪرايو ۽ ويهين صديءَ جي ستر جي ڏهاڪي ۾ ذوالفقار علي ڀٽو سياست کي ڊرائنگ روم کان ٻاهر ڪڍي آيو. هلندڙ ملڪي سياست جي منظر نامي ۾ جي ايم سيد ۽ زيڊ اي ڀٽي جو سياسي فڪر هينئر به وڏي اهميت رکي ٿو. ان لاءِ اسان کي تاريخ جي آئين ۾ جهاتي پائڻي پوندي. جي ايم سيد جنهن پاڪستان جي ٺاهڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو، هن سنڌ جي ماڻهن کي پنهنجي سنڌي هجڻ جي سڃاڻپ ڏني ۽ سنڌ جي عوام اندر اهو احساس پيدا ڪيو ته هو سنڌو ماٿريءَ جي پنج هزار سال پراڻي تهذيب جا وارث آهن. هن سنڌي ماڻهن ۾ اها سجاڳي پيدا ڪئي ته سنڌي ان ڌرتيءَ جا ڄاوا آهن، جن جي سياسي ۽ سماجي سوچ تي ڪيترن ئي مذهبن ۽ ثقافتن جو اثر رهيو آهي. جي ايم سيد سنڌ جي ماڻهن کي مذهبي انتها پسنديءَ کان بچائڻ لاءِ تصوف ۽ مذهبي رواداريءَ جي پرچار ڪئي، اهو ئي سبب آهي جو سنڌ جي سياست ۾ ڪيترائي لاها چاڙها ايندا رهيا آهن پر سنڌي سماج اڄ به مذهبي رواداريءَ جو رويو رکي ٿو.

ذوالفقار علي ڀٽو هڪ سحر انگيز شخصيت جو مالڪ هو، هن سنڌ جي غريب عوام کي سياسي شعور ڏنو ۽ منجهن اهو احساس پيدا ڪيو ته سندن مسئلا عوامي ۽ جمهوري سياست ئي حل ڪري سگهي ٿي. ذوالفقار علي ڀٽو هڪ اهڙو عوامي رهنما هو جيڪو عوام کي روڊن ۽ رستن تي وٺي آيو. سندس پارٽيءَ جو نعرو ”روٽي، ڪپڙا اور مڪان“ سياست جي ميدان ۾ عام ٿيو. پيپلز پارٽي سنڌ جي نمائندا پارٽي بڻجي وئي. ڀٽو حڪومت دور ۾ سنڌ ۾ وڏي تعداد ۾ مڊل ڪلاس پيدا ٿيو ۽ اڄ سنڌ جو ماڻهو ڪنهن نه ڪنهن ريت پاڪستان جي ٻين صوبن جي مقابلي ۾ بيٺل نظر اچي ٿو. ڀٽو جي ذهانت هن خطي ۾ انقلاب آڻي ڇڏي ها جيڪڏهن کيس هڪ آمر ڦاسيءَ تي نه چاڙهي ها ته يقينن سنڌ جي تقدير کي به بدلائي ڇڏي ها.

مٿي ذڪر ڪيل بيانيي کي تاريخي پسمنظر ۾ ڏسجي ته هڪ ٻيو عجيب اتفاق سامهون نظر اچي ٿو. جي ايم سيد جو پاڪستان ٺاهڻ ۾ اهم ڪردار هو ته ڀٽي باقي رهيل پاڪستان جي اندر تعمير ۽ ترقي لاءِ هڪ اهم ڪردار ادا ڪيو. ڪنهن به ملڪ جي ترقيءَ لاءِ آئين هڪ بنيادي حيثيت رکي ٿو، ڀٽي کي به آئين ٺاهڻ جي تاريخي ذميداري پوري ڪرڻي هئي. ان مقصد لاءِ ڀٽي کي جي ايم سيد جي مدد جي ضرورت پئي، پناڻن ۽ بلوچن سان سمجهوتو ٿيو، آخرڪار 1973ع جو آئين ٺاهيو ويو، پر ملڪ جون ٻه آمر شخصيتون تقريبن ڏهه ڏهه سال حڪومت ڪرڻ ڪانپوءِ به 1973ع جي آئين کي ختم نه ڪري سگهيون. نيٺ 2008ع جي اليڪشن تي ۽ پيپلز پارٽي اقتدار ۾ آئي ۽ پاڪستان جي چونڊيل نمائدا پارٽين جي گڏيل اتفاق سان پارليامينٽ مان 18 هين ترميم پاس ڪرائي ۽ صوبن کي اختيار ڏيئي حقيقي جمهوريت طرف هڪ قدم اڳتي وڌايو.

هن وقت وزيراعظم عمران خان کي تاريخ هڪ موقعو فراهم ڪيو آهي ته هو آمريڪي سينيٽ جيان پاڪستان جي سينيٽ کي بااختيار بڻائي ته جيئن هي ملڪ معاشي ترقي سان گڏ سياسي استحڪام به حاصل ڪري سگهي.

# همسري ۾ همسفر ٿي
# آءُ ونديون خيال دل جا

خط جي متن سان ايڊيٽر جو متفق هجڻ ضروري نہ آهي

## سنڌ حڪومت کي دانهن
## امر خورشيد/حيدرآباد

مان سنڌ حڪومت کي عرض ٿي ڪريان تہ هن وقت منهنجو گهروارو ماڪن شاهہ رضوي جيڪو هڪ ليکڪ، محقق ۽ ڊرامہ نويس آهي تمام گهڻو بيمار آهي ۽ سندس حالت اهڙي آهي جو هو ڪنهن بہ ڪم ڪرڻ جي قابل نہ آهي. آئون سنڌ حڪومت ۽ ثقافت کاتي کي پنهنجي گهرواري جي علاج لاءِ درخواست ٿي ڪريان. ان کان علاوه آئون ان ڳالهہ جي گذارش ٿي ڪريان تہ مون کي سنڌ ثقافت کاتي اندر يا سنڌي لئنگويج اٿارٽي ۾ جتي آئون پهرين بہ پراجيڪٽن ۾ ڪم ڪندي رهي آهيان مستقل بنيادن تي منهنجي صلاحيتن مطابق ڪا نوڪري ڏني وڃي تہ جيئن آئون پنهنجي ٻن پٽن جي تعليمي خرچن ڪي ۽ پنهنجي گهر جي خرچن کي پورو ڪري سگهان.

***

## "بيروزگاري هڪ ناسور"
## سميع ڪيهر/ڳوٺ آگاٽي لاڙڪاڻو

اسان جي سماج ۾ بيروزگاري هڪ ناسور بڻجي چڪي آهي. اڄ جو هرهڪ نوجوان بيروزگاري جي ور چڙهيل آهي. نوڪريون آهن ڪونہ ۽ انهن تائين رسائي وڏن ماڻهن جي آهي، جيڪي پنهنجي اولاد کي اعليٰ تعليم ڏياري وڏن عهدن تائين پهچائين ٿا، پر غريب نوجوان ڪيڏانهن وڃي. جنهن وٽ ڪابہ سفارش نہ آهي، انهن نوجوانن لاءِ شفافيت ذريعي روزگار جا ذريعا مهيا ڪيا وڃن تہ جيئن اهي بہ سٺي زندگي گذاري سگهن.

***

## ڊاڪٽر پرڏان روپچند/ٽنڊوالهيار

ڊسمبر جو همسري مليو، هميشہ ڪيترين ئي نيون ڳالهيون اسان کي ٻڌائي ٿو. هن دفعي پيار علي جتوئي بہ مون جهڙن مجهول انسانن کي ادب جو سبق سيکاري ويو، دماغ تان ڪٽ چڙهيل لاهي، صاف نئون رستو ڏيکاريو آهي. باقي هر شمارو پنهنجو مٽ پاڻ آهي. توهان نيو يارڪ گهمي دنيا ڏسي آيا، اسين هتي گڏڙ وانگر پنهنجي ڏر ۾ پيا گذاريون. انٽرويو، ڪهاڻيون، اڪري سٺو وڪري سڀ نيڪ هوندا آهن پر قسط وارا مضمون بور آهن، نٿا نهڪن.

***

## فائزا حيدر برهماڻي/سيوهڻ شريف

همسري مئگزين گذريل هڪ سال کان پابندي سان ملي رهيو آهي. شروع وارن ڪجهہ پرچن ۾ پنهنجي عدم دلچسپي سبب پڙهڻ کان محروم رهيس پر پوءِ اڳتي هلي آهستي آهستي مئگزين کي پڙهڻ شروع ڪيم. ابتدائي ڏينهن ۾ تہ مختصر پڙهندي هئس پر مئگزين ۾ موجود معياري مواد ۽ دلچسپ معلومات سبب هاڻي همسري مئگزين پابندي سان پڙهڻ جي عادت پئجي وئي آهي ۽ ان کان وڏيڪ ڳالهہ جيڪا چڱي ۽ اهم ڳالهہ جنهن مون کي لکڻ تي اتساهيو اهو هو توهان جا گذاريل "نيو يارڪ ۾ نو ڏينهن" جنهن مون کي خط لکڻ تي مجبور ڪيو. ڇو تہ اسان جنهن سماج ۾ رهو ٿا اهو تمام گهڻو ٻوساٽيل ۽ تنگ نظر آهي، جنهن ۾ عورت جي پڙهڻ تي بہ آڱريون کڄنديون آهن ۽ ٻاهر نڪرڻ تي بہ انيڪ اڏنگا ناقابل فهم سوال اٿندا آهن، پر ان سڄي صورتحال جي باوجود توهان جو لکڻ پڙهڻ ۽ پنهنجي اولاد کي بہ هڪ جهڙا برابري جي بنياد تي موقعا فراهم ڪرڻ سچ پچ تہ ٻين ڇوڪرين ۽ عورتن جي لاءِ هڪ نئين سجاڳپ ۽ اڳتي اچڻ ۽ پنهنجي سڃاڻپ پاڻ ڪرائڻ لاءِ هڪ نئون گس ۽ هڪ نئون پيچرو آهي. مان سمجهان ٿي تہ توهان جو هي مئگزين مون جهڙين ڪوڙ سارين ڇوڪرين جي لاءِ اتساهہ جو سبب ۽ شعوري لاٽ ٻارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. آخر ۾ هڪ گذارش زندگي ۾ پهرين ڀيرو ڪنهن مئگزين ۾ خط لکي رهي آهيان، اميد تہ هن کي ايندڙ نئين پرچي ۾ شايع ڪري منهنجي همت افزائي ڪندا.

***

## همسري مئگزين جي ڪاميابي بابت نماڻي راءِ
## محمد وارث عباسي/قاسم آباد حيدرآباد

نهايت ئي ادب، احترام، نيازمندي سان اهو نماڻو عرض ڪجي ٿو تہ خط جي تفصيل لکڻ کان اڳ ڪجهہ اڳوڻين ڳالهين کي تازو ڪجي ٿو. انهن اڳوڻين ڳالهين جو مختصر تفصيل هن ريت آهي تہ مون بہ خط تاريخ 11-10-2016 ۽ 13-10-2016 اوهان جي خدمت ۾ بذريعہ پوسٽ پيش ڪيا هئا، جنهن ۾ جناب مشتاق ميراڻي، سليم چنا جي لکيل مضمونن جي واکاڻ ڪئي هئي ۽ پروفيسر ڊاڪٽر سيد مهتاب شاهہ جي انٽرويو جي بہ تعريف ڪئي هئي جو انهن مضمونن ۽ انٽرويو منهنجي من کي موهي ڇڏيو هو. ايڊيٽر صاحبہ وڌيڪ عرض تہ اوهان جي مئگزين مهينو نومبر سال 2018 واري شماري ۾ اوهان منهنجي ڪتاب "سنڌ اقتدار ۽ مفاد" تي لکيل جناب گل محمد عمراڻي صاحب جو لکيل تنقيدي جائزو شايع ڪيو هو ان لاءِ آئون اوهان جو ٿورائتو آهيان. ان کان علاوه توهان منهنجو آرٽيڪل "ملڪ ۾ جمهوريت جي نالي قرباني ڪنهن ڏني" جي عنوان سان شايع ڪيو هو، پڙهي بيحد خوشي ٿي. مون کي مئگزين ۾ شايع ٿيل سمورو مواد پسند آيو. اوهان جي محنتن ۽ مواد جي ڪري اوهان جو مئگزين ٿوري ئي عرصي اندر ڪاميابيءَ جي منزل تي پهچي چڪو آهي. اوهان جي مئگزين جي صفحي نمبر 44، 45 ۽ 46 تي اوهان جو شايع ٿيل سفر نامون "نيو يارڪ ۾ نو ڏينهن" جي عنوان سان جيڪو شايع ٿيو هو ان جو دل جي گهرائي سان اڀياس ڪيم، ڪالم بيحد پسند آيو جو اوهان نيو يارڪ جي 9 ڏينهن جو جيڪو سفر ڪيو، اتي جي دلچسپ ۽ وڻندڙ حالتن کان آگاهہ ڪيو، پر ان ڪالم ۾ مون کي جيڪا ڳالهہ وڌيڪ پسند آئي اها اهي سنڌي لفظن ۽ جملن جي جوڙجڪ ۽ گرامر جي پابندي سان بيهڪ.

***

## منور علي "منور" ڪيهر/ڳوٺ آگاٽي لاڙڪاڻو

همسري ڊسمبر 2018 جو پرچو وقت تي مليو. ڊاڪٽر پيار علي جتوئي جو مضمون "مذهبي نظريا ۽ فڪر" ۾ پولي ٿيئزم، مونو ٿيئزم، ڊيئزم ۽ اٿيئزم تي ٿورن لفظن ۾ ڄڻ تہ جامع تبصرو ڪيو آهي، پڙهي معلومات حاصل ٿي. ايڊووڪيٽ مسلم شميم جو مضمون "سنڌي شاعريءَ ۾ ترقي پسنديت جي روايت" مضمون انهيءَ ڪري وڻيجو جو صاحب مضمون سچائي کان ڪم ورتو آهي. روايتي اردو اديبن وارو رويو اختيار نہ ڪيو آهي. ڪهاڻيون، شاعري ۽ ٻيا سڀ سلسلا سٺا پيا هلن. همسريءَ جي ساري سٽ کي سلام.


ماهوار منگرين
همسري
حيدرآباد
Regd. No: 3160

# سائين جي. ايم سيد: هڪ عظيم مفڪر

تحرير: مسلم شميم
سنڌيڪار: زاهده ابڙو

”سائين جي. ايم سيد پيغامِ سنڌ جو قانون ساز ۽ اعلان ڪندڙ هو، جيڪو سنڌين جو صدين کان ورثو رهيو آهي. برهما، ٻڌمت، جين مت، زردشت، عيسائيت، اسلام يا سِک ڌرم جو دور هجي، سنڌ هميشہ Multiculture ۽ Multi Religion معاشري جي حوالي سان امن ۽ اتحاد، يعني انسان جي ترقي ۽ هڪجهڙائيءَ جو پيغام ڏنو آهي. سائين جي. ايم سيد پاڻ کان اڳ وارين شخصيتن مخدوم بلاول، شاهہ حيدر سنائي، مخدوم معين ٺٽوي، شاهہ عنايت صوفي ۽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي ورثي جي امين جي حيثيت سان ويهين صديءَ ۾ ان پيغام کي وري جياريو.“

هي سٽون سيد غلام شاهہ بخاري جنرل سيڪريٽري سنڌ يونائيٽيڊ پارٽيءَ جي عقيدت جو اظهار ٿيون ڪن. منهنجو هي مضمون انهن سٽن جي تشريح تصور ڪيو وڃي. سيد غلام مرتضيٰ شاهہ (جي. ايم سيد) ننڍي ڪنڊ جي ناميارين شخصيت هئي. جنهن پنهنجي سڄي ڄمار مسلمانن خاص طور سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ معاشي خوشحالي ۽ ترقيءَ لاءِ جاکوڙيندي وقف ڪئي. سنڌ جي روشن مستقبل لاءِ پاڻ مثالي ۽ تاريخي خدمتون انجام ڏنيون. پاڻ پنهنجي ذات ۾ هڪ ادارو هو. هو هڪ ئي وقت سياستدان، مورخ، صوفي، محقق، مقرر، نظريہ دان، دانشور ۽ با عمل سماج سڌارڪ هو. منهنجي ويچهو سندس وڏي حيثيت هڪ سيڪيولر مفڪر جي هئي. سندس سيڪيولر فڪر، سياست، تاريخداني، صوفي مسلڪ، نظريي، تحقيقي رجحانن ۽ شعوري عملي زندگيءَ جي هر پهلو تي اثر انداز نظر اچي ٿو.



ڪيترن ئي ڏاهڪن جي روايت مطابق 17 جنوري 2019 تي سندس 108 هين سالگره جي تقريب سن ۾ ملهائي ويندي. جتي سڄي سنڌ مان سيد جا هزارين عقيدتمند کيس ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ هر سال گڏ ٿيندا آهن. اهي تقريبون ڊگهي عرصي کان ٿي رهيون آهن، مان بہ ڪجهہ سالن کان انهن ۾ شامل ٿيڻ جو شرف حاصل ڪري رهيو آهيان. سائين جي. ايم سيد لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هو هڪ پيدائشي ڏاهو هو. مشهور دانشور ۽ نظريہ دان B.M Kutty پنهنجي آتو بايوگرافيءَ Sixty Years in Self Exile ۾ سيد لاءِ لکي ٿو تہ هو علم جو سمنڊ هو. مان کيسBorn Genius قرار ڏيان ٿو، ڇو تہ هو انهن شخصيتن مان هو جيڪو رسمي تعليم کان محروم هوندي بہ علم ۽ فڪر جي چوٽيءَ تي پهچي ڏينهن جي روشن سج وانگر چمڪندو رهيو. نہ رڳو پنهنجي دور جي پر ايندڙ نسلن جي شعور کي بہ منور ڪيو.

پاڻ تاريخ، سياست، ثقافت، عدالتي نظام، بين الاقوامي مسئلن ۽ ٻين موضوعن تي پنجاهہ کان وڌيڪ ڪتاب لکيا ۽ هزارين مقالا، خط ۽ تقريرون لکيائين ۽ پڙهيائين مٿي بيان ڪيل ڳالهہ کي بهتر طريقي سان سمجهڻ لاءِ ضروري آهي تہ سندس زندگيءَ جي خاڪي کي مختصر بيان ڪريان، ڇو تہ اردو دان طبقو سيد جي حالتن ۽ فڪر کان گهٽ آگاهي رکي ٿو. جنهن جو بنيادي سبب سندس حوالي سان ايوانِ اقتدار ۾ پکڙيل تعصب ۽ غلط بيانيون آهن.

جي. ايم سيد 17 جنوري 1904ع ۾ سن ۾ پيدا ٿيو، سندس نسب جو سلسلو سيد حيدر شاهہ سنائيءَ سان ملي ٿو. سورهين صديءَ ۾ سنڌ تي حملي ڪندڙ ارغونن جي حڪمراني خلاف جدوجهد ڪرڻ وارن ۾ مخدوم بلاول سمون شهيد جو پهريون خليفو هو. پهرين نومبر 1905ع ۾ سندس والد سيد محمد شاهہ کي قتل ڪيو ويو. سندس زندگيءَ جو آغاز يتيمي سان ٿيو. شروعاتي تعليم سن ۾ حاصل ڪيائين، اها ڳالهہ واضح رهي تہ ان وقت سن ڪراچي ضلعي جو حصو هو. سورهن سالن جي عمر ۾ ئي عملي سياست ۾ حصو ورتائين، يعني فيبروري 1920ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ منعقد خلافت ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي ۽ پاڻ مارچ 1920ع ۾ پنهنجي شهر سن ۾ خلافت ڪانفرنس منعقد ڪرائي. 1920ع ۾ شادي ڪيائين، 1924ع ۾ حيدرآباد ۾ منعقد سنڌ تعليمي ڪانفرنس ۾ ڀرپور حصو ورتائين. نومبر 1925ع ۾ تعلقي مانجهند لوڪل بورڊ جو صدر چونڊجي آيو جتان ڪيترن ئي ترقياتي ۽ سماجي منصوبن جي مڪمل ٿيڻ لاءِ ڪم ڪيائين. جن ۾ عورتن جي تعليم لاءِ ڪوشش قابل ذڪر آهي. جنوري 1926ع ۾ ڪراچي ضلعي لوڪل بورڊ ۽ ٿيوسافيڪل سوسائٽيءَ جو رڪن بڻيو. 1928ع ۾ ڪراچي ضلعي لوڪل بورڊ جو پهريون وائيس چيئرمين چونڊجو. ان عرصي دوران پاڻ ڪراچي شهر ۽ ضلعي جي ڀرواڙيءَ وارن علائقن جي ترقيءَ لاءِ اڻٿڪ ڪوششون ڪيون، جنهن مان ڪجهہ مثال هي آهن: شهر جي مرڪز کي اوسي پاسي جي ڳوٺن سان ملائڻ لاءِ روڊ ٺهرايا، ضلعي لوڪل بورڊ جي نئين عمارت جوڙائي جا بعد ۾ ريڊيو پاڪستان جي عمارت ڇورائي، ڪراچي ضلعي ڳوٺ سڌار ايسوسئيشن، عورتن جي فلاح ۽ بهبود جي جماعت، چوپائي مال جي حقن جي تنظيم ۽ ڪوآپريٽو انسٽيٽيوٽ جهڙن ادارن جو قيام شامل فهرست آهي. 1930ع ۾ ميرپورخاص ۾ هاري ڪانفرنس منعقد ڪرايائين، جنهن ۾ جمشيد مهتا، گوڪلي، ڄيٺ پرسرام، شيخ

عبدالمجيد سنڌي ۽ جناب غلام قادر بلوچ سان ملي سنڌ هاري ڪميٽيءَ جو بنياد رکيو. 1930ع جي شروعات ۾ انڊين نيشنل ڪانگريس جي ملڪ لاءِ آزاديءَ واري تحريڪ کان متاثر ٿي ڪانگريس کي ويجهو ٿي ويا. پاڻ بہ کاڏي پائڻ شروع ڪيائين ۽ سن ۾ کاڏيءَ جو ڪارخانو لڳرايائين. 1931ع ۾ ڀڳت سنگهہ ۽ ان جي يوٿ ليگ سان تعلق جوڙيائين. 1930ع ۾ سنڌ کي ممبئي کان ڌار ڪرڻ واري تحريڪ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيائين، جنهن جي نتيجي ۾ 1935ع ۾ گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ تحت پهرين اپريل 1936ع تي سنڌ جي ممبئي کان ڌار حيثيت بحال ٿي. 1930ع ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي ساليانہ ميلي جي موقعي تي ادبي ۽ ثقافتي ڪانفرنس ڪوٺرائڻ جي شروعات ڪئي. 1934ع ۾ سر شاهنواز ڀٽو، الهہ بخش سومرو ۽ ميران محمد شاهہ سان گڏجي سنڌ پيپلز پارٽيءَ ناهيائين. 1936ع ۾ سر حاجي عبدالله هارون ۽ الهہ بخش سومري سان گڏجي سنڌ اتحاد پارٽي جو بنياد رکيو. 1938ع ۾ مسلم ليگ ۾ شموليت اختيار ڪئي ۽ مسلم ليگ ڪراچي ڪانفرنس ڪوٺرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. 1940ع ۾ ٿوري عرصي لاءِ تعليم ۽ ليبر انڊسٽريز جو وزير بڻيو. سنڌ يونيورسٽيءَ جي قيام لاءِ ڪميٽي قائم ڪئي. سنڌي ادبي بورڊ جو قيام عمل ۾ آندائين. اسڪولن جي تعليمي نصاب ۾ رقص ۽ موسيقي کي شامل ڪرايو ۽ مزدورن جي ڪم ڪار جو وقت مقرر ڪرايو ۽ آرام جون سهولتون فراهم ڪرائڻ لاءِ قانون جوڙايا. هڪ تجويز آئي تہ مذهبي تعليم کي نصاب ۾ لازمي شامل ڪيو وڃي، ان تجويز تي جي. ايم سيد هڪ جائزہ ڪميٽي جوڙي، جنهن رپورٽ ڏني تہ مذهبي تعليم کي لازمي قرار ڏيڻ درست ناهي. ان کان اڳ ۾ شاهہ لطيف ڪلچرل بورڊ جي قائم ڪرڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو. 1940ع ۾ جواهر لال نهروءَ جي صدارت ۾ قائم ٿيل "انڊين نيشنل پلاننگ ڪميشن" جو رڪن بڻيو. انهيءَ سال 1940ع ۾ سنڌ صوبائي مسلم ليگ جو نائب صدر چونڊجي آيو ۽ ساڳئي سال صوبائي انتظامي ڪميٽيءَ جو چيئرمين بڻيو. 1942ع ۾ مسلم ليگ سنڌ جو صدر چونڊجي آيو. اها هڪ تاريخي حقيقت آهي تہ جي. ايم سيد کان اڳ ۾ مسلم ليگ چند فردن تي ٻڌل هئي ۽ ان جا اجلاس بند ڪمرن ۾ ٿيندا هئا ۽ اتي قراردادون پاس ٿينديون هيون. سيد مسلم ليگ کي هڪ عوامي پارٽي بڻايو. 1943ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ مان پاڪستان جي حق ۾ تاريخي قرارداد منظور ڪرائي. 1946ع ۾ قائداعظم محمد علي جناح سان نظرياتي اختلاف ۽ سنڌ جي حوالي سان اصولي موقف جي سزا طور کيس مسلم ليگ مان خارج ڪيو ويو. 1946ع ۾ ٿيندڙ عام چونڊن ۾ مسلم ليگ جي اميدوار جي مقابلي ۾ سيد صاحب بہ بيٺو.

واضح رهي تہ مسلم ليگ انهن چونڊن کي ڪفر ۽ اسلام جي جنگ وانگر وڙهيو ۽ هر قسم جي بيضابطگي ۽ ڌانڌلي ڪري سيد صاحب کي هارايو ويو. ان جي خلاف پٽيشن داخل ڪئي وئي. اليڪشن ٽربيونل پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ سيد صاحب جي حق ۾ فيصلو ڏنو ۽ مسلم ليگي اميدوار کي اڳتي لاءِ اليڪشن ۾ حصو وٺڻ لاءِ نااهل قرار ڏنو.

1948ع ۾ پاڻ عبدالغفار خان، عبدالصمد خان اڇڪزئي ۽ ٻين روشن خيال سيڪيولر ۽ جمهوريت پسند اڳواڻن سان گڏجي پاڪستان پيپلز آرگنائيزيشن جوڙي. هن تنظيم جو بنيادي مقصد هي قرار ڏنو ويو:

"اسان پاڪستان کي خود مختيار سوشلسٽ جمهوريتن جو اتحاد (Union of Autonomous Socialist Republics) بنائڻ چاهيون ٿا. اسان جو عقيدو آهي تہ انسانن وچ ۾ پوريءَ ريت اقتصادي برابريءَ سان ئي فطري گهرجن جو پورائو ٿيندو ۽ ان عمل ۾ روڙا اٽڪائڻ سان يا دير ڪرڻ سان انساني مصيبتن ۾ واڌارو ٿيندو. پاڪستان ۾ عوام غربت، جهالت ۽ طبقاتي بالادستيءَ جو خاتمو چاهي ٿي. عوام اقتصادي يا سياسي مٿڀرائيءَ جو خاتمو چاهي ٿي. اهو مقصد ان وقت تائين حاصل نٿو ڪري سگهجي جيستائين سڀني شهرين کي برابريءَ جي بنياد تي موقعا ۽ حق حاصل نہ هوندا."



مٿيون حوالو 1948ع ۾ پاڪستان پيپلز آرگنائيزيشن جي قائم ٿيڻ وقت سائين جي. ايم سيد جي استقباليہ تقرير مان ڪنيل آهي.

1948ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ مان سنڌي مسلمانن جون زمينون واپس ڪرائڻ جو بل پاس ڪرايو، پر نوڪر شاهيءَ جي سازش ۾ اچي قائداعظم بطور گورنر جنرل ان بل تي صحيح ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ ان ئي سال مئي 1948ع ۾ ڪراچيءَ کي چني ڌار ڪري مرڪز جي حوالي ڪرڻ جو منصوبو اڳيان آيو تہ سائين جي. ايم سيد ان جي ڀرپور مخالفت ڪئي، ان ڏوهہ ۾ کيس 18 جون 1948ع ۾ گرفتار ڪري جيل اماڻيو ويو. 1954ع ۾ سنڌ سميت

ماهوار منگزين همسري حيدرآباد Regd. No: 3160

پاڪستان ٺاهڻ وارين وحدتن بلوچستان، سرحد (خيبر پختونخواهہ) ۽ بهاولپور جي ڏار سڃاڻپ ختم ڪري پنجاب سان ملائي ون يونٽ لڳايو ويو تہ محب وطن سنڌين سان گڏجي سيد صاحب مزاحمتي تحريڪ هلائي، وري 3 نومبر 1955ع تي ڪيس گرفتار ڪيو ويو ۽ سنڌ اسيمبليءَ مان زبردستي قرار داد پاس



ڪرائي آڪٽوبر 1955ع کان، اولهہ پاڪستان کي هتردو صوبو بڻايو ويو. ان سنڌ دشمن حڪمتِ عمليءَ جو سهرو خان بهادر محمد ايوب کهڙي پنهنجي سر ٻڌو. ان سلسلي ۾ سيد صاحب 1957ع تائين قيد رهيو. 7 آڪٽوبر 1958ع تي ملڪ ۾ پهريون مارشل لا هنيو ويو ۽ 10 آڪٽوبر 1958ع تي سائينءَ کي گرفتار ڪري زندان ۾ وڌو ويو، اٺن سالن کانپوءِ 12 فيبروري 1967ع تي ڪيس آزاد ڪيو ويو.

1967ع ۾ سائينءَ "بزمِ صوفيائي سنڌ" جي نالي سان هڪ غير سياسي تنظيم جوڙي، جنهن جو سيڪريٽري جنرل جناب رسول بخش پليجو هو. ان پليٽ فارم تان سائين جي. ايم سيد شهرن ۽ ڳوٺن ۾ وڃي ماڻهن ۾ شعور، سجاڳي، حب الوطني، امن ۽ رواداري جهڙن انسان دوست آدرشن جي پرچار ڪئي. ان وقت جي حڪومت کان اهو بہ سٺو نہ ٿيو ۽ 22 جون 1967ع تي ڪيس وري گرفتار ڪيو ويو. ڪيس آزادي تڏهن ملي جڏهن 26 جنوري 1969ع تي ملڪ گير عوامي جمهوري تحريڪ کان مجبور ٿي سڀني سياسي قيدين کي آزاد ڪيو ويو.

1969ع ۾ آزاديءَ کانپوءِ پاڻ صوبائي خود مختياريءَ تي عوامي ليگ جي ڇهہ نقاطي پروگرام جي حمايت ڪئي ۽ شيخ مجيب الرحمان جي مان ۾ ڪراچيءَ ۾ عظيم الشان آجياڻو ڏنو. 1970ع ۾ ٿيندڙ چونڊن ۾ سائينءَ "سنڌ متحد محاذ" جي پليٽ فارم تان حصو ورتو، جنهن جو عوامي ليگ سان چونڊن ۾ اتحاد هو، جنهن ۾ ڪيس شڪست کائڻي پئي. مارچ 1971ع ۾ اڳوڻي اوڀر پاڪستان تي فوج ڪُشيءَ دوران سڀني قومپرست اڳواڻن، ترقي پسند ۽ محب وطن اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو ويو، جن ۾ جي. ايم سيد بہ شامل هو. ان قيد مان ڪيس آزادي تڏهن ملي جڏهن پاڪستان ٽٽي بہ ٽڪر ٿي ويو ۽ بنگلاديش ۽ ٻيو حصو پاڪستان طور وجود ۾ آيو جتي پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت قائم ٿي. 1972ع ۾ سنڌ اسيمبلي سنڌي ٻوليءَ جي حق ۾ بل پاس ڪيو تہ ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ لساني جهيڙا ڪرايا ويا، جڏهن تہ مرڪزي حڪومت هڪ آرڊيننس جي ذريعي ان بل کي تبديل ڪري ڇڏيو. ان خلاف سائينءَ سنڌ جي عوام ڏانهن رجوع ڪرڻ لاءِ سنڌ جا دورا شروع ڪيا تہ وري ڪيس آگسٽ 1972ع ۾ گرفتار ڪري قيد ۽ بند ۾ وجهي پراڻي روايت برقرار رکي وئي. هن ڀيري ڪيس چند مهينن کانپوءِ جنوري 1973ع ۾ آزادي ملي. جڏهن سائين ڏٺو تہ چونڊن ۾ چٽي اڪثريت حاصل ڪرڻ کانپوءِ بہ بنگالين کي حڪومت ڏيڻ بدران مٿن چڙهائي ڪئي وئي ۽ نئين پاڪستان جي اڳواڻ ۽ اسٽيبلشمينٽ اهي ئي ساڳيون پراڻيون پاليسيون جاري رکيون تہ پوءِ هن آزاد، خود مختيار ۽ خوشحال سنڌ جو پروگرام ڏنو، جنهن جي حصول لاءِ هڪ نئين پارٽي "جيئي سنڌ محاذ" جوڙي.

1973ع جو آئين نافذ ڪيو ويو تہ سائين ۽ ان جي پارٽي جيئي سنڌ محاذ ۽ ان سان لاڳاپيل جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ان آئين کي "قومن جو قاتل" قرار ڏيئي رد ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو ۽ احتجاجن جو سلسلو شروع ڪيو. ان نتيجي ۾ 28 اپريل 1973ع تي ڪيس گرفتار ڪيو ويو ۽ 1988ع ۾ آزاد ڪيو ويو. آڪٽوبر 1989ع ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر پاڻ عوامي رابطي ڪرڻ لاءِ دورن جي شروعات سکر کان ڪئي جنهن ۾ ان وقت جو مشهور جهنڊي وارو ڪيس ٺاهي وري ڪيس نظر بند ڪيو ويو. واضح رهي تہ اهو دور محترمہ بينظير ڀٽو جو پهريون دور حڪومت هو. 1990ع ۾ عبوري حڪومت قائم ٿي جنهن ڪيس آزاد ڪيو. 1991ع ۾ سوويت يونين جي ٽٽڻ کانپوءِ تبديل ٿيل عالمي منظر نامي ۾ 17 جنوري 1992ع تي سائينءَ جي سالگره جو روايتي جلسو ٿيو جتي پاڻ اقوامِ متحده جي ٻيهر تشڪيل جو هڪ خاڪو دنيا آڏو پيش ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ ڪيس غدار قرار ڏنو ويو ۽ غداريءَ جو ڪيس قائم ڪيو ويو جيڪو ڪڏهن بہ نہ هلايو ويو. هي قيد سيد جي زندگيءَ جو آخري قيد ثابت ٿيو ۽ 25 اپريل 1995ع تي ڪراچيءَ جي جناح اسپتال جي هڪ وارڊ ۾ سپاهين جي سنگينن جي سايي ۾ هڪ ڏکوئيندڙ

دور جو خاتمو ٿيو ۽ ان غير معمولي شخصيت 32 سالن جي قيد ۽ بند واري زندگيءَ کان دائمي آزادي حاصل ڪئي.

هن مجموعي خاڪي ۾ سائين جي. ايم سيد جي شخصيت جا سڀ پهلو اسان جي اڳيان نروار آهن هو تاريخ جي انهن شخصيتن ۾ شامل ڪرڻ جو حقدار آهي جن تاريخ ساز ڪردار ادا ڪيو ۽ تاريخ جي صفحن تي اڻ مٽ نقش ڇڏيا آهن. هو علم جو مخزن هو ۽ سندس شخصيت ۾ انساني فطرت جا سيئي اندلني رنگ موجود هئا. هو ادب، فلسفي، مذهب، تاريخ ۽ سياست، تخليق ۽ تحقيق مطلب هر شعبي ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. هو هر قسم جي تنگ نظري، توهم پرستي ۽ عصبيت جي خلاف هو، هن آزادي جي فڪر کي جنهن خلوص ۽ صداقت سان جرئتمندانه اظهار ڏنو ان باب ۾ هو روسو ۽ والٽيئر جي قبيلي جو ياتي نظر اچي ٿو. هو انڪار جي جرئت جي روايت جو به علمبردار هو. سائين جي. ايم سيد کي سنڌ وارا ”سقراط سنڌ“ جي لقب سان به سڃاڻن ۽ مڃين ٿا، ان سلسلي ۾ سائين جي. ايم سيد جي ان قسم نامي جون ڪجھ شروعاتي سٽون جيڪو هن پنهنجي خلاف قائم ٿيل بغاوت واري ڪيس ۾ ڪورٽ ۾ پيش ڪيو.

”مان مشرقي ايشيا جي هن ننڍي ڪنڊ ۾ هڪ صديءَ جو 1/3 حصو پنهنجي محڪوم ۽ مظلوم قوم جي آزادي ۽ خوشحالي جي سونهري دور ۾ داخل ٿيڻ لاءِ سياست ۽ قومي خدمت ڪندو پيو اچان ۽ ان سچي عرصي ۾ نه ڄاڻ ته ڪيترا ڀيرا مان وقت جي قابض ۽ غاصب حڪمرانن جي غيض ۽ غضب جو نشانو بڻيو آهيان. الائي پنهنجي عمر جا ڪيترا ڏينهن ۽ سال بندي خاني جي پٺيان نظر بندي ۾ گذاري ڇڏيم. جڏهن به پنهنجي مادرِ وطن سنڌو ديش جي زخمن جو آغاز ٻڌجي ڪا سدا بلند ڪرڻ چاهيم ته جيلن جي دروازن ۽ گرفتاري جي حڪم نامن منهنجو استقبال ڪيو. ڪيترائي ڀيرا مون تي قاتلاڻه حملا ڪرايا ويا، پر انهن جي باوجود ڪنهن به عدالت ان سڄي عرصي ۾ مون کي پنهنجو موقف، پنهنجا دليل ۽ ڌرتيءَ جي تاريخي فرياد ۽ پنهنجي قوم جي غلاميءَ جو داستان پيش ڪرڻ جو موقعو نه ڏنو. هي پهريون ڀيرو آهي جو هڪ خاص عدالت ۾ پنهنجو موقف، پنهنجا دليل ۽ ڌرتي جي تاريخي فرياد ۽ پنهنجي قوم جي غلامي جي داستان پيش ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويو.“

مٿئين عبارت مان اها راءِ قائم ڪري سگهجي ٿي ته سيد جو تعلق سقراط قبيلي سان هو ۽ هو سقراط وانگر تاريخ ۾ امر ٿي ويو ۽ ڪيس انهيءَ عزت سان ياد ڪيو ويندو جنهن سان سقراط ۽ ان جي سنت تي هلندڙ شخصيتن کي ياد رکيو ويندو. هتي اهو بيان ڪرڻ اڃايو نه هوندو ته سنڌو ديش جي تحريڪ ۽ ان جي روح جي معنيٰ کي ڄاڻڻ لاءِ ضروري آهي ته سنڌ جي قومي ۽ تهذيبي شناخت ۽ ثقافتي ورثي کي سمجهيو وڃي جنهن ۾ انسانيت دوستي ۽ آفاقيت جو روح رچيل آهي. منهنجي ويچهو سنڌي ثقافت جا پنج عنصر يعني تصوف، شاعري، موسيقي، امن ۽ انسانيت ۽ آفاقيت جو اظهار حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعراڻي روايت ۾ مٿانهون درجو رکن ٿا. جڏهن هو سنڌ لاءِ دعا جا هٿ مٿي ڪري ٿو ته پوري عالم جي خوشحالي لاءِ به دعا گهري ٿو. سائين جي ايم سيد حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي فڪري ۽ نظرياتي روايتن ۽ قدرن جو بهترين امين ۽ ترجمان آهي، تنهنڪري سندس سنڌو ديش واري

تحريڪ کي انهيءَ پسمنظر ۾ ڏسڻ جي ضرورت آهي. منهنجي خيال ۾ سنڌو ديش جي تحريڪ 1940ع جي قرارداد جي عين روح وٽان آهي، جيڪو دراصل هڪ ڪنفيڊريشن جو نظريو هو ۽ جنهن قرارداد ۾ Sovereign and Autonomous States جو بيان هو. مطلب ته هڪ کان وڌيڪ رياستن جو تصور ڪنفيڊريشن جي دائري ۾ هيون. واضح رهي ته هن قرارداد ۾ پاڪستان جو نالو ڪٿي به لکيل نه هو قائد اعظم 1946ع ۾ ڪيبنٽ مشن پلان کي منظور ڪري دراصل 1940ع جي قرارداد جي روح جي تصديق ڪئي. هي منصوبو انڊين نيشنل ڪانگريس جي ان وقت جي صدر پنڊت جواهر لال نهروءَ جي نا عاقبت انديش بيان جي ور چڙهي ويو. ان الميي جي باري ۾ مولانا ابوالڪلام آزاد پنهنجي سوانح عمري، ”انڊيا ونز فريڊم“ ۾ ڪيو آهي. سائين جي. ايم سيد جي سيڪيولر فڪر ان کي جمهوريت، انسانيت ۽ امن دوست بڻايو. ان مد ۾ سائين جي ايم سيد ۽ قائد اعظم جي سياسي زندگي ۽ سفر ۾ هڪ جهڙائي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. قائد اعظم 1906ع ۾ مسلم ليگ جي قيام جي سٽن سالن ڪانپوءِ 1913ع ۾ مسلم ليگ سان پنهنجن ڪجھ شرطن تحت وابسته ٿيو ۽ مسلم ليگ جي پروگرام ۽ ان جي مول متن کي انڊين نيشنل ڪانگريس جي مول متن سان هڪجهڙائي ۾ آندو. يعنيSelf Rule جو ايجنڊا مسلم ليگ جي منشور ۾ شامل ڪرايو. قائداعظم 1920ع تائين ٻنهي پارٽين جو هڪ ئي وقت ميمبر رهيو ۽ مهاتما گانڌي جي مذهبي قيادت کان بيزار ٿي ڪانگريس کان ڌار ٿيو جنهن هڪ مها آتما جو روپ ڌاري ورتو هو ۽ خلافت تحريڪ جي حمايت ڪري قومي سياست ۾ مذهب جي ظلمت پرستي کي شامل ڪري ڇڏيو هو. اهڙيءَ ريت هن هندستان جي تحريڪ آزاديءَ ۾ مذهب جي عمل دخل ذريعي ان جي سيڪيولر مزاج کي مجروح ڪيو ۽ پوري سياست کي مذهبي تعصب ۽ تنگ نظرين سان گدلو ڪيو ۽ انڊين نيشنل ڪانگريس جي روح کي جمهوري عمل کان محروم ڪيو، پر سائين جي. ايم سيد ڪانگريس کان ڌار ٿي ڪري به ڪڏهن مذهب جو لبادو نه اوڍيو ۽ پنهنجو سيڪيولر ڪردار ۽ سڃاڻپ برقرار رکي. سندس مسلمانن جي لاءِ سياست مذهبي هرگز نه هئي. سندس 1928ع وارن چوڏهن نقطن ۾ ڪٿي به دقيانوسي يا مذهبي عنصر غالب نظر نه ايندو. هي چوڏهن نقطا هڪ مڪمل ڪنفيڊريشن جي منصوبي جا ترجمان هئا نه ڪي ڪنهن ٿيوڪريسي (مذهبي رياست) تي ٻڌل هئا. سائين جي. ايم سيد جي ملاقات مهاتما گانڌيءَ سان ٿي هئي ۽ هو ڪانئس متاثر به ٿيو هو، سندس کاڌي واري لباس کي پاڻ اختيار ڪيو هو، پر هن مهاتما گانڌيءَ وانگر ڪڏهن مذهبي روپ نه ڌاريو هو. سائين جڏهن مسلم ليگ ۾ داخل ٿيو ته ان وقت به هو سيڪيولر نظريي ۽ فڪر تي قائم هو ۽ جڏهن ڌار ٿيو تڏهن به ساڳئي فڪر ۽ نظريي تي ئي رهيو. قائداعظم سان سندس اختلاف اصولي هئا پر نه ڪڏهن قائداعظم سيڪيولرزم کان هٽيو نه ڪڏهن سيد هٽيو. قائداعظم جي 11 آگسٽ واري تقرير جيڪا پاڻ آئين ساز اسيمبليءَ ۾ هڪ صدر ۽ سربراهه جي حيثيت سان ڪئي هئي، اها سندس سيڪيولر ذهن جو مڪمل اظهار هئي. سندس اهو فقرو ته: Religion has nothing do with the business of state پاڪستان جي آئين جو بنيادي پٿر ثابت ٿي سگهيو ٿي پر قرارداد مقاصد (Objective Resolution) ذريعي ان جو انڪار ڪيو ويو جنهن

جي مخالفت ۽ مزاحمت سائينءَ جي سياسي زندگيءَ جو نصب العين هو سيد ڪيترن ئي موقعن تي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي چيو ته سندس زندگيءَ جو مقصد عالمي امن، ڀائيچارو ۽ انساني ترقي ۽ روشن مستقبل جو حصول آهي. سائين پنهنجي عدالتي بيان جيڪو اردو ۾ ”سنڌ ڪي آواز“ جي نالي سان شايع ٿيو ان ۾ پنهنجا شروعاتي فڪر ۽ تصور بيان ڪندي لکيو آهي:

”1915ع ۾ جڏهن پهرين جنگ عظيم پنهنجي اوج تي هئي، ان وقت مون پرائمري تعليم حاصل ڪري انگريزي ۽ فارسي تعليم جي شروعات ڪئي هئي ۽ منهنجي شعور دنيا کي نئين نظر سان ڏسڻ شروع ڪيو. مون کي خبر پئي ته دنيا اڳيان ٽي وڏا مسئلا ڪر کڻي بيٺا آهن ”غربت، جهالت ۽ خوف. دنيا جا وڏا وڏا فلاسافر ۽ دانشور انهن جي حل لاءِ ڪوشش ڪري رهيا آهن. جيستائين مون غور ڪيو آهي، مون کي انهن ٽن مسئلن جو سبب اهو نظر آيو آهي ته غربت جو سبب غيرن جي غلامي، فيوڊل نظام ۽ سرمائيداري آهي.“



ان تناظر ۾ عبدالخالق جوڻيجو جي سهيڙيل ڪتاب ”فڪرِ جي ايم سيد اور آج ڪا پاڪستان“ جو هي حوالو وڏي معنيٰ رکي ٿو.

”جاگيرداري ۽ سوشلزم بين ملڪن وانگر پاڪستان ۾ به يقيني طور هڪ وڏو مسئلو رهيو آهي ۽ هميشہ گرما گرم بحثن جو موضوع به رهيو آهي. پاڻ کي ساڄي ڌر وارن سان سڏرائڻ وارن جي اڪثريت جي. ايم سيد کي جاگيردار ۽ دقيانوسي سمجهن ۽ سڏين ٿا. اها ڳالهه ڌار آهي ته اهڙي اڪثريت مان گهڻائي جاگيردارن جي پارٽين ۾ يا ته شامل هوندي آهي يا وري انهن جي حامي هوندي آهي. ان موضوع تي 1948ع ۾ جي. ايم سيد جا خيالات ڪهڙا هئا، انهن دوستن سان همدرديءَ جو اظهار ڪندي چند سٽون پيش ڪيان ٿو: ”سوشلزم واحد معاشي نظام آهي جو ڪمزور طبقن کي مڪمل انصاف فراهم ڪري سگهي ٿو. اڄ اسان جي سڄي دولت ڪجهه نوابن، جاگيردارن ۽ نون صنعتڪارن جي هٿ ۾ آهي. اسان جا باقي سڀ ماڻهو ادنيٰ مزدورن جي شڪل ۾ هڪ وڏي هجوم ۾ غلاميءَ جي زندگي گهاري رهيا آهن. ايتري وڏي ناهمواري ۽ استحصال واري حالت جلد کان جلد ختم ٿيڻ گهرجي، نه ته انتشار ۽ بدحالي جي هلندڙ صورتحال آخرڪار پرتشدد انقلاب کي جنم ڏيندي.“

سياست ۾ مذهبي انتها پسنديءَ جي وڌندڙ رجحان تي سائينءَ ڳڻيرتا ڏيکاريندي چيو ته:


ان سوچ جي بالادستيءَ جي صورت ۾، ”چور جا هٿ وڍيا ويندا زنا جي ملزم کي سنگسار ڪيو ويندو ۽ مذهبي معاملن ۾ مختلف خيال رکندڙ کي قتل ڪيو ويندو ۽ مذهبي انتها پسندن جي حڪومت ۾ جمهوريت ۽ آزاديءَ جي اظهار جي ڪابه گنجائش نه هوندي ۽ مذهب جي باري ۾ ان جي تشريح موجب دولت جي غير منصفاڻي ورڇ ۽ طبقاتي فرق جائز هوندو.“ انهيءَ مٿئين حوالي مان اها راءِ جڙي ٿي ته جي. ايم سيد رڳو سيڪيولر مفڪر نه پر سوشلزم جو حامي مدبر ۽ مفڪر هو، هتي اها ڳالهه به واضح ڪرڻ ضروري آهي ته پاڻ مارڪسوادي نه هو ۽ مارڪسزم جي نظرياتي بنيادن کي سندس فڪر ۽ نظريي جو بنياد نٿو چئي سگهجي. ان کان هٽي ڪري سائينءَ جو اهو نظريو ته: ”پاڪستان کي مڪمل طور سوشلسٽ جمهوريتن جو وفاق هئڻ گهرجي نه ڪي مرڪزيت پسند رياست، جتي مختلف وفاقي يونٽن جي حقن کي مڪمل طور تي نظر انداز ڪيو ويندو هجي.“

سائينءَ جو اهو اعلان ته: ”اسان پاڪستان کي خود مختيار سوشلسٽ جمهوريتن جو اتحاد (Union of Autonomous Socialist Republics) هڪ انقلابي اعلانيو هو.

اردو ڳالهائيندڙ آبادي سائين جي حوالي سان پاڪستان جي اسٽيبلشمينٽ جي گمراهه ڪندڙ ۽ تعصب واري روين جي ور چڙهيل رهي آهي، جيڪا تاريخي حقيقتن کان وانجهيل آهي. سائين جا اهي لفظ ته:

”جيتري حد تائين هندستان کان ايندڙ حقيقي مهاجرن جو تعلق آهي ته ان لاءِ سنڌ جي روايتي مهمان نوازي ۽ درياءَ دلي سندن لاءِ آجيون ٿا. ان سان گڏ اسان به اها فطري گهر ڪريون ٿا ته اهي به سنڌي قوم ۾ خود کي ضم ڪن، سندن ٻولي ۽ ثقافت اختيار ڪن ۽ سنڌ جي اجتماعي مفادن کي سمجهن.“ ڪيڏو نه واضح انداز ۾ کليئي دل سان هر قسم جي تعصب کان پاڪ موقف آهي. اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ کي سنڌ ڌرتيءَ سان پنهنجي رشتي کي مٿين لفظن جي روشنيءَ ۾ جوڙين ۽ سنڌ ماءُ جا حقيقي پٽ هجڻ جو عملي مظاهرو ڪن.

اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جي انهن ننڍي نظر رکندڙن ڪردارن ۽ روين ڏانهن ڌيان ڇڪرائڻ گهران ٿو جيڪي اڳوڻي اوڀر پاڪستان ۾ 1947ع کان اسٽيبلشمينٽ جي مفاد پرستانہ حڪمتِ عمليءَ جا پرجهلا ۽ مددگار رهيا ۽ بنگالين جي قومي خواهشن کان پاڻ کي ڌار رکيو، انهن سان ٿيندڙ نا انصافين جي خلاف سندن حامي بڻجڻ بجاءِ مخالفت ۽ مزاحمت ۾ اڳيرا رهيا، جنهن جا ڏيڄاريندڙ نتيجا تاريخ جو حصو آهن. ان نتيجي مان سبق نه پرائڻ اجتماعي خودڪشيءَ برابر آهي.



ايياس

# ڏاهي شخص فضل قاضي سليمان جا ٽي ادبي املھ ڪتاب

## گل محمد عمراڻي

پياري سائين محترم قاضي سليمان جو شاندار علمي ادبي پسمنظر آهي جيڪو هن جي ڪتابن جي پيش لفظن ۾ تفصيل سان ڏنل آهي. پروفيسر قاضي خادم سندس يادگيرين جي ڪتاب ”اندر روح روهيام“ ۾ تحرير ڪيو آهي تہ ”ايوب خان جي دور ۾ سنڌ ۾ جيڪي ٽئلينٽ ظاهر ٿيا تن ۾ قاضي فضل حق پنهنجي نئين سوچ ۽ انگريزي تي عبور رکڻ جي ڪري نروار ٿيو.“ سندس انگريزي ٻولي ۽ ادب ذريعي علمِ سياست ۽ ماس ڪميونيڪيشن تي اظهار انگريزي اخبارن، رسالن ۽ پي ٽي وي تي الم نشرح آهي. اڄ فضل قاضي صاحب جي ٽن اهم سنڌي ڪتابن جو اياس پيش ڪبو جيڪو هن عالم جي ڪاوشن جو ڇڻ هڪ مختصر حال احوال آهي.

سندس پهريون ڪتاب ”سنڌ ۽ سنڌي“ (سنڌ ۽ سنڌين بابت سماجي ۽ سياسي حقيقتون) 688ص نعـن ۽ 9 بابن- تي- ٻڌل آهي. باب پهريون ذڪر ڪري ٿو سنڌ ۽ سنڌو جي سنڌ ۽ سنڌي، سياحن ۽ دانشورن جي نظر ۾، سنڌي سڀاجهو ماڻهو، سنڌي اورچ انسان، سنڌين خلاف مفروضا. باب ٻيو آهي: سنڌي ۽ جنگجو قومن جو نظريو، سنڌي جنگجو قوم، سنڌين جي قومپرستي، سنڌي ۽ 1857و راي جگنـــ آ ﮨي . باب ٽيون ٻڌائي ٿو متعلق سنڌ جي صوبائي حيثيت، سنڌ ۽ ڪئبنيٽ مشن جون تجويزون، سنڌ ۽ 1973ع جو دستور، وياسي وينجهار، سنڌي هندو. باب چوٿون ذڪر ڪري ٿو سنڌ ۽ آفيسر شاهي، سنڌ ۽ سڪا شاهي، جيڪڏهن سڪ جناح جي تجويز قبول ڪن ها. باب پنجون متعلق آهي پير پاڳاري جي ”آزاد سنڌ“ تحريڪ، پير پاڳاري جي گرفتاري ۽ سنڌ ۾ مارشل لا، سنڌ ۾ حُرن جون گوريلا ڪارروايون، حرن خلاف تشدد جون ڪارروايون، حرن جي مزاحمت، پير پاڳارو ۽ جي ايم سيد. باب ڇهون بيان ڪري ٿو سنڌ ۽ هندستان جي ورهاڱي جا سبب، حڪومتي نظام، جمهوري تقاضائون ۽ تضاد. باب ستون بيان آهي سنڌين جي پاڪستان ۾ حيثيت، مرڪزيت ۽ خود ارادیت جو. باب اٺون ذڪر ڪري ٿو هنن موضوعن جو: قائد عوام ذوالفقار علي ڀٽو، هڪ پرڪشش شخصيت، قابل اعتماد رهنما، ذوالفقار علي ڀٽو عالمي سفارتڪار، ڀٽي جي پرڏيهي پاليسي، سنڌ جي سياست ۽ ذوالفقار علي ڀٽو، ذوالفقار علي ڀٽو ۽ فرض شناس پوليس آفيسر، ذوالفقار علي ڀٽي سان شناسائي، ذوالفقار علي ڀٽي ڪي سنڌ يونيورسٽي جي شاگرد يونين جي دعوت جي وائيس چانسلر طرفان مخالفت، جنرل ضياءُ جي ڀٽو دشمني، بينظير ڀٽو جي سنڌيت، سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن، گڏريل ڏينهن جون يادگيريون. باب نائون ٻڌل آهي هڪ ئي موضوع تي: قاضي فضل الله اعليٰ وصفن وارو چيف منسٽر. هن ڪتاب ۾ شامل مضمون دراصل مارچ 2006ڪ نا ”عوامي آواز“ ۾ ڇپجندا رهيا ۽ انهن جي بقول لائق مصنف جي پنهنجي مخصوص افاديت آهي ۽ انهيءَ ۾ ڪجھ تاريخي حقيقتون شامل آهن. هن مجموعي ۾ ڪافي نوان ۽ اڻ ڇپيل مضمون پڻ شامل آهن. سنڌ شناسائيءَ جي حوالي سان هيءُ هڪ مستقل (انسائيڪلو پيڊيا) بہ آهي. هڪ جاءِ تي مادر سنڌ ۽ سنڌين) بابت تمام گهڻي عميق ۽ وسيع ڄاڻ ملي ٿي. مصنف جو مطالعو ڪنهن ڪان لڪل ناهي قاضي فضل قاضي صاحب جو سڀ ڪان مشهور ڪتاب Law and Politics in Pakistan لي . ڪي بروهي جهڙي عالمي مرتبي ۽ شهرت جي قانوندان طرفان گرم جوشي سان واکاڻيو ويو هو ۽ ان وقت جي نامور ساڄي ڌر جي برک عالم ۽ محقق قربان علي بگٽي جنهن لاءِ مشهور هو تہ ڪنهن سان نٽو نهي انهيءَ بہ لکيو تہ ”قاضي فضل حق صاحب کي انگريزي ٻوليءَ تي عبور حاصل آهي. هن جي مادري ٻولي سنڌي آهي. هو انگريزي ۾ نہ فقط سوچيندو آهي پر محسوس بہ ڪندو آهي. انگريزي ۾ سندس تقرير ٻڌڻ وٽان هوندي آهي. قاضي صاحب جي فيلڊ سياست آهي ۽ اسيمبلي اندر بهترين پارليامينٽرين ثابت ٿي سگهي ٿو، پر اسان جي

# ادب جي تاريخ

ڊاڪٽر پيار علي جتوئي

اهڙيون لکڻيون چاهي اهي نظم جي صورت ۾ هجن يا نثر ۾. چوٽيون، پهاڪا يا ڪو آواز، تصوير جيڪا پڙهندڙ، ٻڌندڙ يا مشاهدو ڪندڙ کي روحاني تسڪين، سرور مهيا ڪري يا پڙهندڙ کي خاص ڪيفيت ۾ مبتلا ڪري ان تي ڪو اثر ڇڏي يا پڙهندڙ کي ڪي خاص هدايتون ڏئي يا پڙهندڙ ۾ نئون جذبو ۽ ولولو پيدا ڪري ته ان کي فن يا ادب چئجي ٿو. فن جي تاريخ ايتري ئي پراڻي ڏسجي ٿي جيتري انساني تاريخ. اوائلي مصري، بابلي تاريخ جاچجي ٿي ته ان مان ادب ۽ فن جا ڪيئي فن پارا لڀجن ٿا. مُهين جي دڙي مان مليل ناچڻيءَ جو مجسمو ثابت ٿو ڪري ته ان دور ۾ به ناچ جي صورت ۾ فن جو رواج هوندو هو. ادب به انساني تهذيب جي مٽجڻ سان مٽجندو رهيو آهي ۽ ادب جا محور، مرڪز به بدلجندا رهيا آهن. جهڙيءَ ريت انساني تهذيب وقت سان گڏ ترقي ڪندي رهي آهي اهڙيءَ طرح سان ادب جا به ڪيترائي دور رهيا آهن جن کي ٿلهي ليکي هيٺ بيان ڪجي ٿو.

**مذهبي ادب:** جيئن ته ادب انساني پيداوار يا انساني ذات جي ايجاد آهي تنهنڪري ادب جي اوسر به انساني عقل ۽ فهم جي اوسر جي محتاج رهي آهي. اوائلي دور ۾ جڏهن انسان خود به پيريو جانور ليکيو ويندو هو ۽ انسان ذهني يا عقلي طور پست سمجهيو ويندو هو، تنهن دور ۾ انسان تي مذهب جو مڪمل طور اثر رهندو آيو هو، تنهنڪري ان وقت ۾ جيڪو به ادب لکيو ويو يا سرجيو ان تي مذهب جو غلبو رهيو آهي. اوائلي دور جي ادب جا جيڪي ادبي شاهڪار ليکيا وڃن ٿا اهي مذهبي عقيدن يا مذهبي حڪمن جا ڪتاب هجن ٿا. ان دور ۾ انهن مذهبن جي پيشوائن جا فرمان، انهن پيغمبرن جا ڏنل درس، سمجهاڻيون، حڪم انهن جا پوئلڳ وڏي عقيدي ۽ احترام سان برزبان ياد ڪري ڇڏيندا هئا ۽ نسل درنسل سيني به سيني پنهنجي مرشدن جا اهي فرمان پنهنجي ايندڙ نسلن ڏانهن منتقل ڪندا هئا يا وري قيمتي پٿرن، ڪيلن جي ڦرهن، چمڙي يا ڪپڙي تي لکي هميشه لاءِ قلم بند ڪري ڇڏيندا هئا. ان دور جي ادب ۾ مختلف مذهبي گروهه پنهنجي پنهنجي مذهبي گروئن، پيشوائن جي تعريفن جا ڍڪ ڀريندي ڏسجن ٿا. هندو مذهب ۾ رامائڻ، مها ڀارت جهڙا شاهڪار ڪتاب هندو مذهب جي پيشوائن جي جنگين ۽ انهن جي ڪرشماتي معجزن سان ڀريا پيا آهن. ان کان علاوه آسماني ڪتاب به ادب جا شاهڪار طور سمجهيا وڃن ٿا جيئن قرآن شريف ادبي ٻوليءَ جو شاهڪار ڀانيو وڃي ٿو.

**شاهاڻو ادب:** جڏهن انساني تاريخ ۾ پهريون ڀيرو تهذيب جو بنياد پيو ۽ انسان قبيلائي زندگي ترڪ ڪري وستيون واهڻ ناهي گڏيل طور رهڻ لڳو ۽ انساني تاريخ ۾ پهريون ڀيرو رياست جو وجود پيو ته انهن رياستن جو ڪاروهنوار هلائڻ لاءِ حڪمرانن جي ضرورت پئي. اهڙي ماحول ۾ ڪجهه ڏريون پنهنجي افرادي قوت جي آڌار تي يا ٻانهن جي ٻل تي هيٺن مٿان قابض بڻجي انهن جي مٿان پنهنجي حڪومت مسلط ڪري ڇڏي. اهڙا وحشي ظالم حڪمران جيڪي ظلم ۽ بربريت جي بازار گرم رکندا هئا ۽ هيٺن کي مار ۽ موچڙي سان پنهنجي طابع رکندا هئا، اهي حڪمران مالي مراعتون ڏيئي يا حڪومتي مسند ڏيئي ڪن مفاد پرست شاعرن يا ليکڪن کي پنهنجو ذهني غلام بڻائي انهن کان پنهنجي باري ۾ هٿرادو تعريفي ليک لکرائيندا هئا. پنهنجي روزمره جي بادشاهي وهنوار لکرائڻ لاءِ يا پنهنجي ڪوڙن سچن فتحن جا واقعا اهڙي ته جوش، جذبي ۽ جلال سان لکرائيندا هئا جو ايندڙ نسلن تائين انهن جي ڪاميابين ۽ ڪامرانين جا ڳيچ پيا ڳائبا هئا ۽ انهن جي فتحن جا شاد مانا پيا ملهائبا هئا. اهڙن حڪمرانن جي تاريخي ڪوڙين فتحن جي مشهور ڪتابن مان سنڌ تي عربن جي نسل ڪشي بابت لکيل تفصيلي ڪتاب چچ نامو هڪ آهي. جنهن ۾ ظالم جابر رهزن عرب قبضاگير حاڪمن جي شان ۾ ثنا توڙي مداح جا سونهري باب لکيا ويا آهن جڏهن ته امن پسند عدم تشدد جا حامي سنڌي حڪمرانن کي ظالم ظاهر ڪري پنهنجي قبضي کي سچو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. حڪمرانن جي پنهنجي ثنا، پنهنجي مداح بابت لکيل ڪيئي باب اڪبر نامي ۾ پڙهي سگهجن ٿا. ان کان علاوه منگول رهزن حاڪمن چنگيز ۽ هلاڪو جا قصا ۽ ڪهاڻيون وڏي شد و مد سان تاريخي ڪتابن ۾ بيان ڪيل آهن. اهي ظالم ۽ جابر حڪمران پنهنجي بادشاهي کي صدين تائين برقرار رکڻ لاءِ ڪن مذهبي ماڻهن، پنڊتن، پادرين توڙي ٻاون کي انعام اڪرام ڏيئي پنهنجي شان ۾ قصيدا ۽ فتوائون جاري ڪرائي اڻپڙهيل ۽ ٻوجهه عوام کي غلامي جي زنجيرن ۾ اجان وڌيڪ جڪڙيندا رهيا آهن. اهڙن حڪمرانن جا فيصلا، فتحون ڪتابن ۾ درج ڪرڻ ڪانسواءِ انهن جا عشق ۽ رومانوي داستان به قلمبند ڪري ملڪان ملڪ مشهور ڪري پنهنجي سورهيائي جو ثبوت ڏيندا هئا. جيئن شهزادو سليم ۽ انارڪلي جو عشق، عمر مارئي جو داستان، ليلا مجنون ۽ نوري ڄام تماچي جا مشهور عشقيه داستان اچي وڃن ٿا.

**صوفياڻو ادب:** جيئن انساني سماج ۾ مذهبي اڳواڻن ۽ ظالم حاڪمن جو اثروڌندو ويو، غريب ماڻهن تي فرسوده پابنديون وڌنديون ويون ۽ انسان نه ڏسڻ ۾ ايندڙ ڪڙين ۾ قيد ٿيندو ويو اهڙي دور ۾ هڪڙي اهڙي ادب جي اشد ضرورت پئي جيڪو انهيءَ پيڙهيل عوام مٿان مذهب جون فرسوده پابنديون هٽائي ماڻهن کي ساهه کڻڻ جو موقعو فراهم ڪري. اهڙو ادب ظاهري طور نه سهي پر لڪل انداز ۾ مذهب جي نفي ڪري مذهب تي تڪا وار ڪرڻ شروع ڪيا. اڳ جيڪو الله ۽ انسان جي وچ ۾ مذهب جو ٺيڪيدار پيت ٻڌيو بيٺو هو تنهن کي صوفين وچان ڪڍي انسان کي خود خدا سان ملائي ڇڏيو تڏهن ته صوفي شاعر ڪيڏي نه وڏي واڪي ملان کي چڙٻ ڏيندي چيو آهي:

**اري لوگو تمهارا کيا، مين جانون ميرا خدا جاني،**
**اري ملا جنازه پڑهه مين جانون ميرا خدا جاني۔**

صوفياڻي ادب ماڻهن مان خدا جو اهو ڀوائتو تاثر ختم ڪري هڪ پيار ڪندڙ، رحمدل خدا جو تصور پيش ڪري ماڻهن کي خوش

گذارڻ لاءِ آماده ڪيو ۽ مذهبي تفرقن جي ڪري ماڻهن جي وچ ۾ جيڪي ڪيني ۽ ڪدورت جون پاڙون ڦٽي وڏي وڻ ٿي ويون هيون اهي صوفي شاعرن پنهنجي بي باڪ شاعري ۽ شاعري جي ذريعي پيدا ٿيندڙ تحريڪن ذريعي پٽي پٽ ڪري ڇڏيون ۽ عام ماڻهن ۾ برابري، محبت ۽ ڀائيپيءَ جهڙا نازڪ نفيس احساس پيدا ڪري ماڻهن مان جنونيت ۽ وحشي پڻو ختم ڪري ڇڏيو. اڳيون ادب جيڪو صرف تيغ ۽ ترار، ڪسڻ ۽ ڪهڻ تي ٻڌل هوندو هو، اهو ادب هاڻي ماڻهن ۾ پيار ۽ ڀاجهه جهڙيون ڳالهيون ڪرڻ لڳو. اهڙن عظيم صوفي شاعرن ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي، جلال الدين رومي، نانڪ ڪبير، سامي، شاهه ڪريم بلڙيءَ وارو، بلي شاهه، سلطان باهو ۽ بابا فريد اچي وڃن ٿا.

**رومانوي ادب:** جڏهن انسان مذهبي ۽ شاهاڻي ادب مان اچي ڀر بيزار ٿيو ۽ اديبن، شاعرن، ليکن مراعتن، سونين اشرفين ۽ پئسن تي لکڻ بند ڪيو ۽ صوفي شاعري جي ڪري انسان مان وحشي پڻو، خونريزي ۽ درندگي جهڙا انسان دشمن جذبا گهٽ ٿيڻ جي ڪري انسان نازڪ نفيس جذبن احساسن سان ٽمٽار ٿيڻ شروع ٿيو. انهن شاعرن پنهنجي دل جا دروازا کولي پنهنجي مرضيءَ سان پنهنجي دلي ڪيفيتن، اندر جي اٿاهه سوچن کي لفظن ۾ بيان ڪرڻ شروع ڪيو ۽ اهڙين نسواني صنفن جي واکاڻ ۾ اهڙو ته اثرائتو لکڻ شروع ڪيو جو انسان جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو اعليٰ درجي جو ادب نسرجڻ شروع ٿيو. رومانوي ادب ۾ عشقيه ڪهاڻيون، عشقيه شاعري، محبوب جي نازڪ نفيس جسم جي واکاڻ، محبوب جي ادائن اعليٰ قسم جا عشقيه داستان لکجڻ شروع ٿيا، محبتن، ميلاپ ۽ وڇوڙي جا لازوال داستان ۽ دل کي ڇُهي وڃهندڙ، من موهي وڃهندڙ شاعري، ڪهاڻيون ۽ ناول لکڻ جو رواج پيدا ٿيو. رومانوي ادب ۾ نه رڳو محبوبا جي رسيلي چپن، ڳاڙهن ڳلن، اپريل ڇاتين ۽ ڪارن وارن جي تعريف ٿيل هوندي آهي پر هن ادب ۾ دل جي حسرتن، ارمانن، فطرت جي حسين منظرن، دلڪش وادين، گلن، بهارن، جبلن توڙي صحرائي ميدانن جو اهڙو ته باريڪ بيني سان منظر چٽيل هوندو آهي جو پڙهندڙ ان جي سحر ۾ موهجي يادن جي محلاتن ۾ غرق ٿي ويندو آهي. اهڙي ادب ۾ تصوراتي ڪهاڻيون، منظر اهڙي انداز ۾ بيان ٿيل هوندا آهن جو ماڻهو جو ساهه سُڪي ويندو آهي ۽ پڙهندڙ تصوراتي دنيا ۾ غرق ٿي پاڻ کي ان ڪهاڻي جو حصو سمجهڻ لڳندو آهي. اهڙي دور جي عظيم شاعرن ۾ وليم ورڊسورٿ، پرسي بشي شيلي، جون ڪيٽس، حافظ شيرازي، عمر خيام، مرزا غالب، احمد فراز، پرين شاڪر، استاد بخاري ۽ عبدالغفار تبسم جهڙا عظيم شاعر اچي وڃن ٿا.

**ڪلاسيڪل ۽ نيئو ڪلاسيڪل ادب:** يورپ ۾ روشن خيالي جون تحريڪون اچڻ سان ۽ پراڻو دقيانوسي دور ختم ٿيڻ سان روشنيءَ جو دور شروع ٿيو، جنهن ادب جي دنيا ۾ انقلاب برپا ڪري ڇڏيو. هن دور جي اديبن پراڻي رومانوي ادب جنهن ۾ صرف محبوبا جي نزاڪت بيان ٿيل هوندي هئي يا دلفريب منظرن جي عڪاسي ٿيل هئي، تنهن کي بلڪل رد ڪري ڇڏيو ۽ اهو چيو ويو ته عوام کي تصوراتي منظرن جي حسناڪين ۽ لفظن جي دلڪشي ۾ گم ڪري زندگيءَ جي تلخ حقيقتن کان وانجهو رکڻ وڏو دوکو آهي تنهنڪري ماڻهن کي انهن جي روزمره زندگيءَ ۾ پيش ايندڙ اهنجن، ڏکن جي باري ۾ واقف ڪري انهن کي مستقبل لاءِ تيار ڪرڻ، مختلف طبقن طرفان ٿيندڙ ناانصافين، جنين تي انهن جون اکيون پٽرائڻ، انهن کي ڏکين حالتن سان منهن ڏيڻ لاءِ اتساهڻ، انهن ۾ تاريخي طور پيدا ٿيل نا اميدي، هيٺائي ختم ڪري پنهنجي حق حاصل ڪرڻ لاءِ همٿائي انسان جي ذهني نشونما ڪرڻ ئي اصلي ادب آهي. اهڙي ادب ۾ حقيقت پسندي کي ترجيح ڏني وئي، جنهن ۾ صرف خيالاتي حسن کي نروار ڪرڻ بدران تلخ حقيقتن کي جيئن جو تيئن پيش ڪجي، تلخ حقيقتن کان منهن موڙڻ بدران ماڻهن ۾ اهڙين حالتن بابت ڄاڻ مهيا ڪئي وڃي. ماڻهن ۾ پکڙيل بک، بدحالي، غربت، انگ اگهاڙپ، بيماريون، فاقاڪشي، جنگيون، نفرتون ۽ ٻيون سيئي منفي توڙي مثبت ڳالهيون جيڪي عام انسان پنهنجي روزمره زندگيءَ ۾ سهي ٿو تن کي ادب ۾ شامل ڪري اديب پنهنجي حصي جو حق ادا ڪري. اهڙي ادب ۾ حب الوطني، پنهنجي ملڪ، قوم جي آزادي، پنهنجي ملڪ جي ماڻهن توڙي پوري دنيا جي عالم انسانيت جي ڀلائي لاءِ سوچڻ ۽ لوچڻ شامل هجي ٿو. هي ادب صرف محبوب جي وصال جون ڳالهيون نٿو ٻڌائي پر هن ادب ۾ پنهنجي ٻچن لاءِ سڄو ڏينهن محنت مزدوري ڪري حلال رزق ڪمائڻ واري کي جوڌو قرار ڏئي سندس پگهر کي شهيد جي رت جو درجو ڏنو ويو آهي، هن ادب ۾ ڏاڍ ۽ ڏمر جا ڀاري برج لوڏي، ان جي قهر کي ختم ڪري، ڏاڍي جي تيز ترار سان پنهنجي سنهي تند ويڙهائي پاڻ کي سرخرو ٿيندي پائي ٿو. اهڙي ادب ۾ قومي غدارن کي پنهنجي قومي ڏارائن مان لوئي ڏکي ڏار ڪيو وڃي ٿو ۽ پنهنجي غريب مسڪين ماروئڙن کي پنهنجي قلمي ڪردارن ۾ پوئي تن کي تاريخ ۾ هميشه لاءِ امر ڪيو وڃي ٿو. اهڙي ادب جي اهم اديبن ۾ وليم ڪوپر، روبرٽ برن، جورج ڪريب، سعادت حسن منٽو، جي ايم سيد، رسول بخش پليجو، امر جليل، فيض احمد فيض، حبيب جالب، جون ايليا، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، شيخ اياز جهڙا ارڏا اديب ۽ باغي شاعر اچي وڃن ٿا.

**سائنسي ادب:** هيستائين جي ٿيل انساني ادب جو سڀ کان جديد ادب سائنسي ادب کي سمجهيو وڃي ٿو جنهن ۾ انسان تصوراتي دنيا جي ڪمال تائين پهچي وڃي ٿو ۽ مستقبل جون اهڙيون ته اڳڪٿيون ڪري ٿو جو انسان ڪيئي صديون پوءِ اهڙي اٽڪيٽيءَ کي حقيقت جي روپ ۾ ڏسي سگهي ٿو. اهڙي ادب ۾ انسان جو مستقبل ۾ چنڊ تي رهائش اختيار ڪرڻ، مريخ لاءِ اڏام ڪرڻ، ڪائناتي رازن، نيازن ۽ رمزن کي سمجهڻ جهڙا حيرت ۾ وجهندڙ اهڙا ته خيال پيش ڪري ٿو جو پڙهندڙ عجب جي انتهائي اونهي سمنڊ ۾ غوطا کائڻ شروع ڪري ٿو. سائنسي ادب جيئن ته اڃان مس شروع ٿيو آهي تنهنڪري توقع ڪئي وڃي ٿي ته هي ادب انساني تاريخ ۾ تمام گهڻي ترقي ڪندو اڳتي وڌندو ويندو.



p03323993783@yahoo.com

Regd. No: 3160
ماهوار مئگزين
همسري
حيدرآباد


# ورم پوليس اهلڪارن هٿان معصوم نياڻي ڇو ماري وئي؟

عاجز انور لاشاري

قانون جا رکوالا جڏهن لاقانونيت جو مظاهرو ڪرڻ لڳن ته ٻين کي ڪهڙي ميار ڏجي. اهو درست آهي ته اڄڪلهه پوليس تي عام ماڻهن جو يقين ئي نه رهيو آهي ته پوليس ماڻهن کي تحفظ فراهم ڪري سگهي ٿي. پوليس عام ماڻهن جي رهنمائي ۽ تحفظ لاءِ مقرر ڪئي ويندي آهي ۽ پوليس ظالمن خلاف جهاد لاءِ مقرر ٿيل هوندي آهي ۽ اهي عوام جي ڏنل ٽيڪس جي پئسن مان پگهارون وٺي مقرر ڪيا وڃن ٿا ته جيئن عوام جي جان، مال ۽ عزت جي حفاظت ڪري سگهن، پر هن وقت صوبي سنڌ اندر هڪ اهڙو واقعو ٿيو آهي جنهن سان پوليس ڪاتي مٿان هڪ سواليه نشان اڀري آيو آهي. ٺٽي ضلعي جي ور شهر ۾ پوليس جي ملاح برداري جي گهرن ۾ ڪاهه، چادر ۽ چوديواري جي حرمت پامال ڪري گهر ۾ داخل ٿي معصوم ٻارڙن مٿان تشدد، نياڻين جي تذليل ۽ آخرڪار ان گهر ۾ مزاحمت ڪندڙ تيرهن سالن جي عابده ملاح کي گولين جو ڪاچ بڻائي ماريو ويو. پوليس جي ان بي رحماڻي ڪارروائي سان سڄي محڪمي تي داغ لڳي ٿو ته عابده ملاح جي گهر ۾ سرچ وارنٽ ذريعي ليڊيز پوليس



کي ڇو نه موڪليو ويو، ڇا عابده ملاح جو گهر ڏوهارين جو گهر هو ڦورو لٽيرا يا ڌاڙيل هئا، آخرڪار پوليس کي اهڙو قدم ڇو کڻڻو پيو؟ ڪافي اهڙا سوال سوشل ميڊيا تي اٿڻ شروع ٿيا آهن پوليس تي آڱريون کڄي رهيون آهن ته پوليس عام غريب مسڪين ماڻهن سان ڏاڍ ۽ ناجائزين ۾ اڳيري رهي ٿي. جڏهن پوليس عابده ملاح جي گهر ۾ داخل ٿي ته سڌي فائرنگ ڪئي وئي. آخرڪار اهڙو ڇا ٿيو هو جو تيرهن ورهين جي معصوم نياڻي مٿان پوليس گوليون هلائڻ تي مجبور ٿي پئي جو پوليس جي اهڙي ناجائز قدم تي اڃان تائين ڪابه قانوني ڪارروائي نه ڪئي وئي آهي. پوليس جا اهڙا بي رحماڻا قدم تاريخ جو حصو آهن. جيئن ديپڪ راج بيگناهه هو پر پوليس ڪيس دهشتگرد قرار ڏئي مٿس سڌيون گوليون هلائي ڪيس معذور ڪري هڪ زنده لاش بڻائي ڇڏيو آهي ۽ هو پنهنجي وني ۽ لاءِ آزمائش بڻيل رهي ٿو، سندس وني سنيتا راٺوڙ جيڪا هڪ باشعور عورت آهي سندس ور سان ٿيل ناانصافي خلاف روز سوشل ميڊيا تي احتجاج ڪندي نظر اچي ٿي. ٺٽي ضلعي جي ور شهر ۾ پوليس جي ڪارروائي جو سبب اڃان تائين معلوم ٿي نه سگهيو آهي ته آخر ڪهڙي سبب هڪ بيگناهه نياڻي جي گهر ۾ داخل ٿي ڪيس قتل ڪيو ويو. عابده ملاح جو قتل قانون جي رکوالن لاءِ هڪ سواليه نشان آهي، پر جيڪا پوليس پيچ ڊاهه ڪئي تشدد ڪيو جنهن جي خوف سبب اتي جون نياڻيون مٿو اگهاڙو ڪري روڊن رستن تي ڊوڙنديون پڻ ڏسڻ ۾ آيون، سوشل ميڊيا تي هڪ وڊيو وائرل ٿي جنهن ۾ ور شهر ۾ ملاح برادري پوليس جي ڪارروائي سبب بي يارو مددگار نظر آئي. عابده ملاح جي گهر ۾ بغير ڪنهن وارنٽ جي پوليس جو ڪريڪ ڊائون ۽ عابده ملاح جي مزاحمت سبب پوليس جون مٿس گوليون وسائڻ پوليس جي اداري جي ڪارڪردگي تي هڪ ڪارو ڏبو آهي. ڇا پوليس اهلڪارن کي ڪنهن به ڪارروائي دوران ان قسم جا اختيار ڏنا ويندا آهن ته اهي بغير ڪنهن وارنٽ جي گهرن ۾ گهڙي گهر جي عورتن ۽ نياڻين تي سڌيون گوليون هلائين نه رڳو ايترو پر ڇا پوليس کي اهو حق حاصل آهي ته هو ڪنهن ملزم کي مجرم ثابت ٿيڻ کان پهرين گوليون هڻي ٿڌي تي قتل ڪري ڇڏي يا ان قسم جي اهلڪارن جي لاءِ به ڪا سزا قانون ۾ رکيل آهي؟ بهرحال پوليس پنهنجي وردي جي زور ۽ دٻدٻي کي زنده رکندي اچي. نياڻي عابده ملاح کي مارڻ بعد قانون کي به وڏو فخر ٿيو هوندو ته وڏو مقابلو ٿيو هو پوليس جو جنهن ۾ تيرهن سالن جي معصوم نياڻي پوليس مقابلي ۾ هارائي وئي، پر بهتر ٿئي ها ته ليڊي پوليس کي عابده ملاح جي گهر موڪلين ها ۽ ڪارروائي ڪرائي وٺن ها. هن وقت ليڊي پوليس ڪافي انگ ۾ موجود آهي انهن کي ڪنهن به گهر تي ڇاپو هڻڻ لاءِ ڇو نٿو استعمال ڪيو وڃي؟ ڇا ليڊي پوليس جي هوندي به گهرن ۾ غير مرد پوليس اهلڪار رات جي پيٽ ۾ داخل ٿي سڌيون گوليون هلائين ڇا اهو قانون کي سونهي ٿو؟ اهڙي طرح بدين ۾ به ڪافي پيرا اهڙي قسم جا واقعا ٿيا آهن. تلهار ۾ جڏهن ايس ايچ او علي نواز سرائي چارج ورتي تڏهن نئين آيل ايس ايس پي جي حڪمن تي منشيات خلاف ڪريڪ ڊائون شروع ڪيو ويو جيڪو سٺو ڪم پڻ هو، پر سندس سرپرستي ۾ پوليس جڏهن هڪ غريب سهتن جي گهر ۾ گٽڪي ٺاهڻ جي اطلاع ملڻ تي داخل ٿي هئي ان وقت گهر ۾ هڪ نياڻي موجود هئي سندس مڙس به ٻاهر نڪتل هو، پوليس اهلڪار ڌاڙيلن جيان گهر اندر داخل ٿي گهر جي تلاشي وٺڻ لڳي پر ڪين مليو ڪجهه به نه. نياڻي کان ڪيترائي سوال پڇندا رهيا ۽ ڌڄاريندا رهيا. گهر ۾ دروازي سان لڳ هڪ پاڻي جو ڊرم پريل هو پوليس وارن آخرڪار نياڻي کان اهو به پڇيو هو ته ڇا هن ۾ شراب ناهيندا آهيو هي مڪمل مسئلو جڏهن خوف ۾ ورتل نياڻي صحافين کي ٻڌايو پئي ته نياڻي جون اکيون لال هيون ۽ هوءَ خوف ۾ ورتل هئي. آخرڪار گهر ڀاتين کي ڇاپي بعد پوليس ٽاڻي ۾ گهرائي معذرت پڻ ڪئي ۽ ايس ايس پي يا ڪورٽ سڳوري ۾ ڏانهن لاءِ وڃڻ کان روڪڻ لاءِ ڪوڙي ايف آئي آر داخل ڪرڻ جا ڊپ پڻ ڏنا بهرحال اهو مسئلو دٻايو ويو. شهرين ۽ سماجي اڳواڻن هن معاملي جي ڀرپور مذمت پڻ ڪئي، پر اعليٰ حڪام ڪو نوٽيس نه ورتو. سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته ڇا گٽڪو وڪرو ڪندڙن جي گهرن ۾ پوليس ائين داخل ٿيندي يا قانون جي مطابق ڪارروائي ڪئي ويندي. جيڪڏهن پوليس ڪنهن گهر ۾ ڇاپو هڻڻ گهري ٿي پهرين ته ان وٽ سرچ وارنٽ هجڻ ضروري آهن، ان کان علاوه ان سان گڏ ليڊي پوليس جو هجڻ به تمام ضروري آهي. ان ڪانسواءِ جيڪڏهن پوليس ڪنهن به گهر ۾ اندر گهڙي دهشتگردي ڪري ان قسم جو ڪوبه ايڪشن ڪري ٿي ته اهڙن پوليس اهلڪارن خلاف سخت کان سخت قانوني ڪارروائي ڪري ڪين سزائون ڏنيون وڃن ۽ انهن جي اعليٰ عملدارن کان به پڇا ڳاڇا ڪئي وڃي ته اهڙو ڏوهه انهن جي زير نگراني ڪيئن عمل ۾ آيو. چيف جسٽس آف پاڪستان کي گذارش آهي ته هو ان قتل خلاف پاڻمرادو نوٽيس وٺي بيگناهه نياڻي عابده ملاح جي وارثن کي انصاف فراهم ڪري.



Regd. No: 3160
ماهوار مئگزين
همسري
حيدرآباد

# ٽيڪنيڪل تعليم جي اهميت

سرمد کوسو

اڄ جو دور سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جو دور آهي. ٽيڪنالاجي جي اهميت کان اڄ جو تقريبن هر انسان فائدو به وٺي ٿو ته ان جي اثر هيٺ به آهي ۽ ان سان گڏوگڏ ان جي اهميت کان به واقف آهي. اڄ جو هر ميدان ٽيڪنالاجي کانسواءِ اڌورو آهي. ان ڪري تعليمي عمل ۾ ٽيڪنيڪل تعليم جي وڏي اهميت آهي.

ان تعليم ذريعي اسان معاشري جي افرادي سگهه وڌائي سگهون ٿا. سکيا ورتل ۽ ڪنهن نه ڪنهن هنر ۾ مهارت رکندڙ ماڻهو ملڪ جي ترقي ۾ تمام گهڻي اهميت رکن ٿا. تنهنڪري اڄ جي تعليمي نظام ۾ عملي ۽ ٽيڪنيڪل سکيا تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. نظرياتي (Theoretical) تعليم سان گڏوگڏ ٽيڪنيڪل تعليم ۽ هنري سکيا جا ڪورس به ضروري آهن. جيڪي هڪ ته شاگردن جي تخليقي سوچ کي وسيع ۽ سگهارو ڪن ٿا ۽ ان سان گڏوگڏ ڪنهن به ميدان ۾ ڊگري مڪمل ڪرڻ کانپوءِ شاگرد بيروزگار نٿو رهي، جو ته ڪيس خبر هوندي آهي ته عملي طور تي شيون ڪيئن ٺهنديون آهن. ان ڪري هن وٽ هنر ۽ سکيا هجڻ ڪري هو پنهنجو روزگار ڪري سگهي ٿو. ان سان معاشري ۾ ان فرد کي عزت به ملي ٿي ۽ ملڪ ۾ تربيت يافته ماڻهو جو اضافو ٿئي ٿو.



ٽيڪنيڪل تعليم ۾ هڪڙا ڪورس ڏهين ڪلاس پاس ڪرڻ کانپوءِ ٿيندا آهن جن لاءِ داخلا پوليٽيڪنيڪل ڪاليجن ۾ ورتي ويندي آهي. ٻيا ڪورس وري ٻارهين ڪلاس پاس ڪرڻ کانپوءِ ٿيندا آهن ۽ اهڙي طرح گريجوئيشن ٿيندي ويندي آهي. پوءِ ان جي بنياد تي ڪنهن خاص ميدان ۾ ماسٽرز ڪبي آهي. ان سان اهو فائدو ٿئي ٿو ته اهو شاگرد پنهنجي روزمره جي پڙهائي سان گڏ ڪنهن ٽيڪنيڪل ڪورس ۾ به سرٽيفڪيٽ حاصل ڪري ٿو وٺي ۽ اهو ٽيڪنيڪل ڪم يا هنر سکي ٿو وٺي.

ٽيڪنيڪل تعليم ۾ انجنيئرنگ، ٽيڪنالاجي، مئنيجمينٽ، آرڪيٽيڪچر، ٽائون پلاننگ، فارميسي، هوٽل مئنيجمينٽ، آرٽس ۽ ڪرافٽ سان گڏوگڏ ڪمپيوٽر جا ڪورس، فلم ۽ سائونڊ ايڊيٽنگ جا ڪورس وغيره اچي وڃن ٿا. انهن مختلف ڪورسن ۾ نوجوان تربيت وٺي سٺو روزگار حاصل ڪري سگهن ٿا.

ٽيڪنيڪل تعليم جيئن ته ووڪيشنل تعليم جي هڪ شاخ آهي جيڪا عملي طور تي واپار، ڪامرس، زراعت، انجنيئرنگ ۽ ميڊيڪل ۾ ڪم ڪري ٿي.

ٽيڪنالاجي اسان جي زندگي کي آسان بڻايو آهي. ان ڪري ٽيڪنيڪل تعليم حاصل ڪري ماڻهو پنهنجي ذاتي زندگي کي آسود بڻائي سگهي ٿو ۽ ملڪ جي ترقي ۽ ان جي اقتصادي صورتحال کي به بهتر ڪري سگهي ٿو.

ٽيڪنالاجي کي استعمال ڪرڻ ته آسان آهي پر ان کي تيار ڪرڻ ڏاڍي ڏکي ڳالهه آهي. ان ڪري حڪومت کي اهڙا ادارا ناهڻا پوندا جتي ماڻهن کي مختلف شعبن ۾ سکيا ڏني وڃي. جيڪي اڳ ۾ اهڙي قسم جي تعليم ڏيندڙ ادارا آهن ته انهن کي به بهتر ڪرڻ جي ضرورت آهي. اتي ٽيچنگ ۽ ٻيو اسٽاف مقرر ڪري ڪم ڪيو وڃي.



ان سان گڏوگڏ مان اها گذارش به ڪندس ته اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ موجود سائنسي تجربي گاهن کي فنڪشنل ڪيو وڃي ته جيئن انهن ۾ شاگرد تجربا ڪري پنهنجي سائنسي سوچ کي سگهارو ڪري سگهن.

يادگيريون

# درد جو سفر

خواجه غلام علي ڪوساڻي

1976 جي سانوڻ مند آئي ته بادل به چئني طرفن کان پرجي اچڻ لڳا هئا. خبرون هيون ته هيل ٿر به خوب وٺو آهي، اهي خبرون ٻڌي، اسان ٻه ازلي رولاڪ دوست رهي نه سگهياسين. اوچتو پروگرام ٺاهي حيدرآباد مان هڪ ٿيلهو، جنهن ۾ ٻنهي هڪ هڪ جوڙو ڪپڙن جو ۽ ٻه اجرڪون رکيون، مون ڪئمرا ڳچيءَ ۾ ٽنگي، ٻنپهرن جو روانا ٿياسين نئون ڪوٽ. جتان ٿر جي روايتي سواري ڪيڪڙي جي پويان ڊالي ۾ ڪولهين، ڀيلن ۽ ميگهواڙن جي وچ ۾، اسان به اجرڪن جا پٽڪا ٻڌي ويهي رهياسين. اڍائي وڳي روانا ٿياسين، پنجين وڳي مٺي پهتاسين، جتي چانهه بسڪوٽ کائي وري انهيءَ ڪيڪڙي ۾ رات جو اٺين وڳي پهتاسين سلام ڪوٽ. هي ڪيڪڙو اسان کي سلام ڪوٽ ۾ ڇڏي ڏيپلي طرف روانو ٿيو. اسان کي ننگر پارڪر وڃڻ لاءِ ٻي سواري جو انتظار هو.

سلام ڪوٽ واري اسٽاپ تي هڪ ڪکائين هوٽل هئي جتي هڪ ٻه ڀڳل ٽٽل بينچون ۽ ٻه ٽي اڌڙيل جهول ڪٽون رکيل هيون، هڪ گئس جي گولي جي مرجهايل جهيڻي روشني ۾ چار پنج ماڻهو ويٺل ٻيڙيون ڇڪي رهيا هئا. اسان به هڪ ڪٽ تي ويٺاسين. سامهون ٻبر جي وڻ هيٺ هڪ ڪولهي يا ميگهواڙ خاندان ويٺل هو، جنهن ۾ ٽي چار عورتون، ٻه ٽي ٻار ۽ ٻه مرد نظر اچي رهيا هئا. شايد اهي به اسان وانگر ننگر ويندڙ گاڏي جو انتظار ڪري رهيا هئا. هوٽل جي ٻاهران ڪجهه پاسيرو هڪڙا ٻه سنڌي جوان، وڏين مڇين وارا به ويٺل هئا، جيڪي مڇون وٽيندا، هر هر وڻ هيٺان ويٺل عورتن ڏانهن تاڙيندا ٿي رهيا، هو ڏسڻ ۾ ئي ڪجهه مشڪوڪ ۽ لوفر لڳي رهيا هئا.




خير اسان چانهه سان هڪ هڪ ماني کائي پيٽ پوڄا ڪري، ڪٽ تي آهيلي پياسين. ڪجهه ئي دير ڪانپوءِ هڪ اهڙو واقعو رونما ٿيو، جنهن کي ڏسي اسان جا ٻه تاڪ لڳي ويا. دردناڪ واقعو جنهن کي ڏسي، محسوس ڪري اسان کي بيحد رنج ۽ ڏک ٿيو ته اسان جي عورتن ۽ نياڻين جون عزتون محفوظ نه آهن. بلڪ هن ڌرتي جي اصل وارثن سان ظلم ۽ ڏاڍ جي انتها آهي. ٿر واسين لاءِ ڪي به سهولتون ناهن، انهن جون عزتون به غير محفوظ آهن. نه بس اسٽاپ، نه انتظار گاهه ۽ نه ئي ٻي ڪنهن ضرورت پوري ڪرڻ جي سهولت. غريب ماڻهو غير محفوظ آهن ۽ ڪيئن نه معصوم نياڻين جون عزتون لٽجيو وڃن ۽ اهي ڪجهه ڪري به نٿا سگهن، ڪوبه داد نه فرياد، بيوس ماروئڙا ماٺ ۾ سڀ ڪجهه برداشت ڪريو وڃن. ٿيو ڪجهه ايئن:

جو وڻ هيٺ ويٺل عورتن ۾ ڪجهه چرپر، بيچيني محسوس ٿي، پوءِ ٻه ڄڻيون اٿيون، هڪ پوڙهي ۽ ٻي جوان ڇوڪري، شايد ضروري حاجت لاءِ پويان اونداهي جنگ طرف ٿي ويون.

عورتن کي ويندو ڏسي، ڪجهه گهڙين بعد هي ٻئي همراهه به اٿيا ۽ ٿورو پرتي ڪان ڦري اهي به اونداهي ۾ گم ٿي ويا. پنج ست منٽ مس گذريا ته ماين جي رڙين جا گهٽيل گهٽيل آواز آيا، ڪجهه گهڙين بعد پوڙهي مائي اڪيلي مٿو پٽيندي ڪجهه چوندي ظاهر ٿي ته هنن جا مرد ۽ مايون اڳتي وڌي ويا، جن کي هن روئيندي ڪجهه چيو، سڀ پريشان ٿي ويا، پر پوءِ ٻئي مرد لٺيون کڻي ان طرف روانا ٿيا. ان وقت تائين هوٽل وارا ڪير به هنن جي مدد لاءِ اڳتي نه وڌيا، سڀ پري کان ڏسندا رهيا. تقريبن اڌ منٽ ڪلاڪ ڪانپوءِ نوجوان ڇوڪريءَ کي ٻانهن کان جهلي سهارو ڏئي وٺي آيا، ان ڇوڪريءَ جي حالت خراب هئي، وکريل وار، ڪپڙا مٽيءَ ۾ پريل، اجڙيل حالت ۾ آڻي وڻ هيٺ عورتن وچ ۾ ڇڏيو جتي هوءَ بيحال ٿي روئيندي رهي. صاف لڳي رهيو هو ته هن معصوم سان زور زبردستي ٿي آهي. هاڻ هوٽل وارا به وڌي وٽن ويا، چا ٿيو، ڇا ٿيو پڇڻ لڳا، پر هنن مظلومن طرفان ڪجهه چوڻ بغير پوءِ معاملي کي سمجهي هنن کي صلاح ڏيڻ لڳا ته ٿاڻي تي رپورٽ داخل ڪرايو. اسان اهو سڄو منظر پري کان ڏسي ۽ سمجهي رهيا هئاسين، پر اسان ۾ به ايتري همت نه هئي جو ويجهو وڃي ڏسون، اسان هڪ عجيب درد ۾ وڪجي جهڙوڪر سراپجي ويا هئاسين. خير هوٽل وارا پنهنجا مشورا ڏئي واپس وريا. ڪجهه گهڙين بعد هنن مردن ۽ عورتن پنهنجا ٽپڙ سيريا، اٿيا هڙون مٿن تي کڻي پرتي وڃڻ لڳا، پوءِ خبر نه آهي ڪيڏانهن ويا.

رات جا ڏهه ٿيا هئا، چنڊ جيڪو ڪافي دير کان ڪڪرن سان لڪ لڪوٽي راند ڪيڏي رهيو هو، هي ڪيس ڏسي هڪدم ڪارن ڪڪرن ۾ گم ٿي ويو ۽ برسات جي هلڪي ڦڙ ڦڙ پوڻ لڳي، شايد هن ظلم ۽ جبر تي آسمان به ڳوڙها ڳاڙي رهيو هو.



Regd. No: 3160
ماهوار مئگزين
همسري
حيدرآباد

# ڀوپاگيري جي ور چڙهيل سماج!

ليکراج ميگهواڙ

سگمنڊ فرائيڊ چيو آهي تہ: ”ڪنهن بہ سماج جي شعُوري پرکَ ڪرڻي هجي تہ اوهان پنهنجي ذات سان ٻرامو ڪري سماج جا رد عمل ڏسو“.

ڀوپاگيري جو رجحان سنڌ توڙي هند ۾ گهڻي پاڳي ملي ٿو. ان جا ڪوڙ سارا سبب آهن، پر پاڻ هنن جي خاص پهلوئن تي ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا.

ڀوپا تقريبن اڻ پڙهيل ئي هوندا آهن، سندن تعليم سان پري پري تائين ڪو واسطو ناهي هوندو. ڇاڪاڻ تہ تعليم ڪين اهڙن خراب عملن جي اجازت هرگز نٿي ڏي!

ڀوپا فقط ان معاشري تي حاوي ٿيندا آهن جتي تعليم کان وانجهيل ماڻهُو هوندا آهن ۽ ڪٿي ڪٿي وري سماج جا ڪي فرد پاڻ کي باشعور سمجهندي بہ ڀوپن جي پيرن ۾ ڪريل هوندا آهن. اصل ۾ اهڙا ماڻهُو اڻپڙهيل ماڻهن کان بہ وڌيڪ خطرناڪ هوندا آهن.

ڀوپاگيري هن جديد دور ۾ بہ ناسور بڻيل آهي. ڀوپا پنهنجن ڪڌن ڪرتوتن سان اٻوجهہ ماڻهن کي پنهنجي ڍونگ سان لٽي ۽ ڦري رهيا آهن، اهي انهن ماڻهن تي حاوي ٿيندا آهن جيڪي انڌ وشواس سان زندگي گذاريندا آهن، جيڪي ماڻهو تعليم ۽ سمجهہ کان وانجهيل هوندا آهن انهن تي ان قسم جا ڀوپا گهڻو اثر ڪندا آهن.

گذريل ڏينهن سوشل ميڊيا تي ڪنهن دوست پوسٽ رکي تہ ڪارو علم ڇا آهي؟

سموري سنگت جا تبصرا پڙهي سوچيم تہ سماج جا پڙهيل ڳڙهيل بہ اڻپڙهيل ماڻهن جيان سوچين ٿا. ڇاڪاڻ تہ جڏهن پنهنجا ماڻهُو اڄان 10 صدي جي ناٽڪ ٻرامن جي تسلسل کي ڪنيو پيا اچن تہ اهڙن ماڻهن مان جي ايندڙ نسلن جي ذهني آزادي جي اميد ڪيئن ٿي رکي سگهجي؟

ڀوپن جي ڪڌن ڪرتوتن تي پورو ڪتاب لکي سگهجي ٿو، ڀوپاگيري ڪو علم ناهي نہ ئي ڪو علاج آهي بس جهالت جو الميو آهي، انڌ وشواس ۾ مبتلا ماڻهو جيڪي هنن مڪارن جي چنبي ۾ ايندا آهن.

ڀوپاگيري جي وڌڻ جا سبب تعليم نہ هئڻ، غلط عقيدن جو جڙڻ ۽ ان سان گڏ نفسيات جو علم نہ هئڻ هوندو آهي.

ڀوپاگيري ڪنهن بيماري جو علاج يا حل هرگز نہ آهي. اهو تہ اٻوجهہ ماڻهن کي آفيم جو نشو ڏيڻ آهي، جنهن ۾ سماج جو جيڪو فرد داخل ٿئي ٿو ان کان ٻاهر نڪرڻ مشڪل ٿيو وڃي. اصل ۾ اهڙن ڀوپن کي نفسياتي مريض گهڻي پاڳي مشهور ڪن ٿا جن سان اصل مسئلو ئي نفسياتي بگاڙ هوندو آهي. اسان ڪوڙ اهڙا ماڻهو ڏسندا آهيون جيڪي ڊاڪٽر بجاءِ ڀوپن جي ور چڙهي ويندا آهن، ڀوپا ملڪيت کي اوليت ڏيئي ڪوڙا ٻراما ڪري ڪانئن پئسا ڏوڪڙ، ٻڪريون، رڍون، ڍور ڍڳا ڦٻائڻ جي ڪوشش ڪندا رهندا آهن. جيستائين سندن وس هليو ايستائين ڪانئن سڀ ڪجهہ لٽي ڦري جڏهن وٽن گهر ۾ ڪجهہ نہ بچندو آهي تڏهن هٿ ڪڍي ڦٽو ڪري ڇڏيندا آهن.

جڏهن اهڙو مريض ڪنهن ڊاڪٽر وٽ پهچندو آهي تہ گهڻي دير ٿيڻ سبب سندس بيماري جي تشخيص ٿيڻ مشڪل ٿي ويندي آهي. ڇاڪاڻ تہ ڀوپا مريض کي ڏنڊا، لٺيون، باهہ جا ڏنڀ ڏئي ويتر جسماني تڪليفن ۽ نفسياتي بيماري جو شڪار بڻائي ڦٽو ڪري ڇڏيندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن اهڙا مريض پنهنجو ذهني توازن وڃائي ويهندا آهن.

معاشري ۾ ان قسم جون خرابيون انتهائي خطرناڪ آهن اسان کي انهن مڪارن جون چالاڪيون سمجهڻ گهرجن. اهڙا ڀوپا معاشري جي لاءِ گند آهن، جنهن کي صاف ڪرڻ جي ضرورت آهي. فرائيڊ لکي ٿو تہ: ”جنهن سماج ۾ ماڻهو ٻئي ماڻهو کي جادوگر سمجهي تہ سمجهي وڃو اُهو ماڻهو نفسياتي بيماري ۾ مبتلا ٿي چڪو آهي ۽ سندس سماج لاءِ خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿو.“

ڀوپاگيري جي تصور بابت ۽ بنيادي مسئلي تي خوش ونت سنگهہ لکي ٿو تہ: ”انڊيا ۾ ڪنهن وقت بادشاهي دور هو تڏهن ان وقت جو بادشاهہ پنهنجي مستقبل، پنهنجي فائدي، ترقي يا سندس ڪيپ جي صحيح پرک لاءِ جوتشي رکندا هئا، جيڪي سندن ايندڙ وقت جا نفعا نقصان ڇٽا ڪري ڏيندا هئا. اهو سلسلو ڪافي وقت رهيو ۽ ان سان گڏ حڪيم هوندا هئا جيڪي جبلن تي ويهي تپسيا ڪندا هئا، جڏهن ڪمزور ٿيندا هئا تڏهن جڙي ٻوٽين ۽ ڦڪين جو ڌنڌو ڪندا هئا. جتي ڦڪيون اثر نہ ڪنديون هيون اتي منترن جا جاپ ڪيا ويندا هئا. جڏهن تہ اوچ هندن، پيڙهيل ۽ مظلوم طبقن مان ڪوبہ ديوي ديوتا، اوتار تہ قبول نہ ڪيو، پر انهن جي حقن لاءِ وڙهندڙ ۽ سچ لکندڙ سُورمن کي دُشٽ، اُپراڌي، پاکنڊي جهڙن لفظن جا ٺپا لڳائي ڇڏيا هئا.

جيتوڻيڪ پٿر واري دور ۾ انسان جانورن سان گڏ جهنگلن ۾ اگهاڙو رهي ڦل، ٻوٽا ۽ ڪچو گوشت وغيره کائي زندگي گذاريندو هو.

مختلف سائنسي ايجادون هينئر جون آهن ۽ ان دور ۾ ڪئميرا بہ نہ هئي تہ پوءِ هزارين قسمن جا مختلف فوٽو ۽ مورتيون حرفتي ۽ چالاڪ ماڻهن جي ايجاد ئي تہ آهن، جن انهيءَ کي نہ رڳو ڪاروبار بڻايو پر اٻوجهہ ماڻهن کي پنهنجي چنگل ۾ ڦاسائي انهن جو ڇرن وانگر رت چوسي اپاهج ۽ ذهني مريض پڻ بڻائي ڇڏيو. نتيجي طور ويچارو انسان! چند رپين ۾ خريد ڪيل فوٽو، پٿر ۽ رٻڙ جي ٺهيل مُورتي کي اگربتي جو ڌوپ ڏيئي دنيا جهان جون سيئي نعمتون ۽ آسائشون گهري ٿو.

اهڙا تاريخ ۾ تمام گهڻا واقعا گذريا آهن، جنهن جو بار اٻوجهہ ۽ غريب ماڻهو پنهنجي ڪلهن تي کنيو پيا اچن.

اوهان مشاهدي طور اها جاچ ڪريو تہ هڪ ڀوپو ڇا ٿو پڙهي؟ ڇا ٿو سوچي؟ ڪهڙي علم جي پيروي ٿو ڪري؟ ڪنهن ماڻهو کي سندس ڏاٻن ڌڙڪن ۾ ڪيئن ٿو آڻي؟

ڀوپن جو مقصد ئي پئسا ڪمائڻ آهي اهي ماڻهن کي منجهائڻ ڄاڻن ٿا، سندن ڪمائي جو ذريعو اهو ئي آهي.

**تنهنجو عمل ۽ محنت آهي اصل ڪَرامت،**
**ڪانئرِ، نِڪمي ڪُوڙي بزدل مٿان ملامت.**
**تعويذَ، ڀوهِيُون ڦيڻا، ڌاڳا، سَڳا ۽ جهاڙون،**
**انسانَ کي لَٽڻَ لئي حربا ۽ ڪُلُ حَرامت.**

فرائيڊ لکي ٿو تہ: ”بالغ ٿيڻ لاءِ عمر لازمي ناهي اصل بالغي شعور جي آهي“ جهالت اسان جي سماج کي اڌوهي جيان کائي رهي آهي.

Laikhraj05@gmail.com

زندگي جي راهن تي رلندي سفر ڪندي جڏهن ڪنهن درد ڀري منظر کي اک جي ڪئمرا سان ڏسبو آهي ته اندر ۾ اهو سوال اڀرندو آهي انهي درد جي دوا ڪٿي ڳولجي؟ اهڙا درد جيڪي اسان جي سماج کي اڌوهي جيان کائي رهيا آهن، پر اسان ماڻهو انهن دردن کان نا آشنا ٿي پنهنجين خواهشن ۽ حسرتن پنيان ڏينهن رات ڀٽڪندا رهندا آهيون. اسان ماڻهو ڪڏهن به اهو نٿا سوچون ته آسپاس جي ماحول ۾ ڇا پيو وهي واپري؟ تڏهن لطيف سرڪار

# معاشرتي بيحسي!

**عبدالغني شر**

چيو:

آدمين، اخلاص مٽائي مانو ڪئو،
هاٺي ڪائي سيڪو، ماڙهونُ سندو ماس.

انهن معاشرتي مسئلن رت جي رشتن کان لاتعلق بڻائي پنهنجي زندگي تائين محدود ڪري ڇڏيو آهي. اسان پنهنجي ذاتي زندگي ۾ نه ڪڏهن معاشرتي ڏاڍ تي سوچيو آهي نه وري ان کي ختم ڪرڻ لاءِ اسان ۾ همت آهي. اسان پنهنجن ڪچهرين ۾ معاشرتي دردن تي بحث مباحثا ڪندي وڏا ٽڏا ساهه ڀريندي پنهنجي ذاتي زندگي جي دنيا ۾ گم ٿي ويندا آهيون، نه ڪڏهن اسان اهو سوچيو آهي ته ٿر ۾ هر روز غذائي کوٽ، بک ۽ بدحالي ۾ معصوم ابهم ٻارڙا موت جو کاڄ بڻجي رهيا آهن. ڪٿي اهي معاشرتي ريتن رسمن جي ور چڙهي سنگ چٽيءَ جهڙي ڪڌي رسم ۾ انهن ڏهن ورهين جون معصوم ٻارڙيون پوڙهن ۽ اڌڙوٽ مردن سان پرڻايون وڃن ٿيون! ڪٿي انهن ٻارڙن کي زيادتي بعد گهٽا ڏئي قتل ڪري انهن جا لاش لوڙهيا وڃن ٿا، ڪٿي انهن جا سونين والين خاطر ڪن ڪپيا وڃن ٿا، اهڙن معصوم ٻارڙن کي اسڪول موڪلڻ بدران جڏهن سندن جنازا ڪلهن تي ڪٽي شهر جي گهٽين ۾ نڪرندا آهيون ته حساس دل ته ڇا پر پٿر دل ماڻهو جون اکيون به ساوڻي جي مينهن وانگي اوهيرا ڪري وسنديون آهن.

سرداري سوچ جي تصور پنيان جيئندي اڄ به اسان جي اندر ۾ انا پرستي واري سوچ سمايل آهي. جنهن سوچ ۾ اسان جا معمولي مفاد ۽ انائون هونديون آهن شعوري سگهه رکندي به اڄ اسان ڏاڍ مڙسي جي سوچ پنيان جي رهيا آهيون. تعليم جو ڪرندڙ معيار هجي يا ٻارڙن سان ناانصافين واري ڳالهه هجي اسان جذباتي تقريرون ڪندي ماحول ته گرمائي ڇڏيندا آهيون پر عملي طرح ڪجهه به نه ڪندا آهيون. اڄ به اسان جي شهرن ۽ ڳوٺن جا معصوم ٻارڙا گهڻي حد تائين غير محفوظ آهن. ڪڏهن اهي اسڪول ويندي اغوا ٿي وڃن ٿا، ڪڏهن پورهيت جي گهر ۾ بکي پيٽ سمهي پون ٿا ۽ اهي مجبوري وچان اسڪول وڃڻ بدران صبح بس اسٽاپن تي شهر جي بازارن ۾ بکايل پيٽ جي باهه وسائڻ خاطر هر ڪنهن آڏو هٿ ٽڱيندي نظر اچن ٿا. ڪٿي اهي مال جي ولر پنيان پنهنجي قد ڪاٺ کان وڏا لڪڻ ڪٽي ڊوڙندا رهن ٿا. ڪٿي اهي



پيهن تي چڙهي پنهنجي فصل جي جهار هڪلين ٿا، ڪٿي گيريجن ۾ پانن سان هٿ ڪارائيل نظر اچن ٿا. سنڌ جو پورهيت طبقو مهانگائي ڏڪار ۽ پاڻي جي کوٽ سبب سخت پريشان حال آهي، دربدري واري زندگي گذاريندي پنهنجن ٻچڙن جي بهترين مستقبل لاءِ پريشان حال آهن، پر ٻارڙن جي حوالي سان ڪم ڪندڙ غير سرڪاري تنظيمون، ادارا ۽ انتظاميه مڪمل طور تي غافل نظر اچن ٿا. اهي صرف نالي ماتر ڪم ڪري پنهنجي وجود جو احساس ڏيارين ٿا. اسان پنهنجي سگهاري سوچ سان جيئڻ ذاتي زندگي ۾ پيش ايندڙ مشڪلاتن جو حل ڳولي وٺندا آهيون ائين ئي اسان کي پنهنجي معاشري ۾ رهندڙ پنهنجي مستقبل جي معمارن لاءِ سنجيدگي سان سوچڻ گهرجي.

ٻارڙن جي معياري تعليم، ننڍي عمر جي شادين ۽ اهڙا ٻيا بنيادي مسئلا آهن جيڪي هڪ منظم تحريڪ جڙڻ سان ئي حل ٿي سگهن ٿا. اهي مسئلا انسان جي ارتقائي تهذيبن کان وٺي هن تهذيب يافته دور ۾ به موجود آهن. ڪجهه سال اڳ يونيسف وارن ٻارڙن جي بنيادي مسئلن کي ترجيح ڏيندي پنهنجا پراجيڪٽ هلائيندي ڪجهه ڪم ڪيو پر پراجيڪٽ ختم ٿيڻ ڪانپوءِ اهو ڪم اتان کان غائب ٿي ويو.

ننڍي عمر ۾ شادين جي ريتن رسمن جي حقيقت انتهائي ڊيڄاريندڙ آهي. اڄ به هن جديد دور ۾ اهي دقيانوسي ريتون رسمون اهڙن اڻ ٻوجهه ماڻهن جي ذهنن تي ڇانيل آهن ۽ اهي انهن مان پنهنجي جند آجي نه ڪري سگهيا آهن. ٻارڙن جي تعليم، ننڍي عمر ۾ شادين جون ريتون رسمون ٽوڙي ٻارن جي بنيادي مسئلن جو حل معياري تعليم آهي. اسان کي گهرجي ته پنهنجي اڻ ٻوجهه ماڻهن کي تعليم جي زيور سان سينگاريون. سندن هٿن ۾ قلم ڏيون ته جيئن هو پنهنجي مسئلن کي سمجهي سگهن ۽ انهن جي حل لاءِ جدوجهد ڪري سگهن. جيئن لطيف سرڪار چيو:

ٻڏندي ٻوڙن کي، ڪي هاتڪ هٿ وجهن،
پسو لڄ لطيف چئي، ڪيڏي ڪي ڪڪن
توڙي ڪندي ڪن، نات ساٿن وڃن سير ۾.

## ناول_ قسط اوڻٽيهين
# رنگ گِرهڻ

ضراب حيدر

مان اسپتال جي پارڪ ۾ سگريٽ ڇڪي رهيو هئس. الائي ڇو مون کي سمرينا شدت سان ياد اچي رهي هئي. سمرينا، جنهن پنهنجي زندگيءَ جو ڏيئو هڪ ئي ڦوڪَ سان اُجهائي ڇڏيو هو. سمرينا، جنهن پنهنجي ڪشش جي مدار ۾ پاڻ کي گُم ڪري ڪو بليڪ هول بڻائي ڇڏيو هو.

مان سمرينا جي مرڻ ڪانپوءِ ڪيترن سالن تائين سوچيندو رهندو هئس، ائين ئي، جيئن امان جي مرڻ ڪانپوءِ موت ۽ روح متعلق سوچيندو هئس، پر سمرينا جي مرڻ ڪانپوءِ روح متعلق بہ سوچڻ لڳو هئس. مان الله متعلق بہ سوچيندو هئس. سمرينا ۽ امان جي موت ڪانپوءِ الله متعلق عجيب عجيب خيال ايندا هئا. مان پنهنجو پاڻ کي چوندو هئس تہ ڪهڙو الله آهي، جنهن سمرينا کي ماريو، امان کي ماريو. ڀلا جيڪڏهن ڪجهہ وقت الله امان کي نہ ماري ها، سمرينا کي نہ ماري ها تہ ڇا ٿئي ها!؟ اُنهن جي جاءِ تي ڪنهن ٻئي کي ماري ڇڏي ها تہ بہ ڇا ٿي پوي ها.

سمرينا جي مرڻ ڪانپوءِ مون دل ئي دل ۾ سوچيو هو تہ امان تہ ڪٽي بيمار بہ هئي، عمر بہ چڱي ساڙي هئس، ٻيو تہ صدمن ڪيس هيٺو ڪري ڇڏيو هو. زندگيءَ تان سندس ويساهہ گهٽو اڳ ڪڃي ويو هو، جڏهن سندس جوان جماڻ مڙس موت جو ڪاچ ٻڌجي ويو، پر سمرينا نئين نيئي هئي، اجان مُڪڙي هئي، ٽڙي گلاب بہ ڪونہ ٿي هئي، پوءِ ڇو ايترو جلد مري وئي.

موت جي حقيقت امان پيري مون لاءِ عجيب بڻيل هئي، مان لمحن جا لمحا امان لاءِ سوچيندو هئس تہ مرڻ ڪانپوءِ ماڻهو ڪيڏانهن هليو ويندو آهي؟ اُن وقت منهنجو ننڍڙو ذهن بس اِهو ئي سمجهندو هو مرڻ ڪانپوءِ ماڻهو قبر ۾ هليو ويندو آهي. تنهنڪري مان رات جو قبرستان هليو ويندو هئس ۽ امان جي قبر کي ڀاڪر پائي سُمهي پوندو هئس.

سمرينا جي مرڻ وقت تہ مان سمجهہ وارو هئس عاقل بالغ ٻڌجي چُڪو هئس. تڏهن موت مون لاءِ اجا بہ عجيب هو. مون سمرينا جي موت تي ڏاڍو سوچيو هو تہ هوءَ ڪيئن ٿي مري سگهي! تڏهن پنهنجي ئي اندر مان اِهو جواب مليو هئم تہ سمرينا تہ پاڻ کي پاڻ ماريو.

مون ننڍي لاڪي امان واتان ٻُڌو هو تہ مارڻ واري کان بچائڻ وارو ويجهو هوندو آهي، جنهن تي مون امان کان پُڇيو هو تہ مارڻ وارو ڪير هوندو آهي ۽ بچائڻ وارو ڪيو هوندو آهي؟ اُمان اُن گهڙي چُپ ٿي ويندي هئي. امان منهنجي اڪثر سوالن تي مون کي چوندي هئي تہ ”تون اهڙا عجيب سوال ڇو پُڇندو آهين.“ ۽ پوءِ وري منهنجي سوال جو جواب منهنجي سمجهہ آڌار ڏيندي هئي. مارڻ وارو ڪير ۽ بچائڻ وارو ڪير جي جواب ۾ چوندي هئي تہ ”مارڻ وارو ڪير بہ ٿي سگهي ٿو، پر بچائڻ وارو صرف هڪ الله آهي.“ امان جي ڏنل جواب آڌار مان سمرينا جي مري وڃڻ ڪانپوءِ اِهو ئي سوچيندو رهندو هئس تہ سمرينا جڏهن پاڻ کي پاڻ ماريو پئي تہ بچائڻ وارو الله ڪٿي هو؟ سمرينا جي مرڻ ڪانپوءِ مان ڪيترن ڏينهن تائين پنهنجي ئي سوالن ۾ اُلجهندو رهيو هئس. تڏهن وري پنهنجي ئي اندر مان ساڳيو جواب ملندو هئم تہ مارڻ واري کان بچائڻ وارو ويجهو هوندو آهي، پر سمرينا پيري اُهو بچائڻ وارو الله ڪٿي هو..!!؟؟

هڪ پيري ڊاڪٽر رائو بشير کان پُڇيو هئم، جڏهن هُن پنهنجي نوجوان پُٽ جي مارجي وڃڻ جي ڳالهہ ڪئي هئي. مون ڊاڪٽر رائو بشير کي چيو هو تہ:

”الله سائين نوجوان ڇو ماريندو آهي، جڏهن تہ پوڙها ۽ جُهور ڪُراڙا ماڻهو جيئرا هلندا وتندا آهن. جيتوڻيڪ مَرڻ جي وهي تہ توهان جي هئي، پر مَري وري توهان جو پُٽ ويو.“ اُن لمحي ڊاڪٽر رائو بشير هڪڙو وڏو ٿڌو ڏنو هو:

”ڳالهہ تہ تو واهہ جي ڪئي آهي، پر آرٽسٽ هجڻ باوجود تون اِها ڳالهہ سمجهي نہ سگهندين...“ مان حيرت وچان ڊاڪٽر رائو بشير کي ڏسي رهيو هئس ۽ هو ڪنهن سوچ ۾ هليو ويو هو. ڪن ساهي ڪانپوءِ ڳالهايائين،

”پُٽ ملهار! هاريءَ کي خبر هوندي آهي تہ ڪهڙي مهل ٻج ڇٽڻ گُهرجي ۽ ڪهڙي مهل فصل لُڻڻ گُهرجي... هر ٻج جي ڄمڻ ۽ لُڻڻ جو پنهنجو پنهنجو وقت هوندو آهي.“ هو وري خاموش ٿي ويو هو، ڪن ساهي رڪي، وري ڳالهايو هئائين:

”سو ملهار! جيئن هاري کي ٻج پوکڻ ۽ فصل لُڻڻ جو پتو هوندو آهي، تيئن آهي خلقڻهار کي خبر هوندي آهي تہ ڪنهن کي ڪڏهن ڄمڻ گهرجي، ڪيترو وقت جيئڻ گهرجي ۽ ڪهڙي وقت مرڻ گهرجي.“

منهنجي ۽ سمرينا جي وچ ۾ جيتوڻيڪ ڪابہ جسماني وابستگي جُڙي نہ سگهي هئي، اَئون ڪڏهن ڪڏهن ڪيس ڇهي ۽ چمي وٺندو هئس، پر ڪنهن بہ انتها کي رسي نہ سگهندو هئس. جيتوڻيڪ مون کي لڳندو هو تہ سمرينا روحاني طور تي تمام گهٽي سگهاري آهي باوجود اُن جي ڪڏهن نہ ڪڏهن مان ڪيس سَر ڪري وٺندسُ، پر هُن جڏهن خودڪشي ڪئي تہ منهنجو اندازو غلط ثابت ٿيو، جو جيڪڏهن هوءَ روحاني طور سگهاري هُجي ها تہ ڪڏهن بہ پاڻ نہ ماري ها. هُن سان خبر ناهي تہ ڪهڙا ذهني مونجهارا هئا، جن جي ڪري جسماني لذتون سندس لاءِ بيڪار ۽ بي معنيٰ هيون. اُن جي جاءِ تي فائزا وري بلڪل اُبتڙ هئي. هوءَ ڏکڻ قطب جيان پنهنجي مخصوص حرارت سان تمام گهٽي حساس هئي پر ردِ عمل ۾ بنهہ سمرينا جيان هئي. روبي وري سمرينا ۽ فائزا ٻنهي کان مختلف هئي، هوءَ آفريڪا جي تتل صحرا وانگر هئي.

مان پارڪ ۾ ويٺو هئس تہ اسپتال جي نرس نسرين مهتاب مون وٽ آئي، مان ڪيس ڏسي ٿورو مُرڪيس ۽ دل ئي دل ۾ سوچيم تہ هوءَ ضرور مون کي ڪا سُٺي خبر ٻڌائيندي، پر هُن اچڻ سان چيو تہ:

”توهان اچو مون سان گڏ نيرن ڪريو...!“

مون سگريٽ جو آخري ڪش هڻي سگريٽ اُڇلايو ۽ لاشعوري طور ساڻس گڏ هلي پيس. جيتوڻيڪ نسرين سان منهنجي عليڪ سليڪ کي ڪي چوويهہ ڪلاڪ بہ نہ ٿيا هئا، باوجود اُن جي مون سندس آڇ قبولي ورتي ۽ ڪنهن بہ قسم جو تڪلف نہ ڪيم. پوءِ جڏهن مون ساڻس گڏ نيرن ڪري ورتي تہ مون کي اندازو ٿيو تہ مون گذريل ڏينهن کان ڪجهہ بہ نہ کاڌو پيتو هو، سواءِ هڪ چانهہ جي ڪوپ جي، جيڪو پڻ نسرين ئي مون کي پياريو هو.

مان نيرن ڪري واپس پارڪ ۾ هليو آيس ۽ پنهنجي لاشعور متعلق سوچڻ لڳس، جنهن مون کي نسرين مهتاب سان گڏ نيرن ڪرائي هئي. شعوري طور مان ڪڏهن بہ ائين نہ ڪريان ها. سندس آڇ خاموشيءَ سان نہ قبوليان ها. منهنجي پنهنجي انا، منهنجو حجاب ضرور اِن ڳالهہ کان منع ڪري ها تہ مان ساڻس بنا ڪنهن تڪلف جي نيرن ڪريان. فائزا جي پريشاني، جيڪا منهنجي اعصابن ۽ حواسن تي غالب آيل هئي، تنهن منهنجي بُک کي دٻائي تہ ڇڏيو هو، پر اُها پنهنجي جاءِ تي موجود ضرور هئي، جنهن جو اِدراڪ مون کي نہ پئي ٿيو. لاشعور اُن جي پوراءُ لاءِ مون کان جيڪو ڪجهہ ڪرايو، سو مون لاءِ بنهہ عجيب هو. عجيب تہ مون لاءِ اهو بہ هو تہ مان نسرين مهتاب جي منڊ ۾ منڊجي ويو هئس، جنهن جو ڪارڻ هڪ ٻي ٻک بہ هئي، جنهن جو پوراءُ گذريل سال سوا ڪان نہ ٿيو هو. روبي جڏهن ڪان اسلام آباد وئي هئي.

نسرين مهتاب سان نيرن ڪرڻ ڪانپوءِ مان ڪيترائي سگريٽ پارڪ ۾ ڇڪي چُڪو هئس. منجهند ڪانپوءِ اوچتو نسرين مهتاب تڪڙي تڪڙي هلندي پارڪ طرف آئي منهنجي پرسان پُڇندي چيائين:

”مبارڪ هُجيوَ، توهان جي دوست هاڻي خطري کان ٻاهر آهي. هوءَ ڪجهہ ڪلاڪن لاءِ هوش ۾ بہ آئي هئي.“ مون هڪ نگاهہ آسمان طرف نِهاريو منهنجون اکيون الائي ڇو آليون ٿي ويون. منهنجي دل مان شُڪراني جي آواز سان جيڪي لُڙڪ ڪِريا، سي نسرين مهتاب کي بہ جڻ اُداس ڪري ويا. هوءَ بہ مون کي نِهاريندي جڻ روئڻهارڪي ٿي پئي. هلڪي مُرڪ سان گڏ جيڪا پاڻياٺ اکين ۾ تري آئي هئس اُن جي معنيٰ مان سمجهي ڄاڻي نہ سگهيو هئس.

”پنل اکين سان الله جو ذڪر ۽ شُڪر وڏي معرفت وارو هوندو آهي. توهان وڏا خوشنصيب آهيو ۽ توهان جي دوست بہ.“ هُن مُرڪندي چيو. مون سندس جملي جي گهرائي کي سمجهندي نہ سمجهندي تڪڙو تڪڙو آءِ سي يو روم طرف هلڻ شروع ڪيو، هوءَ بہ تڪڙي تڪڙي منهنجي پُٺيان هلندي آئي. مون جيئن آءِ سي يو روم ۾ داخل ٿيڻ جي ڪئي تہ هُن مون کي روڪيندي چيو:

”توهان في الحال پنهنجي دوست سان مِلي نٿا سگهو.“

”ڇو نٿو مِلي سگهان؟“

”اِن لاءِ جو هوءَ اڃا مڪمل هوش ۾ نہ آئي آهي. ڪيس مڪمل هوش ۾ اچڻ لاءِ اڃا ڪجهہ ٽائيم لڳندو.“ مان واپس ڪاريڊور ۾ رکيل ڪُرسيءَ تي اچي ويهي رهيس.



منجهند جي ٽائيم اسپتال ۽ ڪاريڊور ۾ ماڻهن جي چهل پهل ڪافي گهٽجي وئي. ڊاڪٽر بہ پنهنجا رائونڊ ڪري هليا ويا هئا. نسرين مهتاب اُن سمي مون وٽ آئي ۽ مون کي لنچ جي آفر ڪيائين. مون طلب نہ هُجڻ جو بهانو ڪندي پنهنجو تڪلف ظاهر ڪيو. هُن وري چيو:


”ٺيڪ آهي، توهان اسٽاف روم ۾ هلي ويهو ۽ اُتي هلي ريسٽ ڪريو.“

مون سندس مُنهن ۾ نِهاريو سندس مُرڪ مون کي اُٿڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. مان اُتي اچي اسٽاف روم ۾ صوفي تي ويهي رهيس. هوءَ بہ اچي پنهنجي جاءِ تي ويهي رهي. اسٽاف روم ۾ مان ڪافي دير ويٺو تہ رهيس پر جڻ پاڻ کي اُڻتانيڪو محسوس ڪري رهيو هئس. هُوءَ لاڳيتو مون کي ڏسي رهي هئي ۽ منهنجي ڪيفيت جڻ محسوس ڪري رهي هئي، تنهنڪري چيائين:

”جيتوڻيڪ هِتي سگريٽ ڇڪڻ جي اجازت ڪونهي پر توهان منهنجي رسڪ تي سگريٽ ڇڪي سگهو ٿا.“ مون ڪيس حيرت وچان ڏٺو ۽ چيم:

”توهان جي رسڪ تي ڇو؟“

"اِن لاءِ جو مون کي لڳي پيو تہ اوهين سگريٽ ڇڪڻ ڪانسواءِ پاڻ کي اَن ايزي فِيل ڪري رهيا آهيو." مان ٿورو مُرڪي پيس، هُن بہ مُرڪي ڏنو.
"معاف ڪجو توهان سگريٽ ڪجھ گهٽا نٽا ڇڪيو!؟ آئون اِهو رات کان ڏِسي رهي آهيان."
"ها عادت اٿم."
"پوءِ عادت گهٽ ڪرڻ جي بہ عادت وِجهو نہ!" هُن هلڪو ٽِهڪ ڏنو. مان خاموش رهيس. هُن وري ڳالهايو:
"پر توهان سگريٽ ڇڪيندي سُٺا لڳندا آهيو."
"اڇا، سو وري ڪيئن!؟" مون حيرت وچان پُڇيو.
"سگريٽ ڇڪيندي توهان جي شخصيت اڃا بہ ٽِڙي پوندي آهي." مان کِلي پيس.
"ها ها، مان سچ پئي چوان، اڪثر ماڻهو سگريٽ ڇڪيندي موالي لڳندا آهن، پر توهان ڏاڍا ڊيسينٽ لڳندا آهيو." مون مُرڪي ڪيس "مهرباني" چيو ۽ وري خاموش ٿي ويس. گهڙي ڪانپوءِ هُن وري ڳالهايو:
"مون کي اندازو آهي سگريٽ جيان، رنگن وارو بُرش بہ اوهان جي آڱرين ۾ واهہ جو ٺهندو هوندو."
"الائي خبر ناهي."
"پوءِ تہ خبر لهڻ لاءِ توهان کي اُن حالت ۾ بہ ڪڏهن ڏسڻو پوندو." مون ڪيس ڪابہ ورندي نہ ڏني. هوءَ بہ ڪا گهڙي خاموش ٿي وئي ۽ بس رڳو مون کي ڏسندي رهي. مون چاهيندي بہ الائي ڇو سگريٽ نہ اُڪايو.
"توهان بہ سوچيندا هوندا تہ مان توهان سان هرو ڀرو فِري ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهيان."
"نہ نہ اهڙي ڪابہ ڳالهہ ڪونهي، مان ائين هرگز نٿو سوچي سگهان."
"ها، بلڪل اهڙي ڪابہ ڳالهہ ڪونهي، مان تہ توهان سان فِري ٿي چُڪي آهيان. سوچڻ جي ڪا گُنجائش ئي ڪونهي." هُن وري هڪڙو ٽِهڪ ڏنو، مان بہ سندس ٽِهڪ تي کِلي پيس ۽ ڪيسي مان سگريٽ ڪڍي اُڪايم. سگريٽ جو ڪش هنيم تہ سگريٽ جو دونهون سموري ڪمري ۾ پکڙجي ويو. دونهين تي نسرين مهتاب پنهنجون اکيون پُوري هڪڙو وڏو ساهہ کنيو، اکيون کوليندي چيائين،
"مون کي ڪنواري دونهين جي خوشبوءِ ڏاڍي وڻندي آهي جيڪا سگريٽ اُڪائڻ سان نِڪرندي آهي." نسرين جي جُملي مون کي لاجواب ڪري ڇڏيو:
"دونهون ۽ ڪنوارو؟" مون ڳالهائيندي سندس مُنهن ۾ ڏٺو، "ها، چو نہ...! گُلڻ يا ٽِڙڻ کان اڳ هر شيءِ ڪنواري هوندي آهي. جيئن في الحال پنهنجي دوستي بہ ڪنواري آهي." مان سگريٽ جو ڪش هنيو ۽ مُرڪندو رهيس. دل ئي دل ۾ سوچيم تہ نسرين مهتاب ڪا غير معمولي ڇوڪري ضرور آهي. هوءَ مون جيان ائبنارمل يا مونجهارن ۾ ورتل ڪونهي.
اُن لمحي مون کي الائي ڇو ڊاڪٽر رائو بشير جو هڪ جملو ياد اچي ويو تہ ائبنارمل ماڻهو گهڻو سُپر نارمل هوندا آهن. اُهي سدائين ٻن الڳ ڇيڙن تي رهندا آهن يا تہ صفا منفي يا وري صفا مثبت يا تہ صفا ٿڌا يا نرم يا وري صفا تتل ۽ ڪاوڙيلا. ائين ئي نفسياتي مونجهارن ۾ ڦاٿل ماڻهو بہ ٻن متضاد ڪنارن تي رهندا آهن يا پاتال ۾ هوندا آهن يا وري پولار ۾ رهندا آهن.
هڪڙي ڀيري اسان جڏهن عشق پيار ۽ نفسيات تي ڳالهائي رهيا هئاسين تہ ڊاڪٽر رائو بشير چيو هو تہ،
"ملهار! زندگيءَ ۾ جيڪڏهن رڳو مزا ونڻا هُجن ۽ رُڳو ماڻٺو ئي هُجي تہ ڪڏهن بہ ڪنهن اُلجهاءُ ۾ ورتل عورت سان پاڻڌ نہ پُسائجانءِ. جيڪڏهن زندگيءَ ۾ ڪجھ سِڪٺو پرائٺو ۽ دنيا جي رنگ ۽ آرٽ کي سمجهڻو هُجئي تہ پوءِ ضرور ڪنهن ائبنارمل/ مونجهارن ۾ ورتل عورت سان پاڻڌ اڙائجانءِ. مطلب عشق پيار جو مزو حقيقت ۾ ڪامپليڪس کان پاڪ عورت ۾ هوندو آهي."
منهنجي زندگيءَ ۾ روبي، سمرينا ۽ فائزا آيون هُيون اُنهن جا پنهنجا ڪي نہ ڪي ڪامپليڪس هئا. تِن منهنجي دل جا دروازا ۽ دريون مُغلن جي ٻارنهن دريءَ جيان ڪولي ڇڏيون هُيون. جڏهن تہ نسرين مهتاب جنهن ادا سان منهنجي دل جو کُليل دروازو اُٻتي آڱر سان ٺاڪ ڪندي پنهنجي ڪنگهڪار سان کڙڪايو هو ۽ بنا ڪنهن موٽ يا ورنديءَ جي منهنجي دِل ۾ بنا ڪنهن اجازت جي داخل ٿي چُڪي هئي سا اڳتي هلي منهجي ئي مونجهارن کي سُلجهائڻ ۾ ڪافي مددگار ثابت ٿيندي اندازو ئي نہ هئم. هوءَ جيڪا هڪ هوا جي جهوٽي جيان منهنجي وجود ۾ داخل ٿي هئي سا منهنجي وجود مان گرد و غبار اُڏاري ڪٽي ويندي خبر ئي نہ هئم.
ڪافي دير ڪانپوءِ هُن ڳالهايو، "ڪيڏانهن گُم ٿي ويا خيالن ئي خيالن ۾؟"
"ڪيڏانهن بہ نہ." هُن وري هڪڙو ٽِهڪ ڏنو،
"وري بہ ٻُڌايو تہ ڪيڏانهن هليا ويا هئا، خيالن ۾؟" مون بہ ائين ئي ٻي خيالي ۾ ڪيس چيو:
"خيالن جي دنيا آهي، ڪوئي ڪيڏانهن بہ وڃي سگهي ٿو."
"ها بلڪل، اِهو تہ آهي خيالن جي دنيا ۾ ڪو ڪيڏانهن بہ وڃي سگهي ٿو پر ڪنهن جي ذاتيات ۾ هرگز وڃڻ نہ گهرجي."
"ڇا مطلب، مون سمجهيو ڪونہ."
"توهان خيالن خيالن ۾ مون متعلق سوچي رهيا هئا، جيڪا ڳالهہ صحيح ناهي." هُن هڪڙو وڏو ٽِهڪ ڏنو، مون کي جڏهن سندس ڳالهہ جو اندازو ٿيو تہ مون کان بہ ٽِهڪ نڪري ويو.
هُن ٽِهڪ ڏيندي جلدي ڪٽي لنچ سامهون ٽيبل تي رکي.
"اڇو هاڻي... خيالن خيالن ۾ منهنجي ذاتيات ۾ داخل ٿيا آهيو تہ مانجهاندي ۾ بہ شامل ٿي وڃو."
"سچ مون کي طلب ناهي، توهان کائو."
"ائين وري ڪيئن ٿيندو، مان ويهي کاوان ۽ توهان مون کي ڏسو، مناسب ناهي" هُن وري هلڪڙو ٽِهڪ ڏنو.



"مناسب آهي، توهان کائو پليز."
"يلا هڪڙو گِرهہ هٽي inauguration مهُورت ڪريو." هُن مُرڪندي چيو. مون کي وري سندس جملي لاجواب ڪري ڇڏيو نہ چاهيندي بہ وڏي ساڻس گڏ مانيءَ جا بہ ٽي گِرهہ هنيم. ...
(هلندڙ)...


انٽرويو

# سياسي اڳواڻ اياز لطيف پليجي کان انٽرويو

## زاهده ابڙو

**زاهده ابڙو: توهان رسول بخش پليجي جي فڪري سياست کي اڳيان وڌائڻ بجاءِ هڪ نئين راهه چو چونڊي.**

**اياز لطيف پليجو:** منهنجي خيال ۾ پليجي صاحب ۽ فاضل راهو صاحب واري ساڳي سياست آهي، پهرين سمجهڻو پوندو ته پليجي صاحب جي پاليٽڪس ڪهڙي هئي. هن پنهنجي سياسي زندگي جو آغاز نيشنلسٽ ۽ ليفٽ اورينٽيڊ سياست سان ڪيو. ان وقت نيشنل عوامي پارٽي ۾ رهيا جيڪا ملڪ گير پارٽي هئي. ان ۾ جي ايم سيد، ولي خان، شير باز مزاري سڀ گڏ هئا، جيڪا اڳتي هلي عوامي نيشنل پارٽي ٿي. پوءِ محترم جي ايم سيد سان گڏ ٿيا، بزم صوفياءِ سنڌ متحده محاذ اها به گڏيل پاليٽڪس هئي. چوٿين مارچ تي به پليجي صاحب جو ماڻهن کي سپورٽ ڏيڻ ۾ بنيادي ڪردار هو، اها شاگردن جي سياست هئي. ان ڪانپوءِ پليجو صاحب، فاضل صاحب، رشيد ڀٽي، حفيظ قريشي، ڊاڪٽر رجب، دستگير ڀٽي ۽ ظفر اڄڻ انهن گڏجي عوامي تحريڪ ٺاهي. پاڻ ائين چونداسين ته اها هيٺين طبقن جي پارٽي هئي. ڪيس ته هيٺين طبقن جو وڙهي پر ان ۾ مٿئين طبقي جا ماڻهو به شامل هئا. جيئن فاضل راهو پاڻ هڪ زميندار وچولي قسم جو وڏيرو هو، منفي نه پر پنهنجي راڄ جو چڱو مڙس هو. مير علي بخش ٽالپر عوامي تحريڪ جو صدر هو جيڪو فريال ٽالپر جو سهرو هو. سائين جي ايم سيد صاحب جو پسمنظر به زميندار وارو هو ۽ پاڻ قومپرستي جي سياست ڪيائون. پوءِ پليجو صاحب اتحاد ۾ رهيو سنڌ قومي اتحاد جنهن ۾ عبدالحميد خان جتوئي، محمود هارون، خانم گوهر اعجاز صاحبه اهي سڀ ساڃي ڊر ۽ زميندار وارو بيڪ گرائونڊ رکڻ وارا سياستدان هئا. پوءِ ايم آر ڊي ۾ پليجو صاحب ان جا ڪنوينر رهيا. ان ۾ مولانا فضل رحمان جي جي يو آءِ، ملڪ قاسم جي مسلم ليگ، خواجه خير الدين جيڪو بنگلاديش جو سخت مخالف هو ان جي مسلم ليگ (خيرالدين گروپ) ان ۾ پيپلز پارٽي به شامل هئي. پليجي صاحب جي سياست جو ۽ اسان جي سياست جو مقصد هميشه اهو رهيو آهي ته سنڌ جي وسيلن، سنڌ جي ماڻهن جي سڃاڻپ، انهن جي ڳانڍاپي جي لاءِ ڪم ڪجي. جنهن جي لاءِ مختلف ماڻهن سان اتحاد ڪرڻا پون ٿا. پليجي صاحب ڪاٻي ڌر سان به مختلف وقتن ۽ سطحن تي اتحاد ڪيا. جنهن ۾ عوامي جمهوري اتحاد، پاڪستان عوامي تحريڪ، شير علي باچا، امتياز عالم، سنڌ جي سيني وڏيرن سان اتحاد ڪيا. آخر ۾ اينٽي گريٽر ٿل ڪئنال جيڪا ايڪشن ڪميٽي ٺهي ان ۾ پليجي صاحب سان گڏ پيپلز پارٽي هئي، قائم علي شاهه ان کي ليڊ ڪري رهيو هو، پليجو صاحب پاڳاري صاحب ڏانهن ويو، وڏي پاڳاري صاحب کي به گڏ ڪنيائين ۽ ان کي سنڌ جي اشوز تي پاڻ سان ساٿ ڏيڻ لاءِ چيائين. جنهن تي شاهه مردان شاهه چيو ته ڊيم به بلاشڪ هڪ وڏو اشو آهي پر پنجاب کان ايندڙ سم جو پاڻي به هڪ تمام وڏو اشو آهي ان جي خلاف به آواز بلند ڪرڻ کپي. پليجي صاحب، غلام محمد مهر صاحب کي به آماده ڪيو جنهن ۾ بينظير ۽ پليجي صاحب گڏجي ڪالا باغ ڊيم خلاف تحريڪ هلائي. ان ڌرڻي ۾ مهر صاحبان ۽ ٻيا به شريڪ هئا. سنڌ جو ڪهڙو فيوڊل يا ترقي پسند جنهن سان پليجي صاحب گڏجي ڪم نه ڪيو هجي، پر سندس مقصد سنڌ جي عوام جي سياست هئي. ان لاءِ رستي ۾ جتي جتي ضرورت پئي ٿي توڙي اسان جماعت اسلامي سان گڏجي لانگ مارچ



ڪئي، چيف جسٽس جي بحالي لاءِ جنهن ۾ اسلام آباد تائين عوامي تحريڪ جون پيٽون بہ هليون. تنهنڪري ساڄي ڌر کاٻي ڌر قومپرست، اردو ڳالهائيندڙ علي ياور جهڙا يا ڪرامت علي جهڙا سمجهدار ماڻهو انيس هارون، نسرين اظهر سڀني سان گڏجي ڪم ڪيو آهي ۽ ڪندا رهنداسين. اسان اڳتي هلي کاٻي ڌر سان بہ گڏجي ڪم ڪنداسين تہ اهڙن مسئلن تي جيئن آدم شماري جو مسئلو آهي ان تي پيپلز پارٽي اسان جو ساٿ ڏي تہ اسان پيپلز پارٽي سان گڏ سياست ڪنداسين. وري جيڪڏهن پاڻي ۽ گئس جي مسئلي تي پيپلز پارٽي، فنڪشنل ليگ، پي ٽي آءِ، نواز ليگ جيڪي پارٽيون اسٽينڊ وٺنديون توڙي ايم ڪيو ايم بہ چوندي تہ سنڌ کي گئس ڏيو تہ اسان ائين ڪونہ چونداسين تہ ايم ڪيو ايم ورا گئس جو مطالبو ڇو ٿا ڪريو، جي يو آءِ جو خالد سومرو شهيد هر ڏکئي دور ۾ اسان سان گڏ رهيو، ان ڪري چاهي ڪو ماڻهو ترقي پسند هجي يا ساڄي کاٻي ڌر جو هجي سڀني سان گڏ هلبو.

**زاهده ابڙو: ساڄي ڌر سان ويهڻ جي ڪري توهان کي ڪهڙا فائدا ۽ ڪهڙا نقصان پهتا آهن.**

**اياز لطيف پليجو:** جڏهن آئون جي ڊي اي ۾ هئس تڏهن مون کي چوڏهن هزار ووٽ مليا ۽ هينئر بہ مون کي تيرهن هزار نو سئو ووٽ مليا تہ سئو ووٽن جي ڪري تہ ڪو گهڻو فرق نہ آيو آهي. پاڻ وٽ اهي سڀ ماڻهو هارائي ٿا وڃن. اسان جو سسٽم ان لوئر مڊل ڪلاس يا مڊل ڪلاس جي ماڻهو کي زور ۽ ڏانڊلي جي بنياد تي هارائي ٿو. سنڌ ۾ ڪهڙو قومپرست کاٻي ڌر جو انقلابي ماڻهو اڄ ڏينهن تائين ڪٿيو آهي نالو ٻڌايو.

**زاهده ابڙو: ان سلسلي ۾ توهان کي ماڻهن سان شڪايت آهي يا اليڪٽوريل سسٽم سان يا وري هن ملڪي نظام سان.**

**اياز لطيف پليجو:** سنڌ جو ماڻهو ڇا ٿو ڪري جو جيڏي مهل هن کي تڪليف ٿي اچي جڏهن ڪي مسئلا سامهون ٿا اچن، جڏهن ڪا نياڻي ڪٽي قتل ٿي وڃي ٿي تہ اياز لطيف پليجو کي سڏيو يا قادر مگسي کي سڏيو. وري جڏهن زرداري جو جلوس لنگهندو تہ سڀ ماڻهو هنبوشيون هڻي اتي پهچي ويندا. هاڻي اهي سڀ ماڻهو جيڪي سئو گاڏين ۾ ان جلوس ۾ هوندا اهي ڪنهن نياڻي جي قتل تي وري سڀ اتندا اتي پچندا تہ اياز لطيف پليجو ڪٿي آهي، اسين قومپرست ۽ ترقي پسند اها پٽري آهيون جيڪا شيطان کي هڻبي آهي. عبادت ڪرڻ لاءِ ۽ دعا گهرڻ لاءِ وڏيرا آهن، پٿر ڪٽي هڻبو جي ايم سيد کي، رسول بخش پليجي کي، حيدر بخش جتوئي کي، جام ساقي کي، اياز لطيف پليجي، جي ايم سيد تباهي ڪري ڇڏي، رسول بخش پليجي ڪجهہ نہ ڪيو، ووٽ ڏبو وڏيري گلڻ خان کي، ان جي پويان هلبو، انهن کان پنهنجي پيڻ جي بدلي ڪرائبي، پٽ جي نوڪري وٺبي، ان کان گهوسٽ ماستر جي بدلي جو آرڊر وٺبو، ان کان اڌ ڪلو ميٽر روڊ جو ٺيڪو وٺبو، انهن جي ذريعي اديبن جي هڪ ڪانفرنس ۾ پاڙو ڪري اسلام آباد وڃبو، انهي ڊپارٽمينٽ طرفان لنڊن وڃبو، اتي هٿ لوڏبو، وزير سان سيلفي ڪڍرائبي.

اياز لطيف پليجو قومي عوامي تحريڪ جو صدر، هڪ ناميارو قانوندان ۽ وڪيل آهي. قومي عوامي تحريڪ کان پهرين سندس سياسي جدوجهد سندس والد محترم رسول بخش پليجي جي پارٽي عوامي تحريڪ جي پليٽ فارم تان شروع ٿي. اياز لطيف پليجو سياست سان گڏ لکڻ ۽ پڙهڻ سان بہ دلچسپي رکي ٿو، سندس مختلف موضوعن تي لکيل ڇهہ ڪتاب هيستائين پبلش ٿي چڪا آهن. جيڪي هيٺ ڏجن ٿا: "ٽي مسافر، ٽي شهر" (سفر نامو)، "سارون، سپنا، -آزادي"، "دنيا پنهنجي، ديس پرايا" (سفرنامو)، "باڪ- جي ساک" (سفرنامو)، "قانون سڀني لاءِ" (قانوني ڄاڻ)، قانون ۽ انصاف.

هيستائين دنيا جي پنجن کنڊن جي اهم يونيورسٽين ۾ انساني حقن، اقليتن، عورتن ۽ سنڌ جي پاڻي واري ڪيس بابت ڪيترا پيپر پيش ڪري چڪو آهي.

**زاهده ابڙو: سنڌ جا هن وقت ٽي وڏا مسئلا ڪهڙا آهن ۽ انهن کي ڪيئن حل ڪري سگهجي ٿو.**

**اياز لطيف پليجو:** مون کان جيڪڏهن پڇندا تہ سنڌ ۾ وڏي ۾ وڏو مسئلو ڪرپشن ٻئي نمبر تي بہ ڪرپشن ٽي نمبر تي بہ ڪرپشن. ٻيا سڀ مسئلا ثانوي آهن اهي بہ اهم آهن مثال طور گئس جو مسئلو ان ڪري آهي جو سنڌ جا حڪمران ڪرپٽ آهن جو اهي وفاق سان ڳالهائي ئي نٿا سگهن ۽ نہ گوڙ ڪري سگهن ٿا نہ ڌرڻا هڻي سگهن ٿا. سنڌ جو پاڻي بند آهي ارسا ۾ يا سي سي آءِ ۾ ڪيئن وڃن جيڪڏهن ڪجهہ چون تہ اتان انهن کي انهن جي ڪرپشن ڏيکاري ٿي وڃي، جيڪا سندن هٿ ٻڌي ٿي ڇڏي. سنڌ جو ڪوئلو وري ڪرپشن، ان مسئلي تي ڳالهائي نٿا سگهن. ثمر مبارڪ پئسا ڪائي هليو ويو. توهان جي گهر ۾ جيڪڏهن ويهہ شيون ڪرپشن واريون آهن تہ توهان پاڙي ۾ احتجاج ڪيئن ڪندا. ان ڪري سنڌ ۾ پاڻي ڪونهي، سنڌ ۾ وسيلا ڪونهن، سنڌ جو بنيادي ڍانچو تباهہ آهي.

**زاهده ابڙو: قومپرستن کي اليڪشن ۾ اها موٽ ڇو نٿي ملي جنهن جي هو اميد رکن ٿا.**

**اياز لطيف پليجو:** پاڪستان جڏهن وجود ۾ آيو، پاڪستان ۾ ان وقت ۾ جيڪو قانون هو اهو 1935ع جو گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ هو، ان ڪانپوءِ جيئن ورهاڱو ٿيو ان ڪانپوءِ بہ انڊيا ايڪٽ لاڳو رهيو. سال کن جي اندر قائداعظم محمد علي جناح وفات ڪري ويو، هوڏانهن بہ گانڌي صاحب گذاري ويو، پر هندستاني ٽيم ۾ جواهر لال نهرو ۽ سردار ولڀ ڀائي پٽيل جهڙا تيز سياستدان موجود هئا. هتي جڏهن جناح صاحب گذاري ويو تہ ان جي جاءِ ورتي ملڪ غلام محمد جيڪو اڌ رنگ جو مريض هو ۽ لياقت علي خان جنهن جو سنڌ ۾ ڪوبہ ماڻهو نمائندو ڪونہ هو. هو يارت واري پاسي کان آيل هو، هن پاسي سان هن جو ڪو تعلق نہ هو، هن جي ڪوشش هئي تہ آئون پنهنجو تڪ ٺاهيان. 1947ع ۾ پاڪستان آيو، 1949ع ۾ آبجيڪٽو ريزوليشن ڪٽي آيو ۽ ان ۾ هو ڪٽي آيا تہ پاڪستان کي هڪ مذهبي رياست ٺاهڻو آهي ۽ پاڪستان جو آرٽيڪل 2-اي هينئر بہ اهو ئي آهي. ان ڪانپوءِ توهان ڏسندا تہ 1956ع جو آئين آيو اهو پارليامينٽري سسٽم جو هو پر ان ۾ وڏو صوبو ۽ ننڍو صوبو ڪري هڪڙي صوبي جي ماڻهن کي پنٽي ڏکيو ويو، ايسٽ پاڪستان يعني بنگال کي اڪثريت هئڻ جي باوجود اقتدار کان ٻاهر رکيو ويو ۽ پوءِ 62ع جو جيڪو آئين آيو اهو صدارتي صورت ۾ هو، ان ۾ ون يونٽ لڳائي پاڪستان جي سڀني صوبن کي گم ڪري نواب ڪالا باغ جهڙا ماڻهو آڻي ۽ هوڏانهن اعظم خان جهڙا ماڻهو آڻي پاڪستان جي حقيقي قومن کي جيڪي پنج قومون هيون سنڌي، پنجابي، بنگالي، بلوچ ۽ پشتون، انهن جي بجاءِ وڏيرن جي هڪ اِليٽ پيدا ڪئي وئي، سنڌ مان بہ وڏيرا شامل ٿي ويا، نتيجي ۾ پاڪستان ۾ هيٺين درجي جي ۽ وچولي درجي جي ماڻهن جي سياست ٿي ڪانہ. ليفٽ پنهنجي ڪريئيٽو پاليٽڪس ڪرڻ جي بجاءِ ڪي روس نواز ٿي ويا، ڪي چين نواز ٿي ويا. ان ڪري هتي مضبوط ليفٽ بہ پيدا ٿي نہ سگهي، حقيقي کاٻي

Regd. No: 3160
ماهوار مئگزين
همسري
حيدرآباد

ڏر تي تہ پهرين ئي وار ٿي ويو جڏهن راولپنڊي سازش ڪيس ٿيو ۽ ماڻهن کي پڪڙي ٻڌي پاڪستان وڃي آمريڪا جو اتحادي ٿي ويو ۽ تختي ٻڌيو پئي هليا تہ چانور ۽ ڪٽڪ ڏيڻ تي ٿينڪيو. هتي ملڪ جو عوام چاهي پيو تہ اسان جي خارجہ پاليسي آزاد هجي. هتي سياسي پارٽيون اوسر ڪري ارتقا ڪري اڳتي اچن اهو ٿيو ڪونہ. سائين جي ايم سيد جو سڄو زور ان ڳالهہ تي هو تہ ڀٽي کي ناڪام ثابت ڪيان، پليجي صاحب جي بہ اها ئي ڪوشش هئي تہ ڀٽي ۽ سائين جي ايم سيد صاحب جي خلاف لکجي. جي ايم سيد جي خواهش هئي تہ پليجي صاحب، ڪميونسٽ پارٽي ۽ ڀٽي صاحب جي خلاف لکجي. پنهنجو ڪم وڌائڻ جي بجاءِ هڪڙو سڄو دور گذريو جيئي سنڌ جو، پيپلز پارٽي جو، عوامي تحريڪ جو، ڪميونسٽ پارٽيءَ سان لاڳاپيل دوستن جو تہ هڪٻئي تي حملا ڪيئن ڪجن. ان ڪري پنهنجي تنظيم سازي ڪرڻ جي بجاءِ ٽڪراءُ ٿي ويا، يونيورسٽين ۾ ٽڪراءُ، شهرن ۾ ٽڪراءُ، تنهنڪري قومپرست لوئر مڊل ڪلاس جو ترقي پسند ماڻهو اپري ڪونہ سگهيو. سنڌ جي ماڻهو جي مزاج ۾ بہ آهي تہ هن خانا ناهي ڇڏيا آهن تہ هي ڪم اياز لطيف پليجي کان وٺبو ۽ ان کي شاباس ڏبي، پوئي جا پئسا هن کي ڏبا، دعوت هن کي ڏبي، ٽاڻي ۾ هن کان ڇڏرائبو، واٽر ڪورس هن کان کولرائبو، جنهن کان واٽر ڪورس کولرائبو ان کي ووٽ ڏبو، جنهن کان ماڻهو کي ٻڌرائبو ووٽ ان کي ڏبو، شاباس ڏيئي ٻنا ٽپري فوٽو اياز لطيف پليجي سان ڪڍرائبو، شادي ۾ دعوت وري ٽئين وڏيري کي ڏبي. ان فارمولي ۾ سمجهو تہ سنڌي ماڻهو وڏو داناءُ آهي ڪڏهن ڪڏهن قومون بہ ائين ٿينديون آهن جو اهي سمجهنديون آهن تہ اسين وڏي دانائي پيون ڪريون، پر اها قوم پنهنجو ٻيڙو پاڻ ٻوڙيندي آهي. وري جو پاڻ کي مڙي ڏسندي آهي تہ خبر پوندي آهي تہ قوم تہ پاڻ کي تباهہ ڪري ڇڏيو. رڳو اهو سنڌين ڪيو آهي ڇا ڀلا ريڊ انڊينز بہ ائين ڪيو. سنڌي ماڻهو جيستائين ڪرپشن مان جان نہ ڇڏائي سگهندا تہ اليڪشنن ۾ هو بليڪ ميل پيا ٿيندا، ٽڪي جي ڪم جي لاءِ هو وڃي وڏيري جا ماڻهو ٿيندا، اهل اقتدار جا چمچا ٿيا وينا هوندا، ايندڙ دور هليو ويندو، وري اسان جا ٻچا پنندا پيا اسان جي ٻولي تباهہ هوندي، اسان جو مستقبل تباهہ ٿي ويندو، ڪجهہ سنڌي ماڻهن کي عارضي فائدو ٿيندو پويان نسل تباهہ ٿي ويندس.

**زاهده ابڙو: ڇا توهان ان ڳالهہ سان متفق آهيو تہ اسان جي قومپرستن کي بہ پنهنجي سياسي ڪردار ۽ سياسي عمل جو تنقيدي جائزو وٺڻ جي ضرورت آهي.**

**اياز لطيف پليجو:** توهان بلڪل صحيح ٿا چئو، اسان کي سڀ کان پهرين پنهنجو جائزو وٺڻ گهرجي پاڻ رڳو ٻاهرين ايليمينٽس کي ڇوندا آهيون تہ انهن ظلم ڪري ڇڏيو، ان ڪري اسان کي بہ پنهنجي پاليٽڪس جو جائزو وٺڻ گهرجي تہ جيئي سنڌ جا مختلف گروپ، قومي عوامي تحريڪ، ايس يو پي، فنڪشنل ليگ، جي يو آءِ، سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ ليفٽ جون پارٽيون، ڪميونسٽ پارٽي، پيپلز پارٽي، هڙئي پارٽيون جيڪي بہ آهن پنهنجو جائزو وٺن تہ هنن کان ڪٿي ڪٿي ڪوتاهيون ٿيون آهن جو سنڌ جي ماڻهن کي ڊليور نہ ٿي سگهيو آهي ۽ اسان کي ٻي ڪهڙي حڪمت عملي جوڙڻ کپي، اهو سڀ تڏهن ٿيندو جڏهن ماڻهو پڙهيل لکيل هجي. سنڌ جي ڪهڙي پوليٽيڪل پارٽي جي ليڊرشپ پڙهيل لکيل آهي. مثال طور: هڪڙي پارٽي جي ڪارڪنن جا ڪتاب پڙهيل آهن رڳو سائين جي ايم سيد جا، انهن کا ڪا خبر ڪانهي تہ ٽائمز مئگزين ڇا پيو لکي، فار ايسٽرن اڪانامڪ رويو مئگزين ۾ ڇا لکيل آهي، انهن صرف پيغام لطيف پڙهيو آهي. وري ٻي مخلوق آهي جن رڳو پليجي صاحب جا ڪتاب پڙهيا آهن، صبح ٿيندو، ڏراڙن جا ڏک، ڳاڙهو لالٽين، ڳالهيون ڳنوارن جون، پسي ڳاڙها گل پڙهيو پيا هلن. هڪڙا وري پڙهن پيا ”اگر مجهي قتل ڪيا گيا“ ذوالفقار علي ڀٽو جو. سياستدان بي خبر آهن تہ معيشيت ڪيڏانهن پئي وڃي، ڊار ڊالر کي ڪيئن پئي ڪنٽرول ڪيو، اسد عمر ڪهڙي تباهي پيو ڦهلائي، آءِ ايم ايف جي ڪري رپئي جي قيمت ڪيرائي اٿن، انهن کي ڪا خبر ڪونهي، انهن جي فرشتن کي بہ خبر ڪونهي تہ ڇا پيو ٿئي.

**زاهده ابڙو: هن وقت ملڪي صورتحال کي توهان ڪيئن ڏسي رهيا آهيو اسان ڪهڙي طرف وڃي رهيا آهيون.**

**اياز لطيف پليجو:** تباهي ڏانهن پيا وڃون سنڌ جو ماڻهو سجاڳ نہ ٿيو، منهنجو ۽ قومي عوامي تحريڪ جو ساٿ نہ ڏنو، اسان ڪانسواءِ ٻيو ڪير بہ ڪونهي. ايمانداري سان ٿو ٻڌايان تہ اسان ۾ سئو ڪوتاهيون آهن، مون ۾ ۽ منهنجي پارٽي ۾ هزار خاميون آهن، پر اسان ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ اٿوَ ڪونہ يا اهي ماڻهو اٿوَ جيڪي پيپلز پارٽي جا مئنيج ٿيل آهن يا اهي آهن جن جي ڪابہ وفاداري ڪونهي اهي اقتدار لاءِ اچن ٿا ۽ ڪڏهن بہ ڀڄي ويندا. هڪڙي ڏينهن هڪ پارٽي ۾ هوندا تہ ٻئي ڏينهن ٻي پارٽي ۾ هوندا. سنڌ جي مڊل ڪلاس پروگيسوو ليڊر شپ اڄ توهان ڏسندا تہ ڪڏهن لنڊن ۾ ويٺي آهي، جلسن ۾ پويان هٿ پئي لوڏي. هن وقت سنڌ جي ماڻهن لاءِ اسين آهيون ٻيو ڪجهہ ڪونہ اٿوَ. مستقبل ۾ نئين ليڊرشپ ضرور اچي سگهي ٿي پر في الحال وهاڻو اهو ئي اٿوَ.



**زاهده ابڙو: توهان جي پارٽي ۾ ٻه ڪا پيرالل ليڊرشپ نظر نٿي اچي.**

**اياز لطيف پليجو:** ان ڪري جو محنت نٿا ڪن، ڄام ساقي سان گڏ ٻيو ڪو ماڻهو چو ڪونه ابري سگهيو. ڇو ته هن قرباني ڏني، محنت ڪئي. بشير قريشي ڪانسواءِ جسقم ۾ ٻي ليڊرشپ پيدا ٿي نه سگهي ڇو جو هو هلندو هو. جي ايم سيد صاحب جي زماني ۾ ٻيا به وڏيرا هئا پر جي ايم سيد به هلندو هو. رسول بخش پليجي سان گڏ به ٻيا ماڻهو هئا هو به هلندو هو. فاضل راهو به هلندو هو، ٻيو رسول بخش پليجو، ٽيون عالم شاهه جيڪو بيمار ٿي پيو. ٽيئن پوليٽيڪل پارٽين ۾ نواز شريف، مريم نواز يا شهباز شريف ڪانسواءِ پارٽي نٿي هلي سگهي. ليڊر ٿيڻ لاءِ اسين چاهيون ٿا ته اسين هلون نه محنت نه ڪريون، ڪنڊڪوٽ نه وڃون، شڪارپور نه وڃون، اسين ڪراچي يا حيدرآباد ۽ بدين ۾ ويهي ليڊر ٿيون، ليڊر ٿيڻ لاءِ هلڻو پوندو. پاڪستان جي سياست ۾ جيڪو ليڊر هلندو ڳوٺ ڳوٺ ويندو ڌڪا کائيندو اهو آهستي آهستي ڪارڪن مان ليڊر بڻجي ويندو. اسان جي پارٽي ۾ هن وقت گهڻا ماڻهو آهن جيڪي ان ڊائريڪشن ۾ وڃن پيا، جن ۾ انور نوحاڻي، اشرف لاڪو، الطاف خاصخيلي، روشن ڪنڊراڻي، ادي زينت سمون، مظهر راهو، عباس پٺاڻ اهي جيڪڏهن محنت ڪندا سڄي سنڌ ۾ هلندا ۽ ان سان گڏ مطالعو ڪندا ته هڪ ڏينهن ليڊر ٿي ويندا. ٻوليون سکڻيون پونديون، ان سان گڏ تجزيي ڪرڻ لاءِ مهارت حاصل ڪرڻي پوندي تڏهن وڃي ليڊر ٿيڻ جي قابل ٿبو.

**زاهده ابڙو: قومپرستن گڏيل اتحادواري سياست ڪئي آهي پر ان ۾ پائيداري نظر نٿي اچي جو قوم جا مسئلا حل ٿي سگهن.**

**اياز لطيف پليجو:** اسان ڪانسواءِ ٻيا جيڪي به قومپرست آهن اهي ايڊهاڪ بنياد تي آهن هي ڪم ٿيو ته نيڪ نه ٿيو ته خير آهي. مثال طور اليڪشن ٿيون اليڪشن ڪانپوءِ ڪجهه ماڻهن پنهنجون پارٽيون ٺاهيون اهي پارٽيون ڇڏي گم ٿي ويا. ٻه ٽي ماڻهو هوندا جيڪي توهان کي متحرڪ نظر ايندا. هڪڙا ٻيا اهڙا هئا جن ٽڪيٽ وٺي اليڪشن وڙهي پر اليڪشن جي ٻئي ڏينهن آمريڪا هليا ويا، هتي پير ڪوڙي اسين ويٺا آهيون. تنهن جي ڪري سبب ڪهڙو به آهي اليڪشن اسان جي منزل آهي ئي ڪونه، اسان جي منزل جي هڪڙي وک يا رستي جو هڪڙو پٿر آهي. اهڙن سياستدانن جي اها خواهش آهي ئي ڪونه ته سنڌ کي تبديل ڪرڻو آهي. هنن کي اقتدار ۾ اچڻو آهي اقتدار نٿو ملي ته سياست وڃي ڊوڙ پائي. ورِي ٻه ٽي سال ويهي وري جڏهن آسرو ٿو ٿين ته وري سرگرم ٿي ٿا وڃن، پر مسلسل پير کوڙي ويهي جدوجهد ڪرڻ لاءِ ڪميٽمينٽ کپي، پنهنجي قوم سان محبت کپي.

**زاهده ابڙو: سي پيڪ هن خطي ۾ نئين دور جي شروعات جو اعلان آهي، پر سنڌ ان دور ۾ داخل ٿيڻ لاءِ مڪمل طور تي تيار نظر نه پئي اچي توهان جي خيال ۾ سنڌ حڪومت کي ڪهڙي حڪمت عملي ٺاهڻ کپي جو اسان ان نئين دور کي منهن ڏيئي سگهون.**

**اياز لطيف پليجو:** سيني کي حصو وجهڻ کپي، سنڌ حڪومت ته بليڪ ميل ٿيل آهي اها ڪجهه ڪري ڪونه سگهندي. اها جيڪا به ڳالهه ڪندي ته انهن کي هڪڙي جي آءِ ٽي ڏيڪاري ويندي ته هو وري گم ٿي ويندا. هونئن ته سنڌ حڪومت کي سنڌ جي سمورين يونيورسٽين ۾ سي پيڪ چيئرز قائم ڪرڻ کپن، سي پيڪ سينٽرز قائم ڪرڻ کپندا هئا ته ان پروجيڪٽ مان ڪيئن فائدو وٺجي. پاڪستان جي حڪومت خود سي پيڪ جي لاءِ مڪمل طور تي تيار نظر نٿي اچي، عمران خان جي سئو ڏينهن ۾ اهڙي ڪابه ڪارڪردگي نظر نٿي اچي، هنن ڪا تياري ڪئي هجي. گذريل پنجن سالن ۾ عمران خان نون ليگ سان ٽڪراءُ ۾ رهيو هن جي ڪيبنٽ ۾ ڪي به اسڪلڊ ماڻهو نظر نٿا اچن جيڪي شين جي باريڪبيني کي سمجهي سگهن. سي پيڪ فائدو به ڏيئي سگهي ٿو ته هڪ عذاب به ٿي سگهي ٿو سوا ارب ڏيڍ ارب چيني اٿو جيڪڏهن صحيح حڪمت عملي نه ٺاهيوَ ته سوا ڇهه ارب چينين جو ڇهون حصو يعني ويهه ڪروڙ چيني جيڪڏهن هتي نڪري آيا ته پاڪستاني به ويهه ڪروڙ ۽ ويهه ڪروڙ چيني نڪري آيا ته آبادي جو تناسب بدلجي ويندو ۽ مفادن جو ٽڪراءُ ٿيندو. آمريڪا ائين نٿو ڪري سگهي ڇو جو هتان کان هزارين ميل پري آهي ان ڪري هو پنهنجا ويهه هزار ماڻهو به هتي نٿو موڪلي سگهي. ڀارت سان توهان جي دشمني پئي هلي ان جا ماڻهو به هتي نٿا اچي سگهن. افغانستان ۽ ايران ڪمزور آهن، هاڻي چين اسان سان ڪري پيو ڪاروبار. فائدو اهو ٿيندو جو ان ڪاريڊور مان اسان لاءِ ڪروڙن جون نوڪريون اينديون، روزگار ايندا، وسيلا ايندا، پر اهي وسيلا هوندا فقط استعمال ڪرڻ لاءِ جنهن جا هو اسان کان پئسا وٺندا. جيڪڏهن اسان پنهنجا ماڻهو تيار نه ڪيا يا ته چيني ايندا يا ٻين صوبن مان ماڻهو ايندا. اسان سيني کي گڏجي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته اسين پاڻ کي مستقبل لاءِ تيار ڪريون. اسان جا جيڪڏهن ٻه ٽي ٻار آهن ته انهن کي چيني ٻولي سيکاريون، ننڍن ننڍن ڳوٺن ۾ اهڙا انسٽيٽيوٽ ٺاهيون جتي چيني ٻولي سيکاري سگهجي، پر رڳو ٻولي به ڪافي ڪونهي ان سان گڏ اسان کي هنري تربيت به ڏيڻ گهرجي جنهن ۾ آءِ ٽي اليڪٽرانڪ، مڪينڪ، مشين آپريٽر، گئريجن جا ڪم اهي سڀ اچڻ گهرجن. سنڌ ۾ ايندڙ دور ميرٽ جو هوندو اسان جي ڪئمپين آهي ته سنڌي ڪراچي هلو. 2019ع ۾ هر سنڌي هڪ مهينو گهٽ ۾ گهٽ لاڳيتو وڃي ڪراچي ۾ رهي ان جي لاءِ ڪيس قرض ڪڍڻو پوي ته ڪڍي. ڪراچي رهبو ته سي پيڪ ۾ حصو ملندو، چيني ٻولي سکبي ته سي پيڪ ۾ حصو ملندو، بي اي جي ڊگري تي نوڪري ڪونه ملندي. چيني نوڪري لاءِ توهان کي پنهنجون هنري صلاحيتون وڌائڻيون پونديون. هي ڪاريڊور جتان جتان لنگهندو اتي وڃي اسان کي نوڪري ڳولڻي پوندي. اسان جي نوجوانن کي چين جون اسڪالرشپون وٺڻ گهرجن. جرمني ۾ هن وقت فري ٽيوشن آهي اتي وڃڻ گهرجي، اسان کي آمريڪا ۽ آسٽريليا وڃڻ گهرجي. اسان جي ماڻهن کي هينئر وفاق کان اها گهر ڪرڻ کپي ته ڪيٽي بندر پروجيڪٽ وري ريسٽور ٿئي. اسان کي سنڌ ۾ هڪ وڏي مهم هلائڻ کپي ته سڄي دنيا ۾ ڪوسٽل هاءِ ويز هوندا آهن. هڪڙي ملڪ کان ٻئي ملڪ تائين سمنڊ جون شاهراهون هونديون آهن، اسان وٽ صرف ڪلفٽن وٽ ننڍڙو روڊ ٺهيل آهي. پاڻ کي ڪراچي کان وٺي ڪيٽي بندر، شاهبندر، ڪارو ڇاڻ ڀُليون دريائن جي مٿان ٺاهيندي بدين جي ڀڳڙا ميڻ، ٺر تائين جتي وڃي درياءُ ۽ سمنڊ لڳن ٿا اتي هاءِ وي



ناهيون. پيپلز پارٽي کي ان تي ڪم ڪرڻ گهرجي اڳتي هلي ان کي گوادر سان ڳنڍڻ کپي. ان سان نوڪرين جا ذريعا پيدا ٿيندا، روزگار پيدا ٿيندا. سي پيڪ مان فائدو وٺڻ گهرجي، بلڪہ چائنا کي رڳو وفاق سان نہ پر صوبن سان بہ رابطي ۾ اچڻ گهرجي ۽ چين کي پنهنجي پاليسي واضح ڪرڻ گهرجي تہ اهي رڳو مخصوص جاين تي ڪم ڪرڻ چاهين ٿا يا سنڌ ۽ بلوچستان جي پٺتي پيل علائقن کي بہ ترقي وٺرائڻ چاهين ٿا.

**زاهده ابڙو: پاڻي جي مسئلي کي ڪيئن حل ڪجي 1991ع واري صوبن ۽ وفاق واري پاڻيءَ جي معاهدي تي عمل ڇو نہ ٿي رهيو آهي.**

**اياز لطيف پليجو:** مون ڇيو نہ تہ ڪرپشن، اياز لطيف پليجو تہ ارسا ۾ آهي ڪونہ، جيڪڏهن سنڌي ماڻهو پڇندا تہ اياز لطيف پليجو جواب ڏي اهو تہ ارسا ۾ آهي ڪونہ. نہ ڪو آئون سي سي آءِ جو ميمبر آهيان، نہ ئي قومي اسيمبلي ۾ آهيان، نہ ئي سينيٽ ۾ آهيان. جتي فيصلا ٿين ٿا اتي توهان جا نمائندا جڏهن پهچن ٿا تہ انهن کي ڏيکارين ٿا جي آءِ ٽي، اهي ماٺ ڪيو واپس اچو ڪراچي پهچن. سنڌي پنهنجي ترجماني لاءِ چوندين ئي اهڙن ماڻهن کي ٿا. عوام جيڪڏهن اهڙا ايم اين اي ۽ ايم پي اي چوندبيندي جيڪي انهن شين ۾ ملوث آهن تہ پوءِ ڪجهہ ڪونہ ٿيندو. سنڌ جو پاڻي پنجاب جا حڪمران ڪٽي ويا آهن، ڏيڍ سئو سالن کان سنڌ جي پاڻي تي ڌاڙو آهي، جيڪا انڊس واٽر ٽريٽي ٿي هئي ان ۾ پنجاب ٽن دريائن جو پاڻي نہ پر ٽي درياءُ وڪڻي ڇڏيا هئا. سنڌ جي پاران ان وقت ذوالفقار علي ڀٽو ايوب خان سان گڏ هو. انهن سيني صلاح مشورو ڪري سڀ سامان وڪڻي ڇڏيو، پنهنجا پاڻي وڪڻي هاڻي انڊس جو پاڻي پيا ڪٽن. تربيلا ۽ منگلا کي ڀي سلٽ ڪرڻ لاءِ ڪا ڪوشش نہ پئي ورتي وڃي. 1991ع واري ٺاهہ ۾ بہ اسان سان زيادتي ٿي، هو 1991ع جي ٺاهہ تي عمل ڪرڻ لاءِ بہ تيار ڪونہ آهن. هنن ڄاڻايو تہ سسٽم ۾ 125 ايم اي ايف پاڻي آهي ۽ 117 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي ورهايون ٿا. 117 ايم اي ايف پاڻي هوندو ئي ڪونهي ڪڏهن پاڻي ان جو اڌ هوندو آهي ڪڏهن ان جو ٽيون حصو تہ ڪڏهن چوٿون حصو هوندو آهي. ڏهن پندرهن سالن ۾ هڪ دفعو ٻوڏ ايندي آهي هو ان کي جنرلائيز ڪري ان جي بنياد تي پاڻي ورهائين پيا. ڪالا باغ تہ ٺهيو پر منگلا ۽ تربيلا کي ڀرڻ بہ مشڪل آهي. سنڌ ۾ پاڻي آهي ڪونہ سمنڊ مٿي چڙهي پيو، لکين ايڪڙ زمين سمنڊ جي اندر هلي ويندي ۽ هي چون ٿا تہ ٽيون ڊيم ٺا ناهيون. پاڪستان جي آئين تحت جيڪڏهن آئون پاڪستان جو صدر، وزيراعظم يا چيف جسٽس آهيان يا سپريم ڪورٽ ۽ هاءِ ڪورٽ جو جج آهيان يا ڪنهن ميڊيا چئنل جو مالڪ آهيان يا سينيٽ جو چيئرمين يا وزير آهيان مون کي ڪو اختيار ڪونهي. پاڻيءَ جي معاملن جو اختيار هڪڙو سي سي آءِ وٽ آهي ٻيو صوبائي اسيمبلين وٽ آهي ۽ ٽيون سيني کان وڏو اختيار اتان جي ماڻهن وٽ آهي. سڄي دنيا ۾ اسلامي قانونن ۾، انساني حقن ۾، انساني حقن جي قانونن ۾، بين الاقوامي قانونن ۾ جيڪي علائقا پڇڙي ۾ هوندا آهن پاڻي تي حق انهن جو هوندو آهي. ان ڪري ڪنهن کي بہ ڪو حق ڪونهي، ڪنهن فورم کي انٽرنيشنل ڪورٽ آف جسٽس کي، سيشن ڪورٽ کان وٺي عالمي عدالت کي ڪنهن کي بہ ڪوبہ اختيار ڪونهي.

**زاهده ابڙو: سنڌ ۾ انتها پسندي وارا رويا وڌندا پيا وڃن ان کي ڪائونٽر ڪرڻ لاءِ صوفي ازم جو نيريٽو ڏنو پيو وڃي ڇا ان نيريٽو سان انتها پسندي کي ڪائونٽر ڪري سگهجي ٿو.**


**اياز لطيف پليجو:** حڪمرانن کي ڇا ٿو سوٽ ڪري تہ اسين الفي پائي نچون. صوفي ازم ڇا هو صوفي ازم هو پئسيوررزسٽنس. هڪڙو دور هو جڏهن ماڻهو بادشاهن جي اڳيان سچ نٿي چئي سگهيو پوءِ ماڻهن سرمد، شمس طبريز، لطيف، سچل ۽ بي بي رابعہ بصري جي روپ ۾ پئسيوررزسٽنس بہ ڪيو ٿي تہ ايڪٽو رزسٽنس بہ ڪيو ٿي. سنڌ جا وسيلا هليا ويا آهن انتها پسندي گهڙي آئي آهي ۽ انتها پسندي ذريعي سنڌ کي تباهہ پيو ڪيو وڃي. بابا جي، جي ايم سيد جي، ابراهيم جويو، امر جليل صاحب، سوڀي گيانچنداڻي ۽ شيخ اياز جي بہ خواهش هئي تہ سنڌ هڪڙو سيڪيولر، برداشت ڪندڙ سماج آهي جنهن ۾ مسلمان، هندو، عيسائي، پارسي، سک، سڀ گڏجي پنهنجون خوشيون ملهائين، هڪٻئي کي پنهنجي محرمن جا، خوشين جا، هولين ۽ ديوالين جا نياز ڏين ۽ هڪٻئي سان گڏجي هلن. ان کي انتها پسندي جو خطرو آهي، انتها پسندي بہ ڪيئن پئي اچي ڇو تہ توهان جا حڪمران جڏهن اسڪولن ۾ پڙهائين ڪونہ تہ ٻار مدرسي ۾ پيو وڃي. هن وقت سنڌ کي صوفي ازم جي ڪابہ ضرورت ڪونهي. سنڌ ۾ جيڪو فارمولو آهي تہ سيني کي خوش ڪريو، توهان اياز لطيف پليجو سان گڏ بہ بيٺا آهيو تہ مراد علي شاهہ سان گڏ بہ بيٺا آهيو، وري نواز شريف سان گڏ بيٺا آهيو تہ زرداري سان بہ. وري پي ٽي آءِ جي تبديلي جي گاني تي بہ وڃو پيا تہ علي قاضي سان گڏ بہ بيٺا آهيو ۽ جيئي سنڌ جا نعرا بہ هڻو پيا، انتها پسندن سان گڏ بہ بيٺا آهيو، خادم صاحب جا بہ فين آهيو سيني کي پيا خوش ڪيو ائين ڪم ڪونہ ٿيندو. هينئر سنڌي ماڻهو کي اهو پيغام ڏيڻ تہ جدوجهد نہ ڪريو، وڙهو ڪجهہ نہ اهو پيپلز پارٽي سرڪار ڪيو آهي. پيپلز پارٽي هينئر اهو فارمولو ڪڍيو تہ ماڻهو گوڙ ٿا ڪن، ڪرپشن، پاڻي ڪونهي، اسڪولن ۾ پڙهائي ڪونهي، روڊ ڪونهن، اسپتال ڪونهي، ايم ايس جون نوڪريون وڪامن پيون، اسڪولن ۾ ماستريون وڪامن پيون سڀ ٽيڙ وڪجن پيا سنڌي چتا ٿي پوندا. پوءِ سوچيائون تہ هاڻي سنڌين کي ڪيڏانهن ڪيون پوءِ انهن جي ٽيم ويٺي جنهن ۾ پنج ست ماڻهو هئا پوءِ انهن فيصلو ڪيو تہ هاڻي سنڌين کي لڳايون ٿا صوفي ميلن تي. هاڻي ڪراچي آرٽس ڪائونسل، ڪراچي جون هوٽلون، حيدرآباد ڪلب، جيم خانہ، حيدرآباد جي آرٽس ڪائونسل، پنج لک هن کي ڏنائون پنج لک هُن کي ڏنائون، پنج ڪروڙ سڊني ۾ ڏنائون تہ پنج ڪروڙ نيو يارڪ ۾ ڏنائون، ويزائن لاءِ چئي ڇڏيائون تہ هنن ويهن ماڻهن کي ويزا ڏيو. آمريڪي گورنمينٽ کي ويهن ماڻهن جي ويزا لاءِ چيائون. پيپلز پارٽي هر ڪنهن کي الڳ فارمولو ڏيندي آهي. پيپلز پارٽي ڇا ڪيو جو جيڪو اديب ۽ شاعر هو ان کي چيائون تہ



توڪي پئڪيج تا ڏيون. برطانيہ، آسٽريليا، ڪئنادا انهن ڪي چيائون تہ اسين انتها پسندي جي خلاف آهيون، طالبنائيزيشن وڌي پئي ۽ اهي صوفي ميلا طالبنائيزيشن جي خلاف جنگ آهن، وڏا دهشتگرد پيدا ٿيڻ وارا آهن اسين انهن کي روڪيون پيا ۽ سنڌي ماڻهن کي چيائون تہ توهان دولهہ دريا خان، هوشو شيدي، راءِ ڏياچ جا وارث آهيو توهان جو ڪلچر، ميوزڪ، ٽوپيون فسڪلاس سيني ڪي ڪم سان لڳائي ڇڏيائون. سنڌين کي گٽرن جو پاڻي اتي ڳوهڻ لاءِ صبح جو ملي پيو واٽر ڪميشن چوي ٿي تہ سترهن ضلعن ۾ گٽر جو پاڻي مليل آهي اهو استعمال پيو ٿئي اسان آرٽس ڪائونسل ۾ ميلا پيا ملهايون ۽ چئون ٿا تہ دشمن سڙي پيو. اسان سمجهون ٿا تہ دشمن اسان جو انهن ميلن ۽ ڳانن ٻڌڻ تي ٿو سڙي، اسان جي غلط فهمي آهي سنڌ جو دشمن تہ خوش پيو ٿئي تہ جيڏي مهل سنڌين کي پنهنجو پاڻي وٺڻو هو جيڏي مهل ڪرپشن ختم ڪرڻي هئي ۽ تعليم بچائڻي هئي سنڌي جهُمر پيا هڻن ۽ گيڙو رنگ جو ڪپڙا پائي اسٽيج جي سامهون ٽپا پيا ڏين. هيءَ جيڪا ڇهہ هزار سال پراڻي تهذيب آهي جيڪا مسيپوٽيمين ۽ يونانين جي تهذيب کان اسان جي شاندار تهذيب آهي. ان جا ڏڻي ٿي جيڪڏهن ڪم ڪريون پوءِ تہ فسڪلاس. جيئن انڊيا ۾ اسان جا سنڌي هندو پائر انهن اتي وڃي بيپناهہ محنت ڪئي جيڪي سک هتان ويا انهن بہ وڃي بي پناهہ محنت ڪئي، جيڪي هيڏانهن آيا پنجاب مان انهن بہ محنت ڪئي ۽ جيڪي اردو ڳالهائيندڙ آيا انهن بہ محنت ڪئي. اسان بہ جيڪڏهن ايئن محنت ڪريون ۽ پوءِ ثقافت جون ڏينهن ملهايون تہ اسان کي پورو حق آهي. آئون توهان جي مئگزين کي تجويز ٿو ڪريان تہ توهان جو مئگزين زبردست ڪم پيو ڪري ۽ توهان کي مبارڪ ٿو ڏيان جو توهان اهڙين ڏکين حالتن ۾ مئگزين ڪڍو پيا جڏهن ماڻهن وٽ وقت گهٽ آهي اشتهار گهٽ تا ملن تڏهن توهان هڪڙو رسالو مستقل بنياد تي ڪڍو پيا، توهان کي آئون سڏ ٿو ڏيان ۽ ٻين ماڻهن کي سڏ ٿو ڏيان تہ اچو تہ سنڌ جي هر تعلقي ۾ ميرٽ ميلو ڪريون. جيئن اسان جا پائر وينا آهن اليڪٽرانڪ ڊائري وارا محنت ڪري پنهنجي روزي ڪمائين پيا. سنڌ ۾ انتها پسندي کي روڪڻ لاءِ اسان کي قرآن پاڪ جي برداشت واري پيغام کي عام ڪرڻو پوندو. اسان کي عام مسلمانن کي ٻڌائڻو پوندو تہ الله تعاليٰ چوي ٿو تہ تنهنجو دين توسان منهنجو دين مون سان. ”توهان ٻين جي خدائن کي برو نہ چئو متان هو توهان جي سچي خدا کي ڪجهہ نہ چون.“ ان ڪري اسان قرآن پاڪ جو، پنهنجي نبي صلي الله عليہ و آلهي وسلم جو جيڪو امن جو پيغام آهي اهو ڪڍي اچون. بائبل، گيتا يا پارسي مذهب ۾ جيڪا رواداري آهي ان کي عام ڪريون. سنڌ ۾ جيڪي بہ ڪميونٽيون رهن ٿيون اهي پنهنجن مذهبن جا مثبت ۽ امن وارا پيغام عام ڪن ۽ سنڌي ۾ ترجمو ڪري ماڻهن ۾ ورهائين. سچل سائين، شاهہ ڀٽائي، سامي، اياز، تنوير، ابراهيم منشي، سرويچ مجيدي، فتاح ملڪ، انهن سيني جا جيڪي پيار وارا پيغام آهن انهن تي اسين جشن ملهايون، ان ۾ امن جو پيغام ڏيون. ٻي ڳالهہ تہ مدرسن جي آڊٽ ٿيڻ کپي، مدرسن جي ڪورس ۾ سائنس، ميٿا ميٽڪس، انگلش، آءِ ٽي پڙهائڻ گهرجي. سنڌ ۾ جيڪي بہ مدرسہ آهن انهن لاءِ سنڌ حڪومت آرڊر ڪري تہ مدرسي جي سيلبس ۾ مذهبي تعليم سان گڏ بہ ٽي سبجيڪٽ هجن هڪڙو قانون ۽ ٻيو هسٽري آف سنڌ. مطلب جنهن بہ صوبي ۾ هجي ان صوبي جي هسٽري مدرسن ۾ پڙهائي وڃي. انهن استادن جي ٽريننگ ٿيڻ کپي ۽ ڏسڻ کپي تہ اهو استاد ڪهڙو رجحان رکي ٿو ڇا ان مان چائلڊ ابيوز جو خطرو تہ ناهي انهن تي نظر رکي وڃي. انهن جو نفسياتي پروفائل ٿيڻ گهرجي ان مدرسي جي سڄي شيءِ کي ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن جج ۽ هڪڙو ٻيو بورڊ ڏاهيو وڃي، ضلعي ۾ جيڪي نان ڪنوينشنل ايجوڪيشن سيٽ اپ آهي ان جو معائنو ڪري.

**زاهده ابڙو: مارڪيٽ اڪانامي ۾ سنڌي ماڻهو جي شراڪتداري نظر نٿي اچي هو ان مارڪيٽ ۾ ڪيئن اڳتي وڌي هڪ پاڪستاني جي حيثيت سان پنهنجو حصو وٺي سگهي ٿو.**

**اياز لطيف پليجو:** ڪي ڪميونٽيون هونديون آهن جيئن پنجاب جي چنيوٽي برادري کي توهان نوڪري لاءِ پريشان ڪونہ ڏسندا، ڪنهن بوهري، آغا خاني، اسماعيلي يا ڪاٺياواڙي ميمڻ کي هرو ڀرو سرڪاري نوڪري لاءِ ڊوڙندو ڪونہ ڏسندا. ڇاڪاڻ تہ انهن جي مائٽن انهن جي اهڙي تربيت ڪئي آهي. اهڙيون ڪميونٽيون سڄي دنيا ۾ آهن جيڪي ڪاروبار ڪن ٿيون جيڪي سڄي دنيا ۾ پکڙجي ويون آهن. سنڌي، هندو، ديوان ۽ سک بہ گهڻو ڪري ڪاروبار تا ڪن، سنڌي ماڻهو لڪير جو فقير نہ ٿئي. سنڌي ماڻهن کي زندگيءَ جو ڪو فارمولو ناهڻو پوندو. مارڪيٽ اڪانامي ۾ حصو وٺڻ جي شروعات ٿئي ٿي نائين درجي کان پر اسان ان جو ٽارگيٽ ناهيون تا گريجوئيشن ڪرڻ کانپوءِ، ڇوڪرو بي. اِي ڪري ڇڪو آهي هاڻي مارڪيٽ اڪانامي ۾ ڪٿي ٿو فٽ ٿئي. هن جي سڄي زندگي جو خاڪو ٺهيل آهي تہ آئون بي اِي ڪري انجنيئر ٿيندس يا پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان ڏيئي ڊاڪٽر ٿيندس. ان لاءِ ٻارن کي اهو سيکارڻ گهرجي تہ جيڏانهن سندن رجحان آهي اوڏانهن وڃن پر ان کان وڏيڪ اهو سمجهائڻ کپي تہ ڇا سندن رجحان ايندڙ وقت ۾ اوترو ڪارائتو هوندو جو اهي ان مان فائدو حاصل ڪري سگهن. اسان کي ٻارن جي رهنمائي ڪرڻي پوندي ۽ اهڙي ڊگري وٺن جنهن ۾ رڳو سرڪاري نوڪري نہ پر پرائيويٽ سيڪٽر ۾ ان جي نوڪري هجي. ان شهر ڏانهن وڃن جتي مارڪيٽ اڪانامي جي فائدن مان پنهنجو حصو حاصل ڪري سگهن، ڪراچي هليا وڃن. سنڌين کي اهو سمجهائڻو پوندو تہ برياني جي گاڏي وارو ماڻهو حق حلال جا ايترا پئسا ڪمائي ٿو جيترا ٽن مهينن ۾ سترهين گريڊ جو آفيسر ڪمائي ٿو. تنهنڪري انهن کي سمجهائجي تہ واپار ۾ اچن. اُبر يا ڪريم هلايو، آءِ ٽي سينٽر کوليو، موبائل ۽ وڊيو جا دڪان کوليو، فلم ميڪنگ ۾ اچو، جنهن ۾ کپي تنهن ۾ اچو اسڪاءِ از دي ليمٽ. حيدرآباد ۾ تمام گهڻو بزنس ٿي سگهي ٿو. ان ڪري مارڪيٽ اڪانامي کي سمجهڻ جي لاءِ اهو سمجهڻو پوندو تہ مقابلي واري مارڪيٽ ۾ ڪيئن بيهي سگهجي ٿو. پنهنجي شيءِ جي معيار کي وڌائڻو پوندو، ان جي پبلسٽي ڪرڻي پوندي ۽ قيمت مناسب رکڻي پوندي. انهن مان ڪابہ شيءِ مس ٿي وئي تہ نقصان ۾ وڃبو.



# اکري سئو وکري

**بيت- شاهہ لطيف**

همسري

**کا هنئين سين لاءِ، پوري1!**
**کا هنئين سين لاءِ.**
**ٿُنبائي2 تاڪيدَ3 سين، جِنِ ٻڄايو پاءُ،**
**لَسي تَندُ لَطِيفُ چئي، هَلي تِنِ هَٽاءُ،**
**پِهيُون4 تنهنجُون جِهرڪَنِ جهوريُون، ٻيُون اَڏايُون واءُ،**
**اَرَٽَ5 پاسي اوجِهرِين6، توکي سُمَهَڻَ آئِيو ساءُ7،**
**آڏيءَ، عَبدُاللطِيفُ چئي، روئي رِيجهائِج راءُ8.**

**ڏکين اکرن جي معنيٰ:**

1. **پوري-** اڻڄاڻ، نادان. 2. **ٿُنبائي-** صاف ڪرائي. 3. **تاڪيد-** خبرداري سان. 4. **پهيون-** پوڻيون. 5. **ارٽ-** ائٽ. 6. **اوجهرين-** ننڊ ۾ ورتل. 7. **ساءُ-** سواد اچڻ. 8. **راءُ-** راجا (رب)

****

## پهاڪو

همسري

**ڪُتي جو ڪارو مُنهن، رَبُ اوتري جي اوتري:**

مطلب: ٻچاڙي ۽ چغل خور لاءِ ائين چئبو آهي، جو ٻين کي وڙهائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، پر جڏهن ڳالهہ کلي ظاهر ٿئي ٿي تہ وڙهڻ وارا پاڻ ۾ ڪير ڪنڌ ٿيو وڃن.

****

## وتايو فقير_ حڪمت ۽ دانائي

پوڄا

هڪ ڏينهن وتائي فقير کان ماڻهن مجلس ۾ پڇا ڪئي تہ "ڪا اهڙي حلال شيءِ آهي جو اها کائڻ سان نفرت اچي؟" چيائين تہ "اٺو ڳوهي ان مان سوئر جي شڪل ٺاهجي تہ مسلمان اهو اٺو نہ کائيندو، جيڪڏهن ان مان ڳئون جي شڪل ٺاهي باهہ تي پچائي ڪنهن هندوءَ اڳيان آڻي ڪيس کائڻ لاءِ چئبو تہ هرگز نہ کائيندو."

****

## گيت

**سليمان ڏاهري**

اوهان جيڪي ڪريو، اوهان جي آ مرضي،
اسان پنهنجو ورثو، پلا ڪيئن ڀُلايون.
وڏن پنهنجن ڳڌجي، لڙيون جي لڙايون،
تاريخ ان ڪي، ٿا مرڪي ملهايون.
گهرن ۽ پنڌن ۾، آهن اڃ بہ لوليون،
غلامين جي گهاٽن، ڪي ڏسيو ڇو قبوليون.
پڪل پوڪ پنهنجي، وري ڇو ڀيلايون.
وڏن جي وڙهڻ جا، قصا درد آهن،
سرن جا سودا ۽ لوڙها قيد آهن.
جوءِ جي جوڌن گي وري ڇو جهلايون.
هو انسان دنيا ۾ اڳتي وڌي پيو،
جهالت ۽ غربت کي پوئتي ڌڪي پيو،
اچو پاڻ پنهنجون، ڇڏيون سڀ ڏلايون.
ڪيو صاف سترا، اندر پنهنجا اجرا،
ڪيو ساڙ ڪينو ۽ زمانو ڏي مزرا،
علم ۽ عقل کي، فهم سان ڦهلايون.

****

## مختصر ڪهاڻي

## مٽيءَ جون مانيون

**عرفان منان**

مهراڻ جيئن ئي گهر جو در کوليو تہ سندس نظر پيڻ سهڻي تي پئي، جيڪا ٽُڪ جي رلي ٺاهي رهي هئي. گهر جي اڱر تي ننڍڙي ڪومل مٽي سان راند ڪيڏي رهي هئي، مهراڻ جو پيءُ سياڳو خان کٽ تي ليٽيو پيو هو ۽ شاهہ جو رسالو پئي پڙهيائين. مهراڻ پيءُ واري کٽ تي ويٺو ۽ پيءُ کان پڇائين تہ بابا شاهہ جو ڪهڙو سُر پڙهي رهيا آهيو، جنهن تي سياڳي خان وراڻيو تہ سُر ڪاهوڙي پيو پڙهان. مهراڻ جي ماءُ صابل بہ ساڻن اچي گڏ کٽ تي ويٺي ۽ مهراڻ کي چيائين تہ پٽ ٽڪ جي رلي ٺاهي ڪپائڻ لاءِ موڪلي هئي، پر رلي ڪونہ کپي. هاڻي ماني جو وقت بہ ٿي ويو آهي، گهر ۾ رپيو بہ ڪونهي، تو وٽ ڏوڪڙ آهن تہ دڪان تان اٽو وٺي اچ ماني پچائي پيٽ جي پورت ڪيون. مهراڻ جو هميشہ جيان اڄ بہ کيسو خالي هو، سٺو لکيو پڙهيو هوندي بہ هو بي روزگار هو، ڪجهہ پل سوچڻ کانپوءِ مهراڻ چپن جو تالو کوليندي چيو تہ امان مون وٽ بہ پئسا ناهن. صابل ٿڌو ساهہ ڀريندي چيو تہ پٽ پوءِ اڄوڪو ويلو ڪيئن گذرندو، هاڻي ماني ڪيئن پچائجي. اسان اڪين جي ننڊ ڦٽائي ٽڪ جون رليون تيار ڪيون ٿيون، پر اسان جي هٿ جي هنر جو زمانو بہ ڪو قدر نٿو ڪري. هڪ رلي کپڻ کانپوءِ مس ٻن ڏينهن جي گذر سفر لاءِ سامان ۽ ثمر ملي ويندو آهي، پر اڄڪلهہ تہ اهي رليون بہ تمام گهٽ قيمت تي کپن ٿيون. ننڍڙي ڪومل کٽ جي ڀرسان اچي ويٺي ۽ صابل کي مٽيءَ جون مانيون ڏيندي چيائين تہ امان امان هي وٺ مانيون، اچو تہ سڀ گڏجي هي مانيون کائون مون کي بہ بک لڳي آ. ڪومل جي ان عمل کانپوءِ سياڳي خان رسالو پڙهڻ بند ڪري ڇڏيو، سهڻي رلي ٺاهڻ مان هٿ ڪڍي ڇڏيا، وقت ڄڻ تي هڪ هنڌ تي سُن ٿي بيهي رهيو، گهر جي سڀني ڀاتين جون نظريون مٽيءَ جي مانين ۾ کُپي ويون.

****

## هيلٿ ٽپ

**ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڌاريجو**

ممڪن آهي تہ پيزا خريد ڪرڻ ۽ کائڻ جي شوق ۾ توهان جو ڌيان ان ڳالهہ ڏانهن نہ ويو هجي تہ پيزا جي پيڪنگ وارو دٻو ڇا مان ٺهيل آهي ۽ جيڪڏهن توهان کي ڄاڻ هجي تہ توهان کي حيراني بہ ٿي هجي، ڇو تہ آمريڪا جي فوڊ اينڊ ڊرگ ايڊمنسٽريشن (FDA) مطابق اهي دٻا صحت لاءِ هاڃيڪار آهن. اهي دٻا هڪ قسم جي ڪيميائي مادي پرفلورو الڪائيل ايٿائل (Perfluoroalkyl Ethyl) مان ٺهيل آهن اهي ان ڪيميڪل مان ان ڪري ٺاهيا ويا آهن جو منجهن پاڻي ۽ تيل لاءِ مزاحمت هجي ٿي. آمريڪا جي (FDA) اهڙن ٽن قسمن جي پرفلورو ڪيميائي مادن جي نشاندهي ڪئي آهي جيڪي انساني صحت لاءِ خطرناڪ ثابت ٿي سگهن ٿا جن مان هڪ اهڙو خطرو ڪينسر ٿيڻ جو بہ آهي. پرفلورو قسمن جا ڪيميائي مادا اسان جي استعمال ۾ ايندڙ ڪيترن قسمن جي شين ۾ موجود ٿين ٿا. جن مان نان اسٽڪ ٿانو، واٽر پروف جيڪيٽون، باهہ وسائڻ لاءِ ڪتب ايندڙ ڪيميائي گج (فوم)، فرنيچر لاءِ استعمال ٿيندڙ ڪپڙو، ڪاڏن کي بند ڪرڻ جا دٻا ان جا ڪجهہ مثال آهن. اسان کي گهرجي تہ اهڙن ٿانون ۾ کاڌو نہ رڌيون ڇو تہ ان قسم جا ڪيميڪل انسان جي جسم ۾ ڪيترين ئي هاڃيڪار تبديلين پيدا ڪن ٿا.

رپورٽ

# سي ايڊ جامشورو ۾ ساليانو ڊگري شو

لطيف گاد

سينٽر آف ايڪسيلنس ان آرٽ اينڊ ڊزائن مهراڻ يونيورسٽيءَ ۾ ڊسمبر مهيني جي شروعات ۾ ساليانو ڊگري شو ٿي گذريو، جنهن ۾ آخري سال جي 60 کان وڌيڪ شاگردن ۽ شاگرديائڻين جو ڪم نمائش لاءِ رکيو ويو. پنجن ڏينهن تائين جاري رهندڙ نمائش ۾ هزارين ماڻهن، شاگردن، ليڪڪن، انڊسٽريز جي مالڪن، ادارن جي سربراهن ۽ زندگيءَ جي مختلف شعبن سان واسطو رکندڙ شخصيتن شرڪت ڪري نوجوانن جي ڪم، تخليقي صلاحيتن ۽ خيالن جي واکاڻ ڪئي. نمائش ۾ فائن آرٽ، ٽيڪسٽائيل ڊزائين، ڪميونيڪيشن ڊزائين ۽ آرڪيٽيڪچر شعبن جي شاگردن جون تخليقون رکيون ويون. ساليانې نمائش جو افتتاح مهراڻ







يونيورسٽي جي آرڪيٽيڪچر ۽ سول انجنيئرنگ شعبن جي ڊين پروفيسر ڊاڪٽر خان محمد بروهي ۽ سينٽر جي ڊائريڪٽر پروفيسر ڊاڪٽر ڀائي خان شر ڪيو.

فائن آرٽ شعبي جي شاگردن ۽ شاگرديائڻين پنهنجي پينٽنگن ۽ مجسمن ۾ تهذيبي قدرن، ثقافتي ورثي، تاريخي ماڳن، سماج جي پابندين، عورتن جي حقن، ميرن جي دور، پتلي تماشي، اخباري خبرن، مقامي چوٽين توڙي ڏند ڪٿائن کي پنهنجي پينٽنگن ذريعي نروار ڪيو جنهن ۾ هنن اهو پيغام ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ته دنيا جي تيز رفتاريءَ سبب اسان تاريخي ورثو ۽ رهڻي ڪهڻيءَ جو انداز وساريندا پيا وڃون پر اهو اسان جي زندگيءَ جو نه وسرندڙ پهلو آهي، جڏهن ته سماج ۾ عورت جي آزاد هئڻ جي حوالي سان جيڪي ڳالهيون موجود آهن پر حقيقت ان جي ابتڙ آهي.

ٽيڪسٽائيل ڊزائين جي شاگرديائڻين ڪٽڪ جي داڻن، ماکيءَ جي مک، مور، پکين، جانورن، وڻن، ٽڻن، ٻوٽن، شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري، ٿر جي ماحول، رلي، مختلف گلن ۽ ٻين شين مان متاثر ٿي ڪپڙن جو ڊزائينون ۽ گهرن جي سجاوٽ لاءِ مختلف شيون ٺاهي نمائش لاءِ رکيون. شاگرديائڻين پاران قديم ۽ جديد ڊزائينن جي ميلاپ وارن ڪپڙن ماڻهن کي ڏاڍو متاثر ڪيو.

ڪميونيڪيشن جي شاگردن ۽ شاگرديائڻين عام ماڻهن کي سماج سان ڳنڍڻ، پنهنجو پاڻ کي خوش رکڻ، فوٽو گرافي، حيدرآباد کي خوبصورت بڻائڻ، اونداهن ڪمرن، تعليم، ڪدڙي فقيرن جي حقن جي موضوعن تي مختلف مهمون هلائڻ جا خيال پيش ڪيا ۽ اهو پيغام ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ته ننڍي تبديليءَ کان شروعات ڪيو، ماڻهو ڇا چوندا، نوجوانن ۾ لڪل صلاحيتون، بالغاڻي تعليم وارن موضوعن تي ڪم ڪري اڳتي وڌي سگهجي ٿو.

آرڪيٽيڪچر شعبي جي شاگردن ۽ شاگرديائڻين ڪُند ملير ٻيٽ، سيف الملوڪ ڍنڍ، حيدرآباد ۾ تفريحي پارڪ، پڪي قلعي جي بحالي ۽ نئين سر تعمير، بزرگ ماڻهن لاءِ رهڻ جي جاءِ، ڪدڙي فقيرن لاءِ سينٽر جي قيام ۽ وڏن شهرن جي ڪمرشل علائقن ۾ صحتمند فضا قائم ڪرڻ جهڙا منصوبا، نقشا، جديد تعميراتي خيال ۽ ٻيا فن پارا نمائش ۾ رکيا.

نمائش ڏسڻ لاءِ آيل ڪيترن ئي آرٽ گيلرين توڙي ڪمپنين نوجوانن پاران ٺاهيل پينٽنگون، مجسما ۽ پراجيڪٽ خريد پڻ ڪيا. جڏهن ته اڳوڻي آءِ جي جيلز غلام قادر ٿيٻي آخري ڏهاڙي تي نمائش جو دورو ڪيو. پنجن ڏينهن تائين جاري رهندڙ نمائش ۾ صوبي جي مختلف يونيورسٽين، اسڪولن ۽ ڪاليجن جي شاگردن، شاگرديائڻين ۽ وڏي انگ ۾ عام ماڻهن شرڪت ڪري نوجوانن جي صلاحيتن کي ساراهيو.



ڪهاڻي

# پريس ڪانفرنس

**ڊاڪٽر اعجاز سمون**

هو ويل چيئر جي ڦيٿن کي هٿن جي مدد سان ڦيريندو ڪمري مان نڪري وراندي ۾ اچي ٿو... سامهون رضيہ کي رڌڻي ۾ ڏسي ٿو، رضيہ سندس زال آهي جيڪا رڌڻي ۾ چانهہ ٺاهي رهي هئي... هو رضيہ تان نظر هٽائي وڏو ساهہ ڀري هڪ نظر پنهنجي ٻنهي وڍيل ٽنگن تي وجهي ٿو. ڪجهہ لمحن لاءِ اندر جو سٽل درد جاڳي پويس ٿو. زندگي جڻ بيوس ٿي ٻٽجي اڳيان اچي بيهي ٿي، خالي نوٽ آڪيون پاڻيءَ ۾ ڀرجي اچن ٿيون... هو اکين جي ڇُلڪڻ کان اڳ ئي چهرو ٻئي پاسي ڪري ڇڏي ٿو، جڻ اندر جي جاڳيل درد کي اندر ۾ ئي سمهاري ڇڏيندو هجي، هو هڪ نظر گهر تي وجهي ٿو.

گهر جيڪو تمام خلاصو ۽ هوادار هجڻ سان گڏوگڏ خوبصورت پڻ آهي، جنهن جا روشندان ۽ دروازا، ساڳ جي ڪاٺ جا ٺهيل آهن... جنهن جي ڇت جي ڊزائين ۽ جوڙجڪ بہ اصل ڪمال جي آهي. گهر جي هر دروازي جي مٿين حصي ۾، روشندانن ۽ ڇت ۾ رنگ برنگي شيشو لڳل آهي... جنهن جي ڊزائين ۽ چوڙائي گهر جي خوبصورتيءَ جو پڻ ڪارڻ هئي ۽ هر شيشي هيٺان ميڊ-ان فرانس پڻ لکيل هو. شيشي سج جي روشنيءَ کي اهڙو تہ ڏيمو ٿي ڪيو جو اکين کي راحت اچي ٿي وئي... هو پرسان ئي رکيل پينگهي کي هٿ سان هلڪو لوڏو ڏي ٿو، پينگهي ۾ حرڪت اچي وڃي ٿي... پينگهو جيڪو پڻ ساڳ جي ڪاٺ جو ٺهيل هو ۽ سڄو سارو جنڊيءَ تي رنگيل هو... جن جي رنگن ۾ بہ هزارين ڪهاڻيون هيون... پريان رڌڻي مان سندس زال رضيہ جنهن چانهہ ٺاهي، تنهن هن کي ٽڪ ٻڌي ڏٺو... رضيہ سندس پاڙي ۾ رهندي هئي ۽ مئٽرڪ تائين انگلش گرامر اسڪول ۾ سرواڻ سان گڏ پڙهي هئي... انٽر ڪانپوءِ رضيہ جا گهر وارا ميرپور کي ڇڏي ٻي شهر هليا ويا هئا هميشہ لاءِ... هنن جي شهر ڇڏڻ جو ڪارڻ رضيہ ۽ سرواڻ جي محبت هئي... جيڪا سڄي پاڙي جي عورتن ۽ ٻارن ۾ ليليٰ مجنون جي قصي وانگر مشهور هئي... سرواڻ ڪيترائي دفعا شاديءَ لاءِ رضيہ جي گهر وارن کي چورايو بہ هو، پر رضيہ جا گهر ورا رشتي ڏيڻ لاءِ ڪڏهن بہ راضي نہ ٿيا... پوءِ رضيہ مائٽن کي ناراض ڪري سرواڻ سان ڪورٽ ۾ وڃي پيار جو پرڻو ڪيو... هن سرواڻ سان پرڻو ڇا ڪيو؟ جڻ وجود سان لاڳاپيل هر رشتي کي دفن ڪري ڇڏيو... ڪيترائي سال گذري ويا هئا، مندون مٽجي رهيون هيون، پر رضيہ پنهنجي پيءُ جي گهر ۾ ڇڏيل پيرن جي نشانن مٿان پير تہ ڇا؟ پر انهيءَ شهر جي ڇڏي آيل هوائن ۾ وڃي بہ ڪڏهن ڪو وڏو ساهہ نہ کنيو هو... بس هاڻي هي گهر ئي سندس سڄاٽپ هو... سڀ ڪجهہ هو هن لاءِ.

هو ڪامريڊ مانڊل جي انتظار ۾ هو، ڪامريڊ مانڊل جي ڳالهہ ياد پوڻ تي هو پنهنجي منهن مرڪي پوي ٿو، جيڪا هو اڪثر چوندو رهندو آهي...

”يار ڪامريڊ، پاڻ کان ڪنهن جو انتظار ٿئي ڪونہ... انهيءَ ڪري هن حياتيءَ ۾ عشق بہ ڪونہ ڪيوسين“

هو اڄ ڪامريڊ مانڊل جي انتظار ۾ هو... جنهن جي انتظار هن کي جڻ ٿڪائي وڌو هو... هو جڏهن سياسي جاڳرتا لاءِ ڳوٺ ڳوٺ... واهڻ واهڻ وڃي ماڻهن سان ملندو هو ۽ مهينن جا مهينا پيو پارٽيءَ لاءِ ڪم ڪندو هو... تڏهن ڏاڍو ٿڪجي پوندو هو... اهڙي ڪيفيت ۾ هو پينگهي ۾ اچي ليٽي پوندو هو، مَهينن جا ٿڪ لمحن ۾ ختم ٿي ويندا هئا، ننڍپڻ ۾ بہ هو اسڪول جو سڄو هوم ورڪ هن ئي پينگهي ۾ ويهي ڪندو هو... ۽ ڪا خبر ئي ڪانہ پوندي هئس تہ ڪڏهن ٿي اکين ۾ ننڊ اچي ۽ رات کي صبح ۾ تبديل ڪري ڇڏي. هو ذهن مان مانڊل جي انتظار کي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ رڌڻي جي ڀرسان رکيل صندل کي ڏسي ٿو، جيڪو چندن جي ڪاٺ جو ٺهيل هو، جنهن جي خوشبو مَينهَن پوڻ سان سڄي گهر کي وڪوڙي ويندي هئي. انهيءَ صندل تي سندس ماءُ سڪينہ روزانو صبح جي نماز کانپوءِ وڏي ۽ سريلي آواز ۾ قرآن جو دور ڪندي هئي، ان کان گهڻا سال اڳ، جڏهن هي ملڪ نہ هو... هن ئي گهر ۾، ساڳي ئي صندل تي ”دوارڪا داس جي ماءُ مٿو“ وڏي ۽ سريلي آواز ۾ گيتا پڙهندي هئي. جنهن جو آواز سڄي پاڙي ۾ گونجندو هو. اها ڳالهہ هن کي پنهنجي پيءُ محمد صديق ٻڌائي هئي، هو گهر تي ٻيهر نظر ڦيرائي ٿو ۽ سوچڻ لڳي ٿو... هي گهر منهنجو آهي، پر منهنجي ذاتي ملڪيت هرگز ناهي... ڇو جو هي گهر نہ منهنجي ڏاڏي ٺهرايو هو، نہ ئي وري ڪو منهنجي بابا ٺهرايو هو. هي گهر تہ ”ديوان دوارڪا داس جي پيءُ موهن لال“ ٺهرايو هو... جيڪو هن شهر جو مشهور ڊاڪٽر هو، پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ هي گهر دوارڪا داس جو پيءُ، بابا محمد صديق کي ڏيئي ويو هو... اهو ان لاءِ جو دوارڪا داس بابا محمد صديق جو ننڍپڻ جو دوست هو. سندس ساهہ جون تندون هڪٻئي سان جڻ ڳنڍيل هيون ۽ بابا کي بہ دوارڪا داس جي پيءُ موهن لال ئي سڄو خرچ ڏئي پڙهايو هو ۽ بابا فائنل پاس ڪري سرڪاري نوڪريءَ ۾ ڪلارڪ ڀرتي ٿيو هو. انهيءَ ڪري دوارڪا داس جي پيءُ هندستان وڃڻ کان اڳ ئي هي گهر

بابا کي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو هو... موهن لال گهر سان گڏ هڪ ٻئون بہ بابا کي ڏئي ويو هو، جيڪا موهن لال ننڍڙو ٻچڙو وٺي تمام گهڻي پيار ۽ محبت سان، پنهنجي اولاد وانگر پالي هئي، پر دوارڪا داس جو اصل ٻئون ۾ جڻ ساهہ هو. ويندي ويندي ٻئون کي پاڪر پائي روئيندو روئيندو گهر مان نڪتو هو. دوارڪا داس جو وڇوڙو ٻئون لاءِ جڻ درد بڻجي ويو هو... جيئن ڪو درد متاري ٻئون کي اندران ئي اندران جڻ اڌوهي بڻجي کائي ٿي ويو. دوارڪا داس گهر ڇا ڇڏيو؟ پر ٻئون تہ بلڪل کائڻ پيئڻ ئي ڇڏي ڏنو... سندس اکيون تہ هر وقت اُداس، آليون آليون ۽ گهر جي دروازي ۾ هونديون هيون. ٻن مهينن ۾ ئي متاري ٻئون هڏائون پڃرو بڻجي وئي... نيٺ هن جهان مان ئي هلي وئي. هي پهريون جنازو هو جيڪو محبتن جي وڇوڙي جي درد ۾ هن گهر مان نڪتو هو. دوارڪا داس جي دوستيءَ جي وڇوڙي جي درد بابا محمد صديق کي اندر ۾ ضرور جهوريو هو... پر پوءِ بہ ٻئون جهڙي دل بابا محمد صديق وٽ نہ هئي...

”سرواڻ چانهہ وٺ“

رضيہ جي آواز تي هن جي سوچ ڪچي ڌاڳي جيان ٽٽي پوي ٿي.

رضيہ هن کي چانهہ جو ڪپ ڏئي ٿي ۽ پاڻ پينگهي ۾ وڃي ويهي ٿي... هو ڪپ مان ڍڪ وٺي ٿو ۽ ماضيءَ جي سوچ جي واچوڙي ۾ ٻيهر وڪوڙجي وڃي ٿو.

هن کي ياد اچڻ لڳي ٿو يونيورسٽي جي دور ۾، جڏهن سڄو ملڪ مارشل لا جي ڪوهيڙي ۾ وڪوڙيل هو... هر طرف اونداهي هئي، سياست لفظ ملڪ جي ڊڪٽيٽر لاءِ هڪ گار هئي... سياسي نعرہ جڻ ڦاسيءَ جو ڦندو هئا... سياسي پارٽين پنهنجا قبلا بدلائي ڇڏيا هئا... سياستدان پنهنجون سياسي پارٽيون ڇڏي... حڪومت جو حصو بڻجي ويا هئا... ڪجهہ وري سياست کي ئي الوداع چئي وڃي پنهنجن گهر جي ڪمرن ۾ لڪا هئا يا وري بيماريءَ جو بهانو ڪري اسپتالن جا پرائيويٽ ڪمرا وڃي وسايا هئا. هر طرف رڳو ڊپ ۽ خاموشي هئي، وقت جي آواز کي لانگ بوٽ جي زور تي دٻايو ويو هو. شاگرد سياست يا جيل ياترا هئي يا گولي هئي، هر طرف ماٺ ئي ماٺ هئي، ڊپ ئي ڊپ هو... پوءِ بہ جيڪڏهن ماٺ ۾ ٿورو گهڻو شور هو بہ تہ اُهو شاگرد سياست جو هو...

”ڇا پيو سوچين سرواڻ؟“ رضيہ جي سوال تي هن جي سوچ ٽٽي پئي ٿي... هو زال جي چهري ۾ ڏسي مرڪي پئي ٿو... جنهن مرڪ ۾ ڪيترين ئي گذاريل مندون جاڳي پون ٿيون... موٽ ۾ هوءَ بہ مرڪي پوي ٿي...

هو سامهون وراندي جي ديوار تي پنهنجو ٽنگيل فوٽو ڏسي ٿو، جيڪو يونيورسٽيءَ جي وقت جو هو... جنهن ۾ هو پاڻ تقرير ڪري رهيو هو ۽ پرسان ڇوڪرا بيٺل هئا... هو چانهہ جي ڪپ مان ڍڪ ڀري ٻاهر پڊر ۾ لڳل پراڻي گهاٽي پپل جي وڻ تي ويٺل پکين جون ٻوليون ٻڌڻ ۾ سڪون محسوس ڪري ٿو...

سرواڻ يونيورسٽي ۾ پهچڻ سان ئي شاگرد ليڊر بڻجي ويو هو. سياست هن جي رت ۾ جڻ اڳ کان ئي مليل هئي، انهيءَ ڪري هو ٿوري ئي عرصي ۾ پنهنجي پارٽي جي قائد اڳيان پنهنجي سڃاڻپ ٺاهي ويو هو. وقت جي ڊڪٽيٽر جڏهن سندس قائد کي گرفتار ڪري نظر بند ڪيو هو ۽ بعد ۾ جڏهن زبردستي جلاوطن ڪيو هو تہ هن پنهنجي قائد جي زبردستي جلاوطن ڪرڻ خلاف، ڦاٽڪ بند ڪرائي وڏو ڌرڻو هنيو هو ۽ وقت جي ڊڪٽيٽر خلاف نعري بازي ڪئي هئي... اهو ڌرڻو تاريخي ڌرڻو بڻجي پيو هو... ڇو جو مسلسل ماٺ واري ماحول ۾ هن ڄڻ پٿر اُڇلايو هو...؟ جنهن تي پوليس ڪاوڙ ۾ اچي هنن جي ڌرڻي مٿان شيلنگ ۽ لٺ بازي ڪئي هئي... جنهن ۾ ڪيترائي شاگرد زخمي ۽ گرفتار ٿيا هئا. بعد ۾ وائيس چانسلر جي وچ ۾ پوڻ تي سڀ ڇوڪرا آزاد ڪيا ويا هئا، پر هن کي جيل اماڻيو ويو هو... ٻہ سال قيد جي سزا دوران، هن جا جيل ۾ گهڻائي ئي سياسي دوست بڻيا هئا... جيڪي اڄ وزير ۽ ايم اين ايز پڻ هئا، پر هن جي دوستي ڪامريڊ مانڊل سان ئي ٿي هئي، جيڪو اڄ بہ پارٽيءَ جو صرف ڪارڪن ئي آهي، پر هن جي وجود جو پاڇو آهي، جنهن جي انتظار ۾ هو اڄ هو...

”سرواڻ“، ”جي“ هو زال جي چهري ۾ چتائي ڏسي ٿو... جنهن جو چهرو درد ۽ ڪروڌ ۾ ليپيل لڳي ٿو...

”توکي مان ڪالهہ بہ ٻڌايو آهي تہ ٻارن جي اسڪول جي في ڏيڻي آهي، پر مان ڏسان ٿي تہ تنهنجي ڪن تي جونءِ بہ ڪونہ ٿي چُري“ رضيہ چانهہ جي گرم ڪپ مان تڪڙ ۾ ڍڪ ڀري ورتو.

”ها مون کي ياد آهي... مان ڪامريڊ مانڊل کي چيو آهي... هو اڄ پئسن جو بندوبست ڪري ايندو... مان ان جي ئي انتظار ۾ آهيان.“

”ڪونہ ايندو ادو مانڊل“ رضيہ پينگهي مان اٿي رڌڻي ڏانهن وئي هن جي لهجي ۾ هلڪي ڪاوڙ جنم ورتو.

”ڇو ڪونہ ايندو؟“ سرواڻ پريشاني واري ڪيفيت مان پڇيو،

”ادي مانڊل جي پوزيشن ڇا آهي؟ اها توکي خبر ناهي ڇا؟ تہ هو پاڻ مولائي آهي، ٻيو تہ ڪنهن جي اڳيان هٿ بہ پکيڙڻ وارو ناهي... پوءِ“

پوءِ... ڇا؟“سرواڻ سوچڻ لڳي ٿو.

”پوءِ هو ڪٿان پئسن جو بندوبست ڪندو...؟ تنهنجي لاءِ“ هن رڌڻي مان ئي وراڻيو.

”ها ڳالهہ تہ تنهنجي بہ صحيح آهي...“ پر هو بندوبست ڪرڻ جي خاطري جو ڪرائي ويو هو سرواڻ ڪجهہ گهڙين لاءِ خاموش ٿي ويو...

"تنهنجي محبت ۽ دوستيءَ جي مان کي رکڻ لاءِ ادي مانڊل توکي اها خاطري ڪرائي هئي..." رضيہ رڙٽي مان نڪري هن جي پرسان اچي ڪرسي سوري ويهي ٿي.
هو زال کي ٽڪ ٻڌي ڏسي ٿو... رضيہ هن جي ٻنهي هٿن کي پنهنجن هٿن سان مضبوط پڪڙي ٿي... رضيہ جي اهڙي پيار تي هو رضيہ جي ڇهري ۾ ڇڻ مرکي پوي ٿو ۽ هن جي اکين ۾ ايڏي محبت ڏسي ڇهري ۾ پکڙيل درد کي بہ پڙهي وٺي ٿو... اکيون پرجي اچنس ٿيون...
"منا، دوستيءَ ۾ ڪنهن پيار ڪرڻ واري دوست کي ايڏو نہ آزمائيندو ڪر... ڪٿي هميشہ هميشہ لاءِ ڪو سنو دوست نہ وڃائي ويهين..."
هو صرف ڪنڌ لوڏي "ها" ڪري ٿو ۽ خاموش ٿي وڃي ٿو... هوءَ بيهر ڳالهائي ٿي "ادو مانڊل غريب آهي، پر دل جو دريا آهي... هن بہ تو جيان ئي سياست ڪئي آهي... ڪوڙ ڳالهائي ڪرسيءَ تي پهچڻ لاءِ واپار نہ ڪيو آهي... جيڪڏهن هو سياست سان گڏ واپار بہ ڪري ها تہ اڄ هو بہ ڪنهن نہ ڪنهن ڪرسيءَ تي وينل هجي ها... جيئن اڄ تنهنجا ٻيا دوست وينل آهن..."
"تون انهن بگهڙن کي منهنجو دوست ٿي چوين"
سرواڻ جون اکيون ٽمي پون ٿيون... ڳوڙها ڳلن تان ترڪي جهول ۾ ڪرڻ لڳن ٿا... موٽ ۾ رضيہ پنهنجو مٿو هن جي جهول ۾ رکي اکيون بند ڪري ڇڏي ٿي...
سرواڻ شادي ڪرڻ ڪانپوءِ جڻ يونيورسٽي کي الوداع ڪري ڇڏيو هو، پر پوءِ بہ هو ڪڏهن ڪڏهن پيو ڪئمپس ۾ نظر ايندو هو... هاڻي هو شاگرد سياست مان بہ جڻ جان ڇڏائي چڪو هو... ڇو جو هن جو آخري سيميسٽر وڃي بچيو هو، پر پوءِ بہ هو شاگردن جي هر مسئلي تي انهن سان گڏ هوندو هو، هو پنهنجي قائد جي چوڻ تي هاڻي پارٽيءَ لاءِ ڪم ڪرڻ لڳو هو... پارٽيءَ وارا تہ هن جي دليري ۽ جرئت کان اڳوات ئي واقف هئا... ڇو تہ جيل ۾ گذاريل هن جا بہ سال ۽ پٽ تي لڳل ڊڪٽيٽر پاران ڪوڙا، پارٽيءَ لاءِ وڏي قرباني هئي ۽ اُهي بہ سال هن جي وفاداريءَ جو سرٽيفڪيٽ پڻ هئا...؟ انهيءَ ڪري پارٽي جي قائد، چيئر پرسن جلاوطني دوران ڪيترن ئي پنهنجن پرڏيهي انٽرويوئن ۾ هن جو ذڪر ڪندي رهي هئي...
هن کي ياد اچڻ لڳي ٿو، اهو منجهند جو وقت هو...
فائنل ايئر جو آخري پيپر ڏيئي... هو ٽاڪ منجهند جو جڏهن ڪئمپس کان موٽيو تہ اچانڪ تيز رفتار ڪرولا گاڏي اچي پيرن اڳيان زوردار بريڪ جي آواز سان بيٺي هئس... هن ڇرڪ ڀريو هو، سامهون اياز کي ڏٺو هو... جنهن گاڏي ڊرائيو ٿي ڪئي... هو وڏو شوڪارو ڀري مرکي پيو هو... اياز ڪار مان لهي وڏي ڀاڪر ۾ ڪندي چيو: "سچي يونيورسٽيءَ ۾ توکي ڳولي ٿڪو آهيان... مس وڃي توکي ڳولي لڌو اٿم، ڇا ٿي ويو آهي توکي... ڀلا ڀاڃائي کو ولائتي زنجير پير ۾ ٻڌو ٿئي ڇا؟"
"اهڙو ڪجهہ ناهي... بس، مان يونيورسٽي ايندو ئي گهٽ آهيان... اڄ بہ پيپر جي ڪري آيو هئس... جو توکي ملي ويو آهيان"
"شڪر آ ملي تہ وئين... ڇئو هاڻي ويهہ تہ گاڏي ۾ هلون" اياز ٻانهن کان وٺي گاڏي ۾ ويهارڻ لاءِ ڇڪيو.
"پر ڪاڏي... ٻڌائي تہ سهي؟" سرواڻ سوال ڪيو هو.
"حيدرآباد ۾ دوست وينا آهن... تنهنجي انتظار ۾، اوڏانهن هلڻو آهي..."
هو گاڏي ۾ ويهي ٿو، اياز گاڏي اسٽارٽ ڪري يونيورسٽي جي بائونڊري مان ٻاهر نڪري روڊ تي اچي ٿو... اچانڪ سرڪاري بندوقن جا منهن کلي وڃن ٿا... بندوقن مان نڪتل هر گولي گاڏيءَ کي نشانو بڻائي هنن جي وجودن کي پروڻ بڻائي ڇڏي ٿي... گاڏي رت جو هڪ هُود بڻجي پئي ٿي... هن کي اياز جا لفظ ڪنن ۾ گهنڊ بڻجي وڄڻ لڳن ٿا...
"ڪامريڊ، دوکو ٿي ويو پاڻ سان..."
هو ڇرڪ ڀري ٿو... سڄو وجود ڏڪڻ لڳي ٿو، رضيہ اکيون کوليون ۽ پنهنجو ڪنڌ هن جي جهول مان ڪنيو... هن جي اهڙي حالت ڏسي ڪجهہ پريشان ٿي وئي... هو پاڻ کي سنڀالڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي ٿو... هٿ پير ٿڌا ٿي وڃنس ٿا...
"تنهنجي طبعيت ڪيئن آهي؟" رضيہ هن جي هٿن کي پڪڙيندي چيو،
"مان ٺيڪ آهيان" هن خشڪ نڙي مان لفظ ڇيري ڪڍيا.
"سچ پيو چوين؟"
"ها سچ پيو چوان... مان ٺيڪ آهيان... تون پريشان نہ ٿي"
"ٽڪ آهي اهڙي پارٽيءَ تي جنهن کي تو پنهنجي زندگيءَ جا خوبصورت سال ڏئي ڇڏيا... جسم جا حصا ڏئي ڇڏيا" رضيہ مڙس جي اهڙي ڪيفيت ڏسي ڪاوڙ مان لفظ ڪڍيا.
"ڇري پارٽيءَ کي نہ چئو... بس ماڻهو پارٽيءَ ۾ اهڙا اچي ويا آهن، پر ماڻهو ناهن بگهڙ آهن"
"تہ پوءِ لعنت آهي انهن ماڻهن جي منهن ۾..."
"ڀلا اڄ اهڙي ڪاوڙ ڇو آهي؟" سرواڻ رضيہ کي ڪاوڙ ۾ ڏسي زهر جهڙي مرڪ مرڪي پيو... جڻ هو موضوع کي مٽائڻ چاهيندو هجي...
"ڪاوڙ نہ ڪيان اجان... تنهنجي قربانين جو اهو سلو مليو آهي توکي... جو اڄ پارٽي جي حڪومت هوندي بہ تون ڪيڏي نہ تنگ زندگي گذاري رهيو آهين، جو ٻن ٻارن جي اسڪول جي في بہ ڪونہ ٿو ڀري سگهين... نئون جوتو تہ ڇا؟ نئون بيگ بہ ٻارن کي ڪونہ ٿو وٺي ڏيئي سگهين"
"ڇري اهي ڏکيا ڏينهن آهن... گذري ويندا" سرواڻ جي اکين مان ڳوڙها ڪرندا رهيا.
"ڏس سرواڻ، روڪي سگهئين تون ڏک کي... مان بہ اهو ئي ٿي چيو تہ جن کي تو اڳ کان وٺي پارٽي ۾ وٺي وئين... اڄ

اهي منسٽر ۽ ايم پي ايز ٿي وينا آهن، جيڪي تنهنجي اڳيان پويان لور لور پيا ڪندا هئا... اڄ جڏهن انهن جي اڳيان پويان پروٽوڪول آهي ته تون هنن ڪي هڪ پل لاءِ به ياد ناهين... تنهنجي زندگي ڪيئن پئي گذري... "هوءَ روئي پئي ٿي ۽ سرواڻ جي جهول ۾ ڪنڌ رکي ڇڏي ٿي... هو هن جو چهرو ٻنهي هٿن سان پڪڙي پرچائڻ لڳي ٿو... هن جا اکين مان ڪرندڙ ڳوڙها سندس هٿ آلا ڪري ڇڏين ٿا... هو هن کي ڀاڪر ۾ ڀري پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳائي ٿو... هوءَ ڄڻ هن جي وجود ۾ پناهه وٺي ٿي ۽ سڏڪي پئي ٿي...

هو لفظن کي اندر مان چيري ڪڍي ٿو" رضي، دل نہ لاهہ... تون هڪ اڌوري وجود جي پناهہ ۾ ضرور آهين، پر درد ورهائي ڪونہ ڪٽبو."

هوءَ سرواڻ جي جملي سان ئي سڏڪن ۾ ٻنجي وجي ٿي... هو بہ هن جي سڏڪن جو حصو ٻڻجي وڃي ٿو... سرواڻ ڀنل اکيون مٿي کڻي ٿو... سامهون ڪامريڊ مانڌل بيٺل هو، جنهن جا ٻئي هٿ خالي هئا ۽ اکين ۾ ڳوڙها هئا.

"ڪامريڊ مان سڀاڻي پريس ڪانفرنس ڪرڻ چاهيان ٿو، پنهنجي قائد خلاف، پنهنجي پارٽي خلاف، ڪرپٽ وزيرن، مشيرن خلاف ۽ وقت جي بگهڙن خلاف."

هو خاموش ئي سرواڻ اڳيان بيٺل رهيو...

"ها ڪامريڊ، مان سڀاڻي اهڙي پريس ڪانفرنس ڪندس جيڪا سيني جي منهن تي هڪ زوردار چماٽ هوندي، پر اهو ڪم توکي ڪرڻو آهي."

ڪامريڊ مانڌل رڳو "ها" ۾ ڪنڌ لوڏي ٿو...


سرواڻ جي اڳيان هر سنڌي ۽ اردو چينلن جي لوگي وارا مائيڪ رکيل هئا... سامهون ڪئمرا جون قطارون هيون... صحافين جو هڪ ميڙ هو، جيڪو پنهنجي پنهنجي چئنل کي بريڪنگ نيوز ڏئي رهيو هو...

سرواڻ جي ڳالهائڻ سان سڄي ماحول ۾ خاموشي پکڙجي وئي هئي... "توهان کي منهنجي معذوريءَ جي ڄاڻ آهي تہ هي منهنجون ٻئي ٽنگون ڪنهن حادثي ۾ ڪونہ ضايع ٿيون اُهن... پر وري بہ مان توهان کي اهو ٻڌائڻ گهران ٿو تہ منهنجون هي ٻئي ٽنگون ڊڪٽيٽر جي دور ۾ سرڪاري شڪارين گولي هڻي ختم ڪيون هيون... ان حملي ۾ منهنجو دوست اياز شهيد ٿي ويو هو... وقت جو ڊڪٽيٽر وڏو طاقتور هو، پر پوءِ بہ پارٽيءَ



جي ڪارڪن ڪان ڏاڍو خائف هو... انهيءَ ڪري پارٽي کي ختم ڪرڻ لاءِ هن ايڪٽيو ڪارڪن کي چونڊي چونڊي شهيد ٿي ڪيو... اهي رت جون قربانيون هيون ڪارڪن جون پارٽيءَ لاءِ... ڇو جو شهادت اسان جو ورثو هئي..؟ ۽ ان ورثي جي بدلي ئي اڄ حڪومت اسان جي پارٽيءَ جي آهي، پر ڪارڪن اڄ بہ تڪليف ۾ آهي، دربدر آهي، مايوس آهي، هڪ ويلو ڪائي ٿو تہ ٻي ويلي لاءِ واجهائي ٿو... پارٽيءَ جا وزير ۽ مشير انتهائي ڪرپٽ آهن... انهن جي ڪرپشن ڪرڻ جي ڪا حد ئي مقرر ناهي... بس، انهن جو دين ۽ ايمان صرف پئسو ئي پئسو آهي... هنن جي عياشي ۽ شراب جي نشي مان اک ئي نٿي کلي... هو عوام جي ووٽ تي اسيمبليءَ ۾ پهچي، اُڏوهي بڻجي... عوام جو ماس بہ ڪائي رهيا آهن تہ پارٽيءَ کي ڪمزور بہ ڪري رهيا آهن، جن جو ماضيءَ ۾ پارٽيءَ سان ڪو ترَ جو واسطو بہ نہ رهيو آهي... ڪنهن جي بہ وجود تي قربانيءَ جو ڪو نپو ئي ناهي لڳل، پر اڄ هو پارٽيءَ جا وارث بڻيا وينا آهن... اهڙي ماحول کي ڏسندي بہ پارٽيءَ جي قائد جي ڏکي خاموشي وارو رويو سمجهہ کان ٻاهر آهي... اڄ جي منهنجي هيءَ پريس ڪانفرنس... انهيءَ خاموش رويي خلاف هڪ ڏکي رڙ آهي... اهي سيئي ڪارڪن جيڪي بدحالي ۾ يا چريا ٿي مري ويا آهن... يا غربت هنن کي چريو ڪري ماري ڇڏيو آهي... اڄ جي هيءَ پريس ڪانفرنس انهن بگهڙن جي خلاف آهي... هڪ احتجاج آهي، جن عوام جو رت چڪي ڏنو آهي، جن اسان جهڙن ڪارڪن جي خوابن مٿان شراب جي بوتل هاري تيلي هڻي رک بڻائي ڇڏيو آهي...

مان هن ملڪ جي سڄي پريس ميڊيا اڳيان هن پنهنجي پريس ڪانفرنس ۾ احتجاج طور خودڪشي ٿو ڪريان... منهنجو موت پارٽيءَ مٿان هڪ ڪارو داغ رهندو... جنهن داغ کي ڪا بہ تاريخ ڪونہ ڌوئي سگهندي...



سرواڻ پستول ڪڍي لوندڙي تي رکي ٿو... ڪامريڊ مانڌل رڙ ڪري ٿو "نہ ڪامريڊ"،

فائر ٿئي ٿو... هڪ رت جو ڦوهارو پريس ڪلب جي ڀت کي رڱي ڇڏي ٿو... سڄي هال ۾ رڙيون پئجي وڃن ٿيون...

### ڪهاڻي

# خفيه هٿ

انور شيخ

مان جڏهن کان جيترو به هوش سنڀاليو آهي ان هوش ملڻ واري وقت ۽ تاريخ کان وٺي ٻڌندو ۽ پڙهندو پيو اچان ته اسان جي ملڪ کي خفيه هٿ ڪمزور ڪرڻ جون ڪوششون ڪري رهيا آهن. جيئن ته مان وطن پرست آهيان تنهنڪري مون کي پنهنجي پياري وطن جا دشمن ”خفيه هٿ“ پنهنجا دشمن لڳندا آهن. ٻه ٽي ڏينهن اڳ جڏهن وقت جي حاڪم صوبي جي اعليٰ آفيسرن سان ويهي اهو بيان ڏنو هو ته شهر ۾ ٿيندڙ هاڻوڪن تشدد وارن واقعن ۾ خفيه هٿ مُلَوِثُ آهن ته مان تپي باهه ٿي ويس، مون سوچيو جيڪڏهن اهي خفيه هٿ مون کي هٿ اچي وڃن ته مان انهن کي ڪپي ڪوري ڇڏيندس جن هٿن منهنجي وطن عزيز کي ڪوڪلو ڪيو آهي مان انهن کي ڪهاڙين سان قيمو ڪندس.

اسان جي محترم و مڪرم شريف النفس الحاج حاڪم صاحب فرمايو هو ته هنن واقعن ۾ انهن هٿن جو هٿ آهي جن اسان جي ملڪ کي وجود ۾ ئي نه پئي اچڻ ڏنو ۽ هن ملڪ جي تخليق کان وٺي ان کي ڊي-اسٽيبلائيزڊ De-Stabilized ڪرڻ جون ڪوششون ڪري رهيا آهن. مون سوچيو مار! اهي مئا هٽ تڏهن کان تباهيون ڪري رهيا آهن.

محترم حاڪم صاحب جي اڳيان عالي جناب اعليٰ آفيسر اهو وچن ورجايو هو ته اڄ نه ته سڀاڻي انهن خفيه هٿن تائين ضرور پهچنداسون. مان هڪ اخبار ۾ رپورٽر طور ڪجهه عرصو اڳ شامل ٿيو آهيان. هڪ دفعي هڪ پريس ڪانفرنس ۾ وقت جي حاڪم فرمايو هو ته:

”اسان دهشتگردن کي ڪڏهن به اجازت نه ڏينداسون.“ ته مان ان کان سوال ڪيو هو:

”سائين دهشتگردن اوهان کي پرميشن لاءِ درخواست ڏني آهي ڇا؟“

ان ڏينهن منهنجا ساٿي رپورٽر مون تي ناراض ٿيا هئا ۽ مون کي چيو هئائون جيستائين تون صحافت سموري نٿو سمجهين وٺين تيستائين مهرباني ڪري سوال گهٽ ڪندو ڪر.



رات اسان جي عالي جناب اعليٰ آفيسر وڏي شان ۽ مان سان هڪ پريس ڪانفرنس ڪوٺائي مان به ٻين صحافين سان گڏ اتي وڃي پهتس، شاندار ڪرسين تي اعليٰ عملدار ويٺا هئا سامهون رکيل ڊگهي ٽيبل تي ڪافي سارا هٿيار بم گولا، راڪيٽ لانچر، گوليون پيل هيون. آفيسر جي پويان ٻه چادرون جُهلن نما ٻن ٻُتَن تي پيل هيون جن جي پرسان چاڪ و چوبند جوان الرٽ بيٺل هئا. عالي جناب اعليٰ آفيسر انتهائي سرهائي مان چئي رهيو هو.

”هي اهي هٿ آهن جيڪي دهشتگردي ۾ مُلَوِثُ آهن جن کي اسان وڏي جفاڪشيءَ ۽ جوان مرديءَ ڪانپوءِ هٿ ڪيو آهي.“

مون ساٿي رپورٽر کان پڇيو:

”هي ته ٻُتَ آهن جن جي مٿان چادرن جون جُهلون ڏئي ڍڪيو اٿائون.“

ته ساٿي رپورٽر منهنجي ڪن جي ويجهو اچي چيو:

”هي ٻُتَ نه آهن پر ماڻهو آهن جن وٽ هَٿَ آهن ۽ اهي هٿ خفيه هئا جن کي اڄ هنن ظاهر ڪيو آهي.“

مون ڪيس اوتري ئي سرهاڻ ۾ چيو جيتري ۾ هن چيو هو.

”جيڪڏهن اهي هٿ آهن ۽ اهي خفيه هئا جن کي هنن ظاهر ڪيو آهي ته پوءِ هي انهن کي چادرن جون جُهلون ڏئي ڍڪين چو ٿا؟“

”اڙي چريا جيڪڏهن چادرون هٽائن ته پوءِ خفيه ڪيئن رهندا“

ساٿي رپورٽر منهنجي منهن ۾ ٽڪيندي چيو، مان غور سان جُهلون پاتل ٻتن کي ڏسندو رهيس آفيسر ڳالهائيندو رهيو ڪا گهڙي ٻتن ۾ جنبش پيدا ٿي چادرن مان هلڪا هٿڪڙيون لڳل هٿ ظاهر ٿيا جن تي بوٽ پالش جا ڪارا نشان هئا، ڪارن، پورهيو ڪندڙ هٿن کي مون هڪ دم سڃاڻي ورتو. اهي هٿ، مون کي لياريءَ ۾ گڏهه گاڏا هلائيندي ۽ صاحب لوڪن جي بوٽن کي پالش ڪندي هر گهٽيءَ ۽ روڊ تي نظر ايندا رهندا هئا.



## جديد نظم

# تاج بلوچ

نمناڪ دوزخي نهر
جيئن چوماسي ۾ ڪويل ٽي رڙي
پوهه جي پوين ڏهاڙن ۾ ائين
منهنجو تاسارو وجود
روح جي زخمن کي چينڻ واسطي
ميڪدي جا در ٽو واچيندو رهي
سڏڪو سڏڪو دوزخي آواز جي شعلي جيان
جسم ساڙيندو وتي
بند دروازا سمورا شهر جا
دستڪون ويران گلين جون صدائون
شهر ۾ ماڻهو نہ ماڻهوءَ جي ڪا بوءِ
نهر ڪا نمناڪين جي ٽي رواني
آهي دوزخ مان سوير
ڪو اهتمام آهي اجهو ٽيٽو هتي
ڦٽ روحن جا ائين پوندا ڪلي
جيئن ڪپڙي جا ڪلن ٽا تاڪيا
ڪائي مرهم ۽ نہ ڪو آهي علاج
روح جي ماتام جو
دور ٻيهر ٽيو شروع.

### اڏوهي

ڪنهن ٻهاني ڪيئن ۽ ڪهڙي طرح
گهر ۾ داخل ڪير ٽيو هو
ڪڙڪيون چوڪاٺيون ۽ در دريون
ڪپڙا لٽا سامان ڪيئي قيمتي
۽ چڪي ۾ گنج سائينءَ جو رڪيل
منهنجي ڏاڏيءَ جي چپر ڪٽ
۽ امڙ جي ڏاج جي صندوق اوچي ڪاٺ جي
منهنجي بابي جي بندوقن جا ڪنداق
ميز ڪرسي ۽ ڪتاب
ٻارڙن جون هٿ گاڏيون ٽول
رانديڪا شيون
ڪجهہ ڏهاڙن ۾ چٽي ويئي چٽي
هاڻ گهر ۾ هڪ اڇيري رڪ اڏري ٽي پئي
گهر جا مالڪ گهر جي مٽيءَ ڍير تي
جڻ تہ مٽي ٽا ڦڪين.

دل ائين چو سوچي ٽي
هاڻ وڃي جا گهنٽي
سو فون اوهان جو هوندو
مان ڏيان ٽو دوڪو
پنهنجي سرڪش دل کي
جنهن پاڻ جدائي ورتي
۽ پاڻ ئي سارو ڏينهن رهي موڳي ۽ ويڳاڻي
ائين ڪڏهن ڪو ٽيندو آ
ڏاهو ڏاهو تاج بلوچ
درد جي ڦاهيءَ چڙهندو آ.

### عزرائيل

هڏڪيءَ جو نالو آهي
جيڪا ڦڦڙن ۾ قاتل
چيٽي جي ٽن داڻن جيڏي ساهہ کي
ترڪائي ويندي آهي
تون پڻ هڪ عزرائيل
ٽيڏي اک ساڻ ڏسي
ساهہ ڪڍي نيندي آهين.

## غزل

### امداد حُسيني

اکين ٻن سکين جو اشارو ملي ويو
مُسافر کي منزل جو چارو ملي ويو
مِلينءَ تون تہ سنسار سارو ملي ويو
جيڻ لاءِ جَڳ ۾ سهارو ملي ويو
مِلي ۽ کِلي هٿُ هٿ تي ڏريائين
تہ وچ سِيرَ ۾ ڄڻ ڪنارو ملي ويو
مِٽيءَ ۾ مِلي ويو لُڙي لُڙڪ ڳل تان
لڳو ڌوڙ ۾ هڪ ستارو ملي ويو
چپن تي هئي مرڪ ۽ لُڙڪ اکين ۾
مِٺا ڄڻ مِٺي ساڻ کارو ملي ويو
جيڻ اَڻ جيڻ تي پوي ها، سٺو ٿيو
نظر کي نظر جو نظارو ملي ويو!
کِلڻ ڪنهن بہ هَٽ تان مِلي کو نہ ٿو، بس
مِڙئي ڪجھ اُڌارو سُڌارو مِلي ويو!

## نئون سال مبارڪ

### اِمتياز "عادل" سُومرو

هن جُوءِ جا جُهونجَهارَ، نئون سال مبارڪ
هوشُوءَ جا دِلِي يارَ، نئون سال مبارڪ
عَيَاش زمِيندارَ، نئون سال مبارڪ
هارِيءَ جا ٻُکيا ٻارَ، نئون سال مبارڪ
اي امُنَ جا آثارَ، نئون سال مبارڪ
خطرات خُون خُوار، نئون سال مبارڪ
مُحبت ۾ مُئل يار، نئون سال مبارڪ
ڪارِي تِي ڪُٺل نار، نئون سال مبارڪ
اي پيارَ داغدار، نئون سال مبارڪ
ڪِچرِي مان لَڌل ٻار، نئون سال مبارڪ
تهذِيب جا افڪار، نئون سال مبارڪ
تاريخ جا تَڪرار، نئون سال مبارڪ
انسان جا ڪِردار، نئون سال مبارڪ
شيطان شَرَمسار، نئون سال مبارڪ
ڪامَورڪا ڪِردار، نئون سال مبارڪ
هِن قوم سان آزار، نئون سال مبارڪ
اي امُنَ جا پَرچار، نئون سال مبارڪ
بارُودَ جا واپار، نئون سال مبارڪ
نفرَت جا طَلبگار، نئون سال مبارڪ
محبت جا مَددگار، نئون سال مبارڪ
ڏاڙِيل جا هَٿيار، نئون سال مبارڪ
قانُون جا سَهڪار، نئون سال مبارڪ
رَت ڇَاڻ خَبر چَار، نئون سال مبارڪ
تَر خُونَ سان اَخبار، نئون سال مبارڪ
بَغداد تي بَمبار، نئون سال مبارڪ
قَندار تي يَلغار، نئون سال مبارڪ...

## غزل

### مقبول مارو

ڪو روڳ ڏئي ويو روڳي آ،
ٻارهن ئي مهينا مُنڌ مينهوڳي آ.
ڪنهن لاءِ پٽڪي جيءُ اسان جو،
تي در در جو ويو جوڳي آ.
ساھ ۾ سڏڪا سارو سال،
هيءَ سزا اسان ئي ڀوڳي آ.
سمجهو جنهن کي پنهنجو هو ير،
سو يار وڏو ئي نوڳي آ.
ڪونہ ٿا سمجهون دنيا کي،
جو دل اسان جي موڳي آ.

## غزل

### علي محمد درد سولنگي

لفظ ترڻپن ۽ لڇن ٿا، شاعريءَ جي روپ ۾
سور سڏڪن ۽ رڙن ٿا، شاعريءَ جي روپ ۾.
جن ڦٽن تي مرڪ جو مرهم رکي، پٽيون ٻڌم،
ڦٽ اهي اکلڻ لڳن ٿا، شاعريءَ جي روپ ۾.
دل صفا آهي چري ۽ ان چريءَ کي ڇا ڪجي؟
ان کي دلبا ئي ڏجن ٿا، شاعريءَ جي روپ ۾.
جي ڪيم دل ۾ دفن، ڪنهن ساڻ سليم ڪينڪي،
راز سي ظاهر ٿين ٿا، شاعريءَ جي روپ ۾.
لوڪ ڪان جيڪي لڪايم، لڙڪ سي لارون ڪري،
روز ڪاغذ تي ڪرن ٿا، شاعريءَ جي روپ ۾.

## غزل

### غلام رسول گل

زلفن ۾ گلاب ڪونهي ڇو؟
اڄ منهن تي نقاب ڪونهي ڇو؟
ٿر ۾ مارن پکين جي لا
برساتي آب ڪونهي ڇو؟
پنهنجن سان روز ليکا پر
غيرن سان حساب ڪونهي ڇو؟
محفل ۾ سيئي ٿا پيئن پيا
پر هڪ کي شراب ڪونهي ڇو؟
سنڌ کي پاڻي حَصي جو ڏس
ڏيندو تہ پنجاب ڪونهي ڇو؟
منهنجي هٿ مان نشاني "گل"
۽ وئندو ڪتاب ڪونهي ڇو؟

## غزل

### مسافر هاليپوٽو

من جڪڙجي ويو درد جي ڄار ۾،
ڪو قصو ٿم پڙهيو، ڪالهہ اخبار ۾.
ڏيءَ پيءُ جي مٽان ڏوھ ڪارنهن رکيو،
ڇا پيو هي ٿئي هن تہ سنسار ۾.
مطلبن جي ڪري پاڪ رشتن مٿان،
زهر هارين پيا هي رڳو خار ۾.
ماڻهپي جو ڪري هٿ سکو آ ويو،
فرق ناهي ڏٺم عشق واپار ۾.
يا خدا تون ڪجان پاڻ پنهنجو ڪرم،
هاڻ ٻيڙو اچي آ ويو تار ۾.
عشق جي راند جو، فيصلو ٿا ڪيون،
جيت تنهنجي سدا مان سدا هار ۾.
تيز دنيا اٿئي او مسافر چريا،
تون ڪٿي ٿو پڇين سُست رفتار ۾.

## غزل

### منور علي "منور" ڪيهر

منهن ڏيکيندين ملال ڪونهي ڪو،
وِصل کي ڪو وصال ڪونهي ڪو.
مُسڪرائي نهار مون ڏي تون،
ديد جو دَرُ نهال ڪونهي ڪو.
حُسن جي ڪوٺ ڪا مٿا ڪونهي،
تنهنجو پر ڪو مثال ڪونهي ڪو.
سٽ پئي، ڏان جو هيو سٽڪو،
ان تہ اجرو پلال ڪونهي ڪو.
حال ههڙو ٿيو مٿا منهنجو،
اڄ پرين ڪو جمال ڪونهي ڪو.
حال بدحال ڪو مٿا ڪونهي،
سپ سٺو پر ريال ڪونهي ڪو.
ڪر پرين ڪال پوءِ پڇي ويندس،
ڏاريو ڪو دلال ڪونهي ڪو.
پيٽ پرجي نٿو لٽيرن جو،
ٿا چون ڇا عيال ڪونهي ڪو،
مفت جو مال ميڙ ميڙان ٿن،
چور چوندا حلال ڪونهي ڪو.
راڄ آ ظلم ڪو هتي جاري،
آ حشر پر دجال ڪونهي ڪو.
بند رهي گيس تي بلب بند آ،
روز رڏٽو بحال ڪونهي ڪو.
ٿو ميجان جسم ناتوان آهي،
روح کي ڪو زوال ڪونهي ڪو.
تو تہ "منور" ڪيو مٿا مون کي،
ڪيهر جو ڪو ڪمال ڪونهي ڪو.

حصو پندرهون


# وينس وينگس آهي

اعجاز منگي

وينس جو نالو اچڻ سان ڪنهن خوبصورت الهڙ جوانڙي جو تصور ذهن ۾ ايري ٿو. ننڍي عمر ۾ وينس جي لاءِ ٻڌندا هئاسين تہ پاڻي جو ٺهيل شهر آهي جتي روڊن بدران ننڍا واهہ آهن ۽ جتي گهر پاڻي ۾ آهن جتي مارڪو پولو رهندو هو، جنهن پوري دنيا گهمي هئي، جتي زندگي ائين هلندي هئي جيئن ڪنوار تيار ٿي گاڏي مان لهي شادي هال ڏانهن ايندي هئي، آهستي آهستي خوشبو سان ڀريل ۽ اڪين ۾ خواب سجايل، مان بہ اهڙي زندگي ۽ اهڙي خوبصورت جوانڙي ڏسڻ لاءِ فرانسڪاتي جي پاڪر مان نڪري وڃڻ لاءِ تيار هئس.

صبح جو صفا سوير روم ڪان ٽرين وٺڻي هئي جيڪا اسان کي وينس ڏانهن وٺي وڃي ها. وينس جيڪا محبوبہ جيان آهي، صفا سوير اسان کي فرانسڪاتي مان ٽرين وٺڻي هئي فرانسڪاتي مان پهرين ريل گاڏي ساڍي پنجين وڳي نڪرندي آهي. ٽڏ جا ڏينهن هئا ٽڏ پنهنجي جوڀن تي هئي ڪمرن ۾ هيٽر هلڻ شروع ٿي ويا ۽ گيزر بہ هلن پيا. سوير سوير وهنجي ٻاهر نڪتاسين اڃان انڌيرو هو، اڃان بستر گرم هو، اڃان گهٽيون گهٽن جي پاڪرن ۾ هيون، اڃان زندگي سجاڳ نہ ٿي هئي. جڏهن هوٽل جي دروازي تي پهتاسين تہ دروازو بند هو رسيپشن تي ويس جيئن هوٽل جو دروازو کولرائي سگهان اڌ وهي ۾ آيل پوڙهو اٽيلين ننڊ جي پنڪين ۾ هو، ڊيسڪ تي ٺڪ ٺڪ ڪيم تہ سجاڳ ٿيو انگريزي ۾ چيومانس تہ دروازو کولي ڏي سندس اکين ۾ ٿوري حيراني آئي تہ ڪيڏانهن ٿا وڃن هن هوٽل ۾ رهندي ڪافي عرصو گذري چڪو هو ان لاءِ سيني سان ڄاڻ سڃاڻ ٿي وئي هئي. اکين جي حيرانگي کي ڄاچيندي چيومانس تہ وينس ٿا وڃون سندس چهري تي هلڪي مسڪراهٽ اچي وئي "اوهہ" ڪري ٻٽڻ دٻايائين دروازو کلي ويو ننڊ مان اٿڻ مان دير ٿي وئي هئي ٽائيم ڏٺوسين تہ ٽرين نڪرڻ ۾ پندرهن منٽ هئا. ان ڪانپوءِ جيڪا ڊوڙ لڳائي اڃان تائين ياد آهي. مان سفر تي نڪرڻ لاءِ تمام گهٽ سامان کڻندو آهيان خاص طور تي اهو سفر جيڪو ننڍو هجي سو بيگ پٺي ۾ ڦاسائي اچي ڊوڙ لڳائي جيڪڏهن راندين جو مقابلو هجي ها تہ ضرور پهريون نمبر اچان ها. پندرهن منٽ ريل نڪرڻ ۾ هئا ڏهن منٽن ۾ پهچڻو هو پنجن منٽن ۾ ٽڪيٽ وٺڻي هئي. ڊوڙڻ وقت صرف پنهنجن ئي جوتن جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي پيو نيٽ وچي ٽائيم تي پهتس گهٽيون چڙهايون هيون پر همت نہ هاري وچي پهتس ٻاهر شديد سردي هئي پر تيز ڊوڙ لڳائڻ جي ڪري جسم ايترو گرم ٿي چڪو هو جو دل پئي چوي تہ جيڪيٽ لاهي ڇڏيان.

ٽڪيٽن جي مشين اڳيان بہ لائين لڳل هئي، پر ائين نہ هو جو ٻين کي پوئتي ڪري مان ٽڪيٽ وٺان ها. اها انتهائي بدتميزي هجي ها ۽ ڪوبہ ان کي سٺو نہ سمجهي ها ۽ ڪوئي نہ ڪوئي ڪجهہ چوي ها، سو صبر ڪري پنهنجي واري جو انتظار ڪرڻ لڳس، واري اچي وئي ٽڪيٽ ورتم، پليٽ فارم تي پهتس تہ گاڏي هلڻ شروع ڪيو ۽ زوريءَ وڃي مٿي چڙهيس پنهنجي ان ڪاميابي تي تمام گهڻي خوشي ٿي رهي هئي. هونئن بہ توهان جيڪي شيون پنهنجي محنت سان حاصل ڪريو انهن جي حاصل ٿيڻ ڪانپوءِ ان خوشيءَ جو هميشہ مزو ئي پنهنجو هوندو آهي. فرانسڪاتي کان اڳيان روم تائين سفر ويهہ منٽن جو هوندو هو پر ائين ڪڏهن بہ نہ ٿيو جو ٽرين پنهنجي ٽائيم کان دير سان پهتي هجي.



ٺيڪ ساڍي پنجين وڳي ٽرين هلي منهنجو خيال هو تہ ٽرين ۾ گهٽ ماڻهو هوندا پر سڄي ڀريل هئي ۽ اسان کي ڪافي وقت تائين بيهڻو پيو اڳيان هلي ٽرين هڪ اسٽيشن تي بيٺي تہ جڳهہ ملي. ڇهن ۾ ڏهہ منٽ هئا تہ وڃي روم جي اسٽيشن تي منزل هئي پليٽ فارم تي لهي سامهون لڳل اليڪٽرانڪ بورڊ تي نظر ڊوڙائي تہ وينس وڃڻ واري ٽرين جو

ٿائيم معلوم ڪجي ساڍي ڇهين وڳي جو ٽائيم اچي پيو ۽ ساڍن ٽن ڪلاڪن جو اڳيان سفر هو. ٽرين فيچاروسا يعني تيز رفتار هئي جيڪا 400 ڪلو ميٽر في ڪلاڪ جي وڌ ۾ وڌ رفتار هلڻ واري هئي.

ٽڪيٽن واري مشين تان ٽڪيٽون وٺي انتظار ڪرڻ لڳس. چوڌاري ڇهڇٽو لڳو پيو هو، جيتوڻيڪ سخت سيءُ هو. پارو پئي پيو ته ماڻهن کي ڪا پرواهه ئي نه هئي، اها ته سندن روز مره جي ڳالهه هئي. اسان به پاڻ کي مڪمل پيڪ ڪيو هو. مون سان گڏ منهنجو دوست انعام شاهه به روم ۾ گڏيو هو، ان به چيو هو ته مون سان گڏجي وينس ڏسڻ هلندين، مون چيو واهه پوءِ ته ڀلو؟ ڪمپني رهندي. ان به پاڻ کي سيءُ کان بچائڻ لاءِ ويڙهيو سيڙهيو هو.

يورپ ۾ جن به ملڪن ۾ مان ويو آهيان اتي هڪ ڳالهه زبردست ڏٺي آهي ته ماڻهو صبح جو سوير اٿن ٿا ڪم ڪار سان لڳن ٿا ۽ شام جو سج لٿي گهرن پيڙا ٿيندا يا وري دوستن سان رهاڻين ۾ هوندا. اها روايت مون کي ڏاڍي وڻندي آهي. اوهان جي ننڊ به پوري ٿي ويندي ۽ سڄو ڏينهن ڏاڍو زبردست گذرندو پر اسان وٽ ڪم ئي ابتو آهي ننڍا شهر هجن يا وڏا دڪان تمام گهڻا رات جو دير تائين ڪليل رهندا آهن ۽ ڏينهن جو دير سان ڪلندا آهن. مون کي هڪ واقعو ٿو ياد اچي اسلام آباد ۾ جنهن علائقي ۾ رهندو آهيان اتي صبح جو سوير مون کي دوا جي ضرورت پئجي وئي، مان ميڊيڪل اسٽور تي پهتس ته بند، اتي سبزي واري کان پڇا ڪيم ته کهڙي وقت کلندو آهي، چيائين ته يارهين وڳي کان اڳ مون ڪيس دڪان کوليندي ناهي ڏٺو ۽ رات جو ٻارهين وڳي ڪانپوءِ بند ڪندو آهي. عجيب صورتحال هئي، نيٺ مون کي هڪ اسپتال جي اسٽور تان دوا وٺڻي پئي جيڪا منهنجي گهر کان ڪافي پري هئي.

جيئن حيدرآباد جي پرائيويٽ ڪلينڪن جا ڊاڪٽر رات جو دير تائين مريض ڏسندا آهن، ٻه ٽي ٿيندا آهن رات جا پوءِ به ويٺا مريض جاچيندا آهن ڏينهن جو ڳولهيا نه لڀندا، جيڪڏهن ڪنهن کي ڪا تڪليف هجي ته انتظار ڪري يا پنهنجو علاج پاڻ ڪري، خبر ناهي اهڙا ڊاڪٽر جيڪڏهن سرڪاري ملازم هوندا ته اهي پنهنجي ملازمت سان انصاف ڪيئن ڪندا هوندا.

ساڍا ڇهه ٿيا ٽرين ۾ چڙهياسين ٽرين هلڻ شروع ٿي، وقت جي پابندي ڪيڏي نه زبردست شيءِ آهي. مان پاڻ به وقت جو پابند ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان. زندگي جي ڪار وهنوار ۾ تمام گهڻي آساني پيدا ٿي وڃي ٿي. ٽرين جي ٻاهران اهي خوبصورت نظارا ۽ فطرتي حسن ڪنهن ناري جي ناز وانگر دل لڀائيندڙ ۽ دلڪش ساوڪ ۽ وڻڪار اکين کي ڪيڏو نه مزو ڏئي ٿي ۽ اسان ۾ اهو احساس ئي نه آهي. هتي هر گهر اڳيان هرهڪ گل گلزاري ڪيو ويٺو آهي پر اسان ڪراچي جي پوش علائقي ڊفينس ۾ به گهمنداسين ته رستن تي گند نظر ايندو ۽ گل ٻوٽن جي ڳالهه ئي پري، منهنجو اڪثر ڊفينس ۾ وڃڻ ٿيندو هو ۽ آهي. توهان ڪنهن به فيز ۾ وڃي ڏسو عجيب رڄ جو احساس ٿيندو آهي يا مان شايد وڌيڪ حساس آهيان.

ٽرين 380 کان 400 ڪلو ميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان هلندي رهي. اوچتو ئي اوچتو ائين محسوس ٿيو ته ٽرين پاڻي جي اندر ٿي وڃي نگاهن تائين پاڻي ئي پاڻي پکڙيل هو. سنڌي ۾ چوندا آهن نه "مار! رڳو ڇر ئي ڇر" ائين لڳو ڄڻ هڪ لڪير ۾ ريل پئي لڳي ۽ چوڌاري صرف پاڻي ئي پاڻي هو، سمنڊ ئي سمنڊ. وينس جيڪو پاڻي ۾ ٻڏل آهي. وينس جنهن ۾ روڊن بدران واهه آهن، جتي ٻيڙيون ٿيون هلن ۽ جتي پيٽرول ۽ گاڏين جو تصور ناهي، وينس جيڪا وينگس آهي، جيڪا چلڪندڙ جسم سان پاڻي ۾ وهنجندي آهي، جيڪا دنيا کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندي آهي. اها آهستي آواز ۾ چئي رهي هئي سنڌ ديس جا مسافر ڀلي ڪري آيا. ... هلندڙ....



ماهوار مئگزين همسري حيدرآباد Regd. No: 3160

# نيويارڪ ۾ نوَ ڏينهن

زاهده ابڙو

اربع ڏينهن مُرڪ چيو ته اڄ پاڻ ففٿ ايونيو ٿا هلون، مون ڪانئس سوال ڪيو ته اتي گهمڻ لاءِ ڇا آهي ته چيائين، اڄ بس توهان کي هتان جو مشهور ۽ وڏو چرچ گهمائڻ ٿي هلان. مون کي ڏاڍي خوشي ٿي ڇو ته چرچ ۾ وڃڻ لاءِ مون کي ننڍي هوندي کان ئي شوق رهيو هو، جيڪو آخرڪار حيدرآباد ۾ منهنجي هڪ مسيحي ڪوليگ جي شاديءَ ۾ وڃڻ سان پورو ٿيو هو، پر تصويرن ۽ فلمن ۾ ڏٺل وڏن ڪيٿيڊرل ۾ وڃڻ جو شوق اڃان باقي هو سو ان ڏينهن ڏاڍي خوش هئس ته اڄ چرچ جي زيارت ڪبي. مُرڪ اها اطلاع ٻاهران اچڻ سان ئي ڏيئي ڇڏي ته ٻاهر اڄ صفا پارو ٿو پوي سو مون پنهنجي وس آهر جيترو به گرم سوٽ هو اهو اوڍيو ۽ اسان تيار ٿي ٻاهر نڪتاسين لفٽ ۾ هيٺ لٿاسين ته روز جي معمول مطابق پاڪستاني اعجازالحسن اسان جو مُرڪي آڌر ڀاءُ ڪيو ۽ پڇيائين ته اڄ ڪيڏانهن ٿا وڃو، ان کي ٻڌايوسين ته اسان اڄ چرچ گهمڻ ٿا وڃون جنهن تي هن مسڪرائي وراڻيو ته بلڪل وڃو اهو واقعي به ڏسڻ جهڙو آهي. اسان ٻاهر نڪتاسين ته سخت تيز هوا گهلي رهي هئي ۽ رستن تي اوور ڪوٽن ۾ ملبوس سياح عورتون ۽ مرد ڪن کي ته گلي ۾ گرم اسڪارف پاتل هئا هڪ انبوهه جي صورت ۾ سگنل تي بيٺل هئا. سگنل تي بيهڻ ۽ هلڻ هتان جي قوم جو مهذب پڻو ڏيکاري ٿو ڇو ته هو پنهنجي رياست جي ناهيل هر قانون جي پاسداري مذهب جي پاسداريءَ وانگر ڪن ٿا. ڇڻ ته ڪو خدا جو حڪم ٿيو هجين ته ٻيهي رهن يا هلي پون، پر هتي اسان وٽ ڪنهن به شيءِ جي چاهي قانون هجي يا مذهب صحيح صورت ۾ پاسداري ڏسڻ ۾ نٿي اچي ان ڪري اسان اڃان تائين پٺتي پيل قوم سڏجون ٿا ۽ اڃان خبر ناهي ته ڪيترا سال پٺتي پيل ئي رهنداسين. ان ۾ ڏوهه رڳو عوام جو به ڪونهي پر اسان جي حڪمرانن جو به آهي جن ترقيءَ لاءِ گهربل شين کي ملڪي نظام ۾ اڄ ڏينهن تائين شامل ناهي ڪيو. ٽريفڪ جو نظام وچ اوڀر وارن ننڍن وڏن ملڪن ۾ ايترو ته پلو آهي جو ان کي اولهه جي ملڪن سان ڀيٽي سگهجي ٿو، پر اسان ان کي اڄ به ايڊهاڪ واري طريقي سان هلائي رهيا آهيون. اسان به سگنل تي اچي ماڻهن سان گڏ بيٺاسين ۽ سگنل کلڻ تي اڳتي وڌندا وڃي روڊ جي ڀئي پاسي ميٽرو ٽرمينل تي بس جو انتظار ڪرڻ لڳاسين. اتي ٿوري ٿوري پنڌ تي ميٽرو جا اسٽاپ ٺهيل آهن جن تي انهن جي اچڻ ۽ وڃڻ جو وقت به لکيل آهي. بس مقرر وقت تي اتي پهچي وئي اسين به قطار ۾ لڳي بيٺاسين ۽ بس ۾ چڙهڻ کانپوءِ پنهنجو ڪارڊ استعمال ڪري وڃي سيٽن تي ويٺاسين ته اسان کانپوءِ ٻه پوڙهيون ۽ ڪمزور عورتون به بس ۾ داخل ٿيون جن کي سيٽ نه پئي ملي ته مان ۽ مُرڪ اٿي بيٺاسين ۽ هو شڪرگذاري سان ڏسندي ويهي رهيون. اهڙا ننڍا ننڍا عمل دل کي ڏاڍي خوشي ڏيندا آهن. بس هلندي ۽ بيهندي رهي، رستي تي ڊبل ڊيڪر بسون به تمام گهڻيون نظر آيون جن جي ڇت تي سيٽون رکيل آهن ۽ اهي سياحن کي سڄي علائقي جو سير ڪرائيندڙيون آهن ۽ اهي ڪنهن ٽورسٽ ڪمپنيءَ سان گڏجي بزنس ڪنديون آهن. ان ڪان علاوه هو پنهنجا گائيڊ به مهيا ڪندا آهن. اسان به ڏهن پندرهن منٽن ۾ ففٿ ايونيو تي پهتاسين جتي سينٽ پيٽرڪس ڪيٿيڊرل جي اوچي ۽ عظمت ڀري عاليشان بلڊنگ ڪر ڪڍي بيٺي هئي ۽ هر نئين آيل سياح جي دل ۾ پنهنجي جاهه ۽ جلال جي ڌاڪ ويهارڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪري رهي هئي. چرچ جي عمارت کي ڏسندي ئي منهنجا لڱ ڪانڊارجي ويا ته مان هڪ تاريخ جي اڳيان بيٺي آهيان اهو چرچ جيڪو 1878ع ۾ جڙي راس ٿيو هو. هي رومن ڪيٿولڪ چرچ آهي، هن جو آرڪيٽيڪچر تمام خوبصورت آهي ائين ٿو لڳو ڄڻ ڪنهن آرٽسٽ هن عمارت کي جادوئي آرٽ سان تعمير ڪيو



هجي. اندر وڃڻ لاءِ سيڪيورٽيءَ جو ٻه انتظام هو، اندر گهڙڻ سان هڪ دفعو احساس ٿيو ته شايد اسان هتي وينل ماڻهن جي عبادت ۾ خلل وجهي رهيا آهيون، پر پوءِ سڀ ڪجهه نظر انداز ڪري چرچ ۾ ٺهيل مختلف ڪارنر ڏسڻ لڳاسين جتي بيبي مريم ۽ حضرت عيسيٰ جا مجسما رکيل هئا، پادري ڪو درس ڏيئي رهيو هو، ڪافي ماڻهو سيٽن تي وينل هئا ۽ لڳي ٿو ته سڀ ڪيٿولڪ فرقي سان لاڳاپيل هئا. مون ته هر شيءِ کي ڏسي اهو پئي سوچيو ته مذهبي عمارتن کي جوڙڻ لاءِ شروع کان ڪيتري نه وڏي دولت خرچ ڪئي وئي آهي. اندر وڏا وڏا گبند ۽ رنگين شيشن واريون دريون هيون جن تي حضرت عيسيٰ ۽ بيبي مريم جون تصويرون پينٽ ٿيل هيون، هر شيءِ هڪ شاهڪار هئي. فنڪارن ۽ عقيدتمندن جي محبت جو اظهار هئي ۽ سحر طاري ڪندڙ هئي. اسان سڄو چرچ ڏسي آياسين ۽ ماڻهو تمام عقيدت سان درس ٻڌي رهيا هئا. آخر ۾ اسان پاسي کان پيل ميڻ بتيون جيڪي سياح ۽ عقيدتمند ٻاري رهيا هئا، اسان ٻه انهن سان يڪجهتيءَ جي اظهار ۾ ميڻ بتيون ٻاريون. اسان ٻه دل ۾ عقيدت جا گل پري ٻاهر نڪتاسين. ٻاهر جي دنيا گوڙ ۽ گهمسان سان ڀرپور هئي، ننڍا وڏا سڀ پنهنجي پنهنجي انداز ۾ نيو يارڪ جي رنگين شام کي پنهنجي اندر اوتڻ ۾ مصروف هئا. ٻاهر نڪري اسان ففٿ ايونيو تي ڪجهه اسٽورن تي وڃڻ جو سوچيو. هڪ ڳالهه ٻڌائڻ ضروري آهي ته ففٿ ايونيو نيو يارڪ جو امير ترين شاپنگ وارو علائقو آهي. هتي دنيا جا وڏا وڏا برانڊ جن ۾ ورساشي، گڇي، ٽفيني اينڊ ڪو، دا ايپل اسٽور، مڪي موٽو جتي اعليٰ ڪوالٽي جا موتي ملندا آهن، لوئي وٽان، پرادا، هيري ونٽسن، هيوگو آهن هي اهي اسٽور آهن جن تي هتان جا امير ترين ۽ فلمي اداڪار اچي شاپنگ ڪندا آهن، پر ان هوندي ٻه ڪنهن گهٽ آمدني واري کي ڪابه جهل پل ناهي ته هو اتي نٿو اچي سگهي. اسان جهڙا سياح هتي رڳو ونڊو شاپنگ لاءِ ايندا آهن. منهنجي ڌيءَ جو پسنديده اسٽور سيفورا جتي دنيا جي هر وڏي برانڊ جو ميڪ اپ ملي ٿو اهو ٻه هتي هو، هوءَ سيفورا جي هر اسٽور تي چاهي اهو ڪنهن ٻه لوڪيشن تي هجي ائين وڃڻ گهرندي آهي جيئن ڪو صوم ۽ صلوات جو پاند ڪنهن جاءِ تي مسجد ڏسي ۽ نماز مهل اندر گهڙي وڃي. ففٿ اسٽريٽ تي ٻه سيفورا اسٽور اندر گهڙي وئي جتي مان ٻه مجبور ٿي سندس پٺيان لڳيس ۽ گهمندي گهمندي مون ٻه ڪجهه پروڊڪٽس ورتيون. سيفورا اندر اهو قانون آهي ته توهان کي جيڪو ٻه ميڪ اپ اسٽور اندر بيهي لڳائڻو آهي، لڳايو توهان کي ڪابه جهل پل ڪانهي. ڪافي عورتون پارٽين ۾ وڃڻ وقت سيفورا تان وڃي مفت ۾ تيار ٿي اينديون آهن، اتي پرفيومن جا الڳ سان اسٽال آهن جتي توهان هر اهو برانڊ ٽيسٽ ڪري سگهو ٿا جنهن جي خريد ڪرڻ جي طاقت نه هجي پر خواهش هجي. عورتن سان هر وقت ڀريل هي اسٽور اڄڪلهه دنيا جي هر وڏي ملڪ ۾ آهي ۽ عورتن ۾ ڏاڍو مقبول ٻه

آهي. اتان ڪان نڪري اسان ٻاهر آياسين ته مرڪ هڪ دڪان جي پاسي بيهي رهي ۽ مئسينجر تي ڪنهن کي مئسيج ڪيائين، پڇڻ تي ٻڌايائين ته سندس ٻه يونيورسٽي ميٽ اڄ هانگ ڪانگ کان هتي آيا آهن انهن سان ملڻ لاءِ هي هند ڏنو اٿائين. اسان بيٺي ڳالهيون ڪيون اوسي پاسي ڪان ٿوري دير لاءِ بي نياز ٿي ڪچهري ڪري رهيا هئاسين ته مُرڪ جي ڇهري تي مرڪ ترندي ڏٺم ۽ هوءَ پنهنجن دوستن کي آڌر ڀاءُ لاءِ اڳتي وڌي، ”عمير ۽ زنيرا“ ٻئي مهراڻ يونيورسٽي جا شاگرد هئا ۽ سندس سٺا دوست ٻه، جن پوءِ گڏجي زندگي گذارڻ جو فيصلو ڪيو ۽ شادي ڪئي ڪجهه وقت لاءِ مهراڻ يونيورسٽيءَ ۾ ٻه ڪم ڪيو. اڳتي وڌڻ جي تمنا ۾ هنن اسڪالرشپ لاءِ اپلاءِ ڪيو ۽ ٻنهي کي گڏ اسڪالرشپ ملي وئي ۽ هي نوجوان جوڙو هن وقت هانگ ڪانگ جي ڪنهن يونيورسٽيءَ ۾ پي ايڇ ڊي ڪري رهيو آهي، ٻئي سافٽ ويئر انجنيئر آهن. ڏاڍي خوشي ٿيم ته اسان جا سنڌي نوجوان هاڻي پنهنجي مستقبل کي سنوارڻ لاءِ ۽ پاڻ مڃرائڻ لاءِ ڪيڏو نه جاکوڙي رهيا آهن. نيو يارڪ ۾ ٻئي ڄڻا ڪنهن ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ آيا هئا. اسان ففٿ اسٽريٽ تي اسٽار بڪس ڪافي



شاپ تي گڏجي ويناسين ۽ ڪچهري ڪندي منهنجي ٻه انهن ٻارن سان ڏاڍي سٺي گپ شپ ٿي، سندن مستقبل لاءِ سونهري سوچ جا سپنا جيڪي هو پنهنجين اکين ۾ سينگاري ملڪ ۽ گهر کان ٻاهر ايڏي جدوجهد ڪري رهيا آهن، دعا آهي ته شال سندن سڀئي سپنا ساڀيان ٿين. ڪافي پي هڪٻئي کان موڪلايوسين ۽ ففٿ اسٽريٽ تي هڪ ٻي ڏسڻ جهڙي جاءِ گرينڊ سينٽرل ٽرمينل جيڪو پارڪ ايونيو 42 اسٽريٽ تي آهي اوڏانهن وڌياسين. هونئن ته ميٽرو ٽرمينل سڀ ئي ڀلا آهن پر ڪجهه وري خاص آرڪيٽيڪچر ۾ ٺهيل آهن. هن ٽرمينل جو آرڪيٽيڪچر تمام خوبصورت آهي ۽ ان جي ڇت کي آسماني رنگ سان پينٽ ڪيو اٿن ۽ مٿس سونهري رنگ سان تارا پينٽ ٿيل آهن ۽ ان ۾ سيني برجن جون نشانيون پينٽ

ٽيل آهن. ڇت تمام مٿي آهي سونهري پٽر سان جڙيل پٽيون ۽ آسماني ڇت روشنين سان جڳ مڳ ڪندڙ هال بس ڏسڻ وٽان آهي. هتي اهڙيون تاريخي شيون ڪي اڄڪلهه جون ناهن ٺهيل انهن جي تاريخ ڪا گهڻي پراڻي نه تڏهن به هڪ ٻه صديون ضرور پراڻي آهي. هي اسٽيشن به 1900 ۾ هن خوبصورت انداز ۽ آرڪيٽيڪچر ۾ ٺاهي وئي هئي. اتي ايئرپورٽ جهڙو ماحول آهي مني چينجر جا دڪان، ريسٽورانٽ ۽ ڪجهه ٻيا آئوٽليٽس به نظر آيا. اسان وٽ جيئن ته وقت گهٽ ۽ گهمڻ ڦرڻ لاءِ جايون وڏيڪ هيون، ان لاءِ ٿورو ٿورو نظارو ڪري اتان نڪتاسين ته جيئن پنهنجي رٿيل پلان تي پورا هلي سگهون.



ايترو گهمڻ ۽ ڦرڻ ڪانپوءِ هاڻي بک اچي ستايو، جيئن ته ڪارڊ فوڊ ڪائڻ ڪان مون بنهه انڪار ڪري ڇڏيو هو ان ڪري اسان هڪ انڊين ريسٽورانٽ جي ڳولا ۾ هئاسين. مرڪ کي ڪنهن دوست ٻڌايو هو ته اتي هڪ انڊين ريسٽورانٽ "انڊي ڪچن" جي نالي سان آهي اسان گرينڊ سينٽرل اسٽيشن کان نڪري اتي پهتاسين، سخت سيءُ هو ۽ جڏهن ريسٽورانٽ ۾ اندر داخل ٿياسين ته اندر ڪچن جي گرمي ۽ ديسي کاڌي جي خوشبو بک کي اجان وڌائي ڇڏيو اسان هڪ چڪن ۽ هڪ دال فراءِ ان سان گڏ نان ۽ رائتو به گهرايو. ملڪ کان پري ديسي کاڌو جهڙو به هجي ڏاڍو مزو ڏيندو آهي. خميس واري ڏينهن مرڪ مون کان پڇيو ته مما توهان کي يو اين (گڏيل قومن جو ادارو) گهمڻو آهي؟ جنهن تي مون کي ٿوري حيرت ٿي ۽ پڇيومانس ته ڇا اتي عام ماڻهو وڃي گهمي سگهن ٿا، جنهن تي چيائين ته ها عام ماڻهو وڃي سگهن ٿا پر انهن جو پروسيجر ٿورو مخلتف آهي پر توهان کي هڪ ڊپلوميٽ اهو سير ڪرائيندي ۽ مون کي سچ ته اوڏيءَ مهل پنهنجي ڌيءَ تي ڏاڍو مان ٿيڻ لڳو. شال سدائين مُرڪ مرڪون ماڻي ۽ ڪامياب رهي. جمعي واري ڏينهن اسان يو اين جو پروگرام ٺاهيو، مرڪ يو اين آفيس وڃڻ ۽ اچڻ لاءِ ميٽرو بس استعمال ڪندي آهي. اڄ هوءَ آفيس مان جلدي آئي ۽ مون کي اچڻ کان اڳ ۾ ئي ڪال ڪري چيو هئائين ته مان هڪ وڳي تائين تيار هجان ته جيئن جلدي نڪري سگهون. مرڪ پنهنجي طبيعت ۾ تمام ڦڙت ۽ ڊسيپلين سان عمل ڪرڻ واري ڇوڪري آهي مون کي پاسپورٽ کڻڻ لاءِ چيائين ۽ مون پنهنجو پاسپورٽ ڪيس ڏنو جيڪو هن پنهنجي بئڪ پئڪ ۾ رکيو. اسان ٻاهر نڪتاسين ته موسم خوشگوار هو سيءُ گهٽ هو. بس ۾ چڙهڻ لاءِ ٽرمينل تي پهتاسين، بس اچڻ شرط سوار ٿياسين اڄ بس ۾ به رش نه هئي ته مسافرن جي قطار نندي هئي. مرڪ جيئن ئي ڪارڊ اسڪريچ ڪيو ته اسڪرين تي مئسيج آيو ته ڪارڊ ۾ پئسا ختم ٿي چڪا آهن، پر ڊرائيور مرڪي اسان کي سيٽ تي ويهڻ جو اشارو ڪيو. مون کي هتان جي ڪجهه شين حيران ڪيو جن مان هڪ اهو تجربو به هو ته ڊرائيور اسان کي نه شرمنده ڪيو ۽ نه ڪيش جمع ڪرائڻ لاءِ چيو. بهرحال تهذيب يافته قومن جا رويا به مهذب ٿي هوندا آهن. انهن ننڍين ننڍين روين سان قومون پنهنجي سڃاڻپ دنيا تائين ڪرائينديون آهن. اسان کي بس يو اين جي بلڊنگ جي اڳيان لاٿو جتان ٿورو پنڌ ڪري اسان بلڊنگ جي ويجهو پهتاسين يو اين جي بلڊنگ جي ٻاهرين پاسي انهن سيني ملڪن جا جهنڊا لڳل آهن جيڪي يو اين جا ميمبر آهن. گيٽ کان ٻاهر بيٺي مون سوچيو ته هي وزٽ منهنجي زندگيءَ جو يادگار وزٽ هوندو ڇو ته هر سياح يو اين جي بلڊنگ تائين نٿو پهچي ۽ سچي ڳالهه اها آهي ته مون کي پنهنجي قسمت تي ٿورو رشڪ ٿيڻ لڳو ته مان اڄ هتي آهيان ته مرڪ جي ڪري ئي پهتي آهيان. مون گيٽ مان اندر ٿيندي ئي مرڪ کي فوٽو ڪڍڻ لاءِ چيو ته مون کي چيائين ته صبر ڪريو فوٽو گرافي لاءِ اندر گهڻو ڪجهه آهي. بلڊنگ تمام وڏي ۽ خوبصورت آهي مختلف ملڪن جي ڪميشن جون هتي آفيسون آهن اسان بلڊنگ جي لابيءَ ۾ آياسين جتي وچ ۾ هڪ گول دائري ۾ ڪائونٽر ٺهيل هو ڪيترائي ماڻهو اتي ويٺل هئا جيڪي سياحن کي اندر گهمڻ لاءِ موڪل ڏيڻ واري طريقي تي ڪم ڪري رهيا هئا ۽ ڪين اجازت نامون ڏيئي رهيا هئا. ڪيترائي ڊپلوميٽس پنهنجن دوستن ۽ رشتيدارن لاءِ اجازت نامان ٺهرائي رهيا هئا. مون کي به اجازت نامون مليو ۽ اهو ٽيگ مون پنهنجي ڪوٽ جي ڪالر تي لڳايو ۽ پاسپورٽ اتي ئي جمع ڪرائي اڳتي وڌياسين. هر ڪاريڊور ۽ لابي کي مختلف Theme سان سينگاريو ويو آهي جنهن ۾ يو اين جي مختلف ايجنڊا تي ڪم ڪيل آهي. جنهن ۾ هٿيارن جي روڪ، ٻارن جا حق، عورتن جا حق وغيره شامل هئا. مختلف جاين تي مختلف قسمن جا مجسما ۽ پينٽنگون رکيل هيون جيڪي يو اين جي ميمبر ملڪن ڪين گفٽ طور اماڻيون آهن. مرڪ مون کي مختلف جايون ڏيکاريندي اڳتي پئي وڌي چيائين ته هلو ته توهان کي جنرل اسيمبلي ڏيکاريان. جنرل اسيمبليءَ ۾ ان وقت ڪوبه اجلاس نه هو ۽ اسان اندر داخل ٿياسين ته هڪ نيگر سيڪيورٽي آفيسر ڪنهن ملڪ جي ماڻهن سان تڪرار ڪري رهي هئي. ...(هلندڙ)...

## ڪتاب تي تبصرو

# ”اک نماڻي ڪجل سڏڪا“

اصغر شر

نئين ٽهي جي سهڻن قلمڪارن ۾ شامل ٿيندڙ هڪ سهڻو شاعر علي عاجز جنهن جي شاعريءَ جو پهريون مجموعو منهنجي هٿن تائين پهتو اهو آهي ”اک نماڻي ڪجل سڏڪا“. منهنجي مطالعي ۾ اڄ تائين ڪنهن شاعر جي پهرين تصنيف اهڙي ڪا بہ ناهي گذري جيڪا پهرين ئي ايتري جامع ۽ فني فڪري حوالي سان وزن دار هجي. سال اڳ سعيد سومري جو ڪتاب ”اڌ خيال جي خاڪ“ ۽ سعيد ميمڻ جو ”ازل جو آڌاٽو“ نظر مان گذريا آهن جيڪي پڻ ان وزن تي لکيل آهن، جيڪو وزن فاعلاتن مفاعلن فعلن تي آهن. هي ڪتاب پڻ ان ئي وزن تي لکيل آهي.

اهڙيءَ طرح هن ڪتاب ۾ هڪ ئي وزن تي 110 غزل لکيل آهن. ڪتاب پڙهڻ کان پهريان دل ۾ خيال آيو تہ جنهن شاعر هڪ وزن تي 110 غزل سرجيا آهن ان شاعر غزلن ۾ ڇا ڏنو هوندو؟ وڃي انگ جو پورائو ڪيو هوندائين، پر مطالعي ڪرڻ کانپوءِ سندس غزلن ۾ شاعريءَ جي اصليت نظر آئي ۽ هڪ ئي ويهڪ ۾ ڪتاب پڙهي پورو ڪيم. سندس ڪتاب ۾ شامل غزلن ۾ امن جو پيغام، پنهنجي حق کي ڇني وٺڻ جو درس، ڌرتي جي مٽي سان محبت، قوم سان پيار، جهالت مان نڪري اڳتي آزادي واري رستي ڏانهن وڌي هلڻ جو پيغام، امير جي عياشي، غريب جي غربت، هاري ۽ مزدور جي اگهاڙي بت، ڪاموري ۽ سردار جي جسم تي پاتل بخمل ۽ ريشم تي افسوس ۽ مزاحمت، ڪنهن هاريءَ جي ناريءَ جي عزت وڏيري وٽ پائمال ٿيڻ جو ماتم، ڪنهن پورهيت جي پيٽ سان ٻڌل پٿرن جو پڙلاءُ، غلاميءَ ۾ ڄمندڙ ڪنهن ٻار جي چيخ تہ وري ظالمن سان وڙهندي هيمون جون هڪلون ۽ دودي جي للڪار بہ تلوارن جي آواز سان گڏ سندس غزلن ۾ ٻڌي سگهجي ٿي. سندس شعر آهي تہ:

ويڙهہ جي واٽ جنهن وٺائي آ
سو تہ آهي جناب ڌرتيءَ جو
ساٿيان هاڻ نيٺ ماڻيندو
آجپو ئي خواب ڌرتي جو.

يعني علي عاجز وطن جي آزادي واري خواب جي تعبير ڪرڻ جي لاءِ ڌارين قوتن سان وڙهڻ ضروري ٿو سمجهي ۽ سڀ کان افضل پنهنجي زندگي پنهنجي ڌرتي تي وارڻ بهتر ٿو سمجهي. جنهن جو پاڻ پنهنجي شاعريءَ ۾ اظهار ڪندي چوي ٿو:

يار! مرڪي ڏبي وطن تي جي
زندگي پو مهان ٿيندي آ.

وري اڳتي پنهنجن ئي دلالن ۽ وطن دشمنن کان آگاهہ ڪندو هلي ٿو جيڪي پنهنجا ٿي ڪري غيرن جي چوڻ ۾ اچي پنهنجن کي مارائي رهيا آهن، چوي ٿو:

روز ماڻهو ڪهن اسان جا ئي
ڪو تہ ديسي دلال ٿي ويو آ.

ان سان گڏ سندس شاعريءَ ۾ اصلاح ۽ سجاڳي بہ ملي ٿي. چوي ٿو:

سنڌ ٿيندي سکي ستابي جي
دشمنيءَ جو چڪر ڪٽي ويندو
موج درياهہ کي ڏيو واپس
سيڪ سارو ڪلر ڪٽي ويندو.

سنڌ جي بدحاليءَ جا جيڪي اهم مسئلا آهن اهي آهن قبيلائي جهيڙا ۽ پاڻيءَ جو مسئلو. جنهن ۾ قبيلائي جهيڙن جي ڪري اسان جا خاندان ئي ختم ٿي وڃن ٿا تہ ٻئي پاسي پاڻيءَ جي کوٽ جي ڪري سنڌ جي سون جهڙي زمين ڪلر ۽ بنجر ٿيندي پئي وڃي.

1947ع ۾ جڏهن مذهب جي آڙ ۾ سنڌين کي اقليت ۾ آڻڻ جي لاءِ غير مسلم هندو سنڌي ڀائرن کي لڏائڻ جي ڳالهہ ۽ ان کانپوءِ واري ديس جي حالت پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪيتري واضح ڪئي اٿائين، چوي ٿو:

ديس دلبر
ويا لڏي هٿڙان
ڏينهن ڏکيو ڇمن
مٿان آيو.

شاعر هميشہ امن، محبت، پيار ۽ ڀائپي چاهيندو آهي. هو مذهبن ۽ ذاتين کان محبت ۽ انسان دوستيءَ کي وڌيڪ ترجيح ڏيندو آهي. جيئن چوي ٿو:

فرق هي ذات پات جو
ڊاهي
سوچ ڌاري اتم اچو
ڊولڻ.




عاجز شاعريءَ ۾ تشبيهن جو استعمال ڪندي چوي ٿو:

مون تہ سمجهي
مسيت وانگر آ
ڳوٺ تنهنجي جي هر ڳلي سائڻ!

محبوب جي ڳوٺ جي هر ڳلي کي مسيت جيان مقدس سمجهڻ، جنهن ۾ هو پنهنجي عشق جي سچائيءَ جو ثبوت ڏئي ٿو ڇڏي. ن رڳو تشبيهون پر سندس شاعريءَ ۾ تجنيس حرفي بہ هر شعر ۾ استعمال ٿيل نظر اچي ٿي. جنهن جي ڪري سندس شاعري اڃان بہ وڌيڪ خوبصورت ٿيو پوي. جن ۾ ڪجهہ شعر هت ڏجن ٿا:

پل پڪارن پيا پرين توکي
نيهڙو ها وڃو نيائي من!
سنڌ سڏڪا ڀري رني آهي
قيد عربن ڪئي نياڻي آ.

علي عاجز جتي محبوب جي ڳٽن تي چميءَ جي ۽ محبوب سان چوري چوري ملڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي تہ اتي ئي وري هاريءَ جي ٻچن جو برو حال ڏسي تڙپي چوڻ لڳي ٿو تہ:

هت برو آهہ حال هاريءَ جو
سور سارو ئي سال هاريءَ جو.

علي عاجز جي شاعريءَ جو ڪتاب پڙهي ائين محسوس ٿيو ڄڻ تہ ڪو هن وٽ هر ڏکايل دل جو داستان ۽ ان جي دردن جي ترجماني ڪرڻ بہ هن جي ئي ذمي هجي.

## پروفائل

# ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار امر جليل

مدهوش مير

اروڙ جي رڻ جو راهي، ڪپيل ٻانهن جو واڪ ڏيندڙ، ڏينهن جي روشني کان ستايل، رات جي اونداهي ۾ روشني جي ڪرڻي جو منتظر، سنڌوءَ جي سيند ۾ ريگستان جي رڻ پٽ کان خوشين جي تيز ڇولين جي آس رکندڙ. انسان دوست ۽ سنڌ پرست محترم امر جليل. سنڌ جو امر ڪردار، چوٽيءَ جي ڪهاڻيڪار، ناول نگار، نثر نويس، ڪالم نگار ۽ ڊرامہ نگار، امر جليل جو جنم 8 نومبر 1936 تي سنڌ جي مشهور شهر روهڙي ۾ ٿيو. محترم امر جليل جو اصل نالو قاضي عبدالجليل آهي، سندس والد جو نالو عبدالغني آهي، امر جليل ابتدائي تعليم سنڌ جي گاديءَ واري هنڌ ڪراچي جي رتن تلاءُ پرائمري اسڪول ۾ حاصل ڪئي. وڌيڪ تعليم بي. اي تائين نوابشاهہ ۾ حاصل ڪئي، ان ڪانپوءِ ايم. اي اقتصاديات ۾ ڪراچي يونيورسٽي مان ڪيائين. ان ڪانسواءِ پاڻ سنڌ يونيورسٽي مان ايم. اي تاريخ ۾ بہ ڪيائين، امر جليل آمريڪا جي فلوريڊا اسٽيٽ يونيورسٽي مان ايڊيوڪيشن ۾ گريجوئيشن جو ڪورس بہ ڪيو. سندس ادبي سفر جي شروعات پڙهائي دوارن ئي نوابشاهہ جي گورنمينٽ ڪاليج ۾ شاگردي واري دور کان شروع ٿي، جڏهن سندس ويجهي ساٿي ۽ سنڌ جي ناميارِي اديب، دانشور قمر شهباز ڪيس ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۾ وني وجڻ شروع ڪيو. شروع ۾ امر جو ادبي تخلص "جليل پريمي" هو ۽ ان ڪانپوءِ سندس استاد محترم قمر شهباز جي هم قافيہ امر جي نالي سان لکڻ شروع ڪيو.



امر جليل جي پهرين ڪهاڻي 1956 ۾ "اندرا" جي عنوان سان نوابشاهہ مان نڪرندڙ سنڌي رسالي "ادا" ۾ ڇپجي ۽ سندس پهريون سنڌي اسٽيج ڊرامو 1963 ۾ "انسان" جي نالي سان ڪراچي جي نيشنل ٿيٽر ۾ پيش ڪيو ويو. امر جليل جو ريڊيو لاءِ لکيل پهريون ڊرامو "درياءَ توتي دانهن" 1967 ۾ ريڊيو حيدرآباد تان نشر ٿيو.

امر جليل جي لکيل پهرين سنڌي فلم ڪهاڻي "نوري ڄام تماچي" هئي، ان ڪانسواءِ هن گهونگهٽ لاءِ ڪنوار، بادل، منڙا شال ملن ۽ البيلا جهڙن نالن سان ڪيترين ئي سنڌي فلمن جون ڪهاڻيون پڻ لکيون. تنهنجون منهنجون ڳالهيون جي عنوان سان سندس پهريون ڪالم 4 مئي 1972 تي روزاني هلال پاڪستان ۾ ڇپيو، ساڳي ئي عنوان هيٺ سندس ڪالمن جي مجموعي جو ڪتاب پڻ ڇپيو. ان ڪانسواءِ سندس مختلف اخبارن ۾ لکيل ڪالمن جو ٻيو مجموعو "سنڌو منهنجي ساهہ ۾" پڻ ڇپجي پڌرو ٿي مارڪيٽ ۾ آيو، جنهن پڻ وڏي شهرت ماڻي. ان ڪانسواءِ هو سنڌي اخبارن سان گڏوگڏ اردو اخبارن ۾ بہ لکندو رهيو. سندس اردو ۾ پهريون ڪالم "ڪڇ سچ ڪڇ جهوٽ" 8 اپريل 1974 ۾ هفتيوار الفتح اردو اخبار ۾ ڇپيو. سندس ڪهاڻين جو پهريون مجموعو ڪتاب "دل جي دنيا" ڇپيو جيڪو پهريون دفعو 1968 ۾ مارڪيٽ ۾ آيو. ڪتاب "دل جي دنيا" جو سنڌي ٻولين سان گڏ ٻين ٻولين ۾ بہ ترجمو هجڻ سان گڏ ڪتاب "دل جي دنيا" جا ٻيا بہ ڪيترائي شمارا مختلف پبليڪيشنز طرفان ڇپجي چڪا آهن. سندس ڪهاڻين جا ڪيترائي مجموعا ڇپيل آهن، جن مان ڪجھ هي آهن: دل جي دنيا، سنڌو منهنجي ساهہ ۾، سرد لاش جو سفر، منهنجو ڏس آسمان کان پڇو، تنهنجون منهنجون ڳالهيون، جڏهن مان نہ هوندس، تاريخ جو ڪفن، راهون جدا جدا، ٽيون وجود، رني ڪوٽ جو خزانو. امر جليل جون اوائلي ڪهاڻيون لهندڙ سج جي لام، ادب ۽ سياست ڇيني ۽ ڇرٻٽ جون ڪهاڻيون، سنڌ نامو، امر ڪهانيان ۽ ان کان علاوه سوشل ميڊيا تي ويچار ڊاٽ ڪام پاران امر جليل جون سرائيڪي ۾ بہ ڪيتريون ئي ڪهاڻيون ڇپيل آهن. هن جي ڪتابن، ڪالمن ۽ ڪهاڻين تي ڪيترائي ڀيرا پابندي پڻ لڳائي وئي، ڪيس ادبي دنيا ۾ اچڻ سان ڪيترائي مسئلا پيش آيا، جنهن جو بيان پاڻ پنهنجي ڪتاب جڏهن مان نہ هوندس جي مهاڳ ۾ لکي ٿو.

جڏهن مان نہ هوندس تي ٻن الزامن سبب بندش وڌي وئي هئي، هڪ ملڪ سان غداري ۽ ٻيو نوجوانن کي بغاوت لاءِ ڀڙڪائڻ. سالن جا سال حڪومت جي حڪم تي ريڊيو پاڪستان پاران سندس خلاف محڪمانہ ڪارروائي ۽ انڪوائري هلندي رهي. انڪوائري دوران پاڻ هڪ هنڌ لکيو اٿس تہ، "ايندڙ پنج سئو سالن تائين ڪا بہ تحرير يا ڪوبہ ڪتاب پاڪستان ۾ انقلاب جو سبب ٿي نہ سگهندو، جنهن ملڪ ۾ پڙهيل ماڻهن جو تعداد پنج سيڪڙو هجي اتي ڪا بہ تحرير انقلاب جو سبب ٿي نہ سگهندي آهي. اتي معاشي بدتري انقلاب جو سبب ٿي پوندي آهي." اهڙي ذڪر ڪرڻ بعد پتو پيو تہ امر جليل مختلف سختين هوندي بہ لکڻ نہ ڇڏيو، سندس ٽي وي تي لکيل ڪيترائي اردو ۽ سنڌي ڊراما پڻ نشر ٿي چڪا آهن. ڪيس مختا طور ڪيترائي ايوارڊ پڻ مليا آهن، جن مان ڪجھ ايوارڊ ئي خاص هجڻ جو اعزاز رکن ٿا، جڏهن تہ هڪ ايوارڊ پرائيڊ آف پرفارمنس، شاهہ لطيف ايوارڊ، شاهہ لطيف ايڪسيلنس ايوارڊ، پاڪستان رائيٽرس ايوارڊ، ٻہ دفعا سنڌ الاجي ايوارڊ، بيسٽ پلي رائيٽر آف ڊڪيڊ ايوارڊ مليا. امر جليل جو تمام بهترين مقبوليت ماڻيندڙ لکيل ناول "نيٺ گونگي ڳالهايو" مقبوليت جا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا. پاڻ سنڌي ادب جي افسانہ نگاري جو اهم ڪردار آهي. امر جليل جي ڪالم ڪاري افسانہ نگاري پنهنجي هلندڙ وقت ۽ ماحول جي مڪمل عڪاسي ڪن ٿيون، سندس لکڻين ۾ مزاح ۽ چٽر جي خاصيت اهم آهي. سندس لکڻيون ڇرڪائيندڙ جذباتي ۽ مزاحيہ هوندي بہ سنجيده ۽ پراثر آهن. امر جليل سنڌي افسانہ نويسي ۾ ڊائيلاگ ڪهاڻي متعارف ڪرائي. هن سادن ۽ بيوقوف ڪردارن سان عقل وارا نقطا سمجهايا آهن. سندس لکڻين جي ان انداز ۽ بيان کي ڏسي سنڌي ادبي سنگت پاران لائف ٽائيم اچيومينٽ ايوارڊ پڻ ڏنو ويو. سال 2008ع ۾ امر جليل جي لکڻين جا پنجاهہ سال پورا ٿيڻ تي شاهہ عبداللطيف چيئر ڪراچي يونيورسٽي ثقافت ۽ سياحت کاتو سنڌ حڪومت ۽ اڪيڊمي آف ادبيات پاران 29 جون 2008ع تي ڪراچي ۾ امر جليل جي لکڻين جي گولڊن جوبلي ملهائي وئي.

# پينٽنگ





Artist:
Waheed Bhutto

1974 ۾ وحيد ڀٽو بيگاري واھ جي ساڄي ڪنڌي ڪان سڏ پنڌ تي ضلعي جيڪب آباد جي ننڍڙي شهر مبارڪپور ۾ جنم ورتو. پنهنجي والدين جي خواهش تي فزڪس ۾ ماسٽرز ڪيائين، پر سندس عشق آرٽ سان هو ۽ ائين هڪ ڏينهن مبارڪپور کان موڪلائي لاهور روانو ٿيو، جتي نيشنل ڪاليج آف آرٽس (اين. سي. اي) مان مني ايچر پينٽنگ ۾ بيچلر آف فائن آرٽس جي ڊگري وٺي واپس موٽيو. انتهائي نفاست سان ڪم ڪندڙ هي آرٽسٽ هن وقت تائين مجسما سازي کان علاوه واٽر ڪلر، آئل ڪلر، چار ڪول، پيسٽل ۽ ٻين ميڊيمن ۾ ڪم ڪري چڪو آهي. مختلف شهرن جهڙوڪ: اسلام آباد، لاهور ۽ ڪوئيٽا ۾ سندس گروپ ۽ سولو نمائشون ٿي چڪيون آهن.

ARMY PUBLIC SCHOOLS & COLLEGES SYSTEM
APSACS
I SHALL RISE AND SHINE

# معصوم پھولوں کی خوشبو،
# دل کی کتابوں میں سدا مہکتی رہے گی

پی ایس او، آرمی پبلک اسکول کے معصوم شہداء کو خراج عقیدت پیش کرتی ہے۔



PID(K)2305 Interflow

ہر سفر کا آغاز

Ta'aluq Care Line: 0800-03000 | UAN: 111-111-PSO(776)
Website: www.psopk.com | /PSOCL

دیامر بھاشا اور مہمند ڈیمز کیلئے عطیات جمع کروائیں

COMEX
ACADEMY

# Admissions Open

## Screening Test Preparation

## CCE-2018 (PCS)

**Handouts**
**Regular Classes**
**Regular Tests**
**Grand Mock Test**

Join Us & Ensure Your Success

Contact Us:
0334-2654880

House No: B-51, Phase-1,
Qasimabad, Hyderabad,